ته فصاحت ۽ بلاغت سان چيا اٿن جو ٻڌندڙ موهجي پوي ٿو. جيئن مثال طور فرمايائون ته:

جيءُ جانب کي ڏي، نه ته موت به نيندئي جيءَ کي
اهڙا سوداگر سيد چوي، کڏهن ملندئي کي
جيءَ ڏني جانب ملي، ته ڏوهين هٿين ڏي
پوءِ ڏس قياس ڪري، ته هو چگو کي هيءُ

سندن شعر جا لفظ سادا ۽ سليس، ليکن فصاحت بلاغت سان ٽمٽار معلوم ٿين ٿا. صرف ايترو نه، بلڪ پاڻ تمثيل ۽ تشبيهه سان اهي واهڙ وهايا اٿائون جو عقل دنگ رهجيو وڃي. پاڻ سسئي جو مثال ڏيندي هن طرح فرمايو اٿائون ته:

سونهن منجهان هڪ سرکي ساهڙ، تنهن لئي سسئيءَ وهڻ نه وساريو الا
پر تو پر جو هڪ پنهونءَ تي، تنهن لئي سسئي سپ جم ساريو الا

يعني طالب جڏهن دنيا جي غلاظتن ۽ براين مان نڪري، راهه سلوڪ ۾ پير رکندو آهي، ۽ راهه طلب ۾ خواب غفلت مان بيدار ٿي هلڻ جي تياري ڪندو آهي، ته ان وقت مٿس انوار الاهي جي تجلين جو پرتو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پوءِ سالڪ ان بي کيف حسن و جمالي جي پاڇولي ڏسڻ لاءِ پنهنجي سموري زندگي وقف ڪري فنائيت کان پوءِ بقا حاصل ڪري عرفان جي منزل تي صاحب تمڪين بنجي ويندو آهي. پاڻ ساڳي هنڌ فرمائين ٿا ته:

سنگ چن، سڪ ڪڻ، ساڻ سياڻي، آهي محب بنا منهن کارو الا

يعني هي ٻن ڏينهن جي دنياوي زندگي عشق الاهي کان سواءِ عبث ۽ بيڪار آهي، ۽ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ان ڪري ئي فرمايو ته الله پاڪ جي طلب ۾ ايترو ته محو ۽ مست ٿي وڃو جو اوهان کي دنيا وارا چريو (مجنون) سمجهڻ لڳن.

حضرت جن ان مام کي پنهنجي شعر ۾ ڪيڏي نه فصاحت ۽ بلاغت سان بيان فرمايو اٿائون! اها سندن فصاحت ۽ بلاغت ايڏي ته عام ۽ سليس لفظن ۾ اوتيل آهي، جنهن مان هر خاص توڙي عام انسان فيض جي وند حاصل ڪري سگهي ٿو.

www.maktabah.org

سلاست ۽ رواني:

حضرت جن جي ڪلام ۾ سلاست ۽ رواني جو پهلو ايڏو ته نمايان آهي جو سندن سمورو ڪلام، عام فهم ۽ جلد سمجهه ۾ ايندڙ موتين جي اها مالها آهي جنهن ۾ رنگ برنگي، ۽ قسمين قسمين مضمون ۽ معنائون سمايل آهن، جيئن پاڻ فرمائين ٿا ته:

توريءَ جي ءُنہ جاءِ، سگهو مل محب موچارا

ٻئي هنڌ هن طرح فرمايائون.

جنين پانيو پاڻ کي، هڏهين ڪري هيٺو
پين کان ٻيٺو، ڪٽي ويندا خير سين

جدت ۽ ايجاد:

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ عليه جن پنهنجي شاعري ۾ جدت ۽ نواڻ جو بهترين مثال قائم ڪيو. پاڻ ڪانگ، چنڊ، سج ۽ هوا کان سواءِ ڪڪرن کي ۽ محبوب جي طرف قاصد ڪري موڪلڻ وارو مثال قائم ڪيو. جنهن جو پتو اسان کي سندن هن بيت مان پوي ٿو:

اوير ڏانهن ٽي ايريو، ڪڪر لائي ڪس
سائيندي جو "سيد" چوي، هت رهڻ ڪئون رس
اتي نيئي وس، جا ٽي ساڪن منهنجا سپرين

اهڙي طرح تمثيلي شاعري ۾ مارئي جي واتان پنهنجو پاڻ کي قصوروار قرار ڏيندي هن طرح آلاپيو اٿائون:

جيڪس کي ڪيام، اوگڻ اباڻن سان
تيلاڻهه عمر ڪوٽ ۾، ٻڌي پهر پيام
مارو ٽر ٽيام، آءٽي نيرن منجهه نجهران

حضرت پير سائين روضي ڈٹي، سنڌ جو پهريون شاعر آهي جنهن مارن ۽ عمر کي چڏي ڪري، مارئي جي واتان پنهنجا قصور ڳٽيا آهن. سندن

www.maktabah.org

شاعري جي انهي جدت ۽ نواڻ جي ڪري شاعري کي ويتر جاذبيت جو رنگ مليو.

درد:

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي شاعريءَ سڪ سوز گداز ۽ درد پري دانهن جو اهڙو تہ مجموعو آهي، جنهن کي پاڻ اندر جي آواز سان آلاپيو اٿائون.

سندن شعر جي هر هڪ سٽ، درد پريل دانهن جي عجيب آلاپ آهي. هڪ هنڌ هن طرح فرمايائون:

صائم سڪي جيئن، آذان جي آواز کي، مون تن آهي تيئن، سڪايوسجڻين

پئي هنڌ درد ۽ فراق ۾ هن ريت فرمايو اٿائون تہ:

اڳ آسرو نہ جي ساءِ الا، اچي ڪامل پير قدم
سگهو موڻج سپرين ساءِ الا، نات دوست ڏيان ٿي دم
هن منهنجي حال جو ساءِ الا، آهين اجها تون عالم
سڪي تنهنجي سڪ ۾ ساءِ الا، منهنجو جام ويو سپ جم
حامي هر دو جهان ۾ ساءِ الا، مونکي توريءَ ڪونهي ڪم

شاعريءَ جو مقصد:

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن هر طرح سان مخلوق خداوندي کي سنئين واٽ تي هلائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا. پاڻ جهڙي طرح انساني پلائيءِ ۽ بهتري لاءِ نثري عبارتن وسيلي، ماڻهن کي هدايت جي واٽ تي هلائڻ جي ڪوشش فرمايائون. ساڳي ريت نظم ۽ شعر وشاعريءِ وسيلي بہ ان ئي جذبي سان ساڳيو مقصد سامهون رکي ماڻهن کي رشد وهدايت جي تلقين ڪندا رهيا، ۽ سندن اها سنڌي ادب جي عظيم خدمت ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهجي. حضرت جن جي پوري شاعري جو مقصد، عشق الاهي، حُب رسول، وحدت الوجود، ڪسر نفسي، خود فراموشي، سڪ، سوز، درد ۽ فراق، محبوب کي ريجهائڻ ۽ پاڏائڻ سان گڏوگڏ، ڪيس مخاطب ٿيندي پنهنجي اندر جي بيقراري کان آگاهہ ڪرڻ، فقر محمدي، دنيا کان نفرت، نفس شناسي، ولين سان الفت

www.maktabah.org

۽ محبت رکڻ، عارفن جي سجاڻ، ذڪر فڪر جي تلقين. الله پاڪ جي راهه ۾ هميشه سفر مسافري ڪرڻ، رضا الاهي طلبڻ جا جذبات اتر درجي جا ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

سندن شاعري، مجازي معلوم ٿيندي به حقيقت ۽ معرفت جون چوليون هٽندڙ، اهو سمنڊ سمجهڻ ۾ اچي ٿو، جنهن جي تهه ۾ ڪيئي موتين جا خزانا ڇپيل معلوم ٿين ٿا. جن کي دل سان هنڌائڻ ۽ عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

لاکيٹي لطيف جو مٿن اثر:

جيتوڻيڪ پٽائي گهوٽ حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ جن جي پيدائش کان پنج سال اڳ ۾ وفات ڪري چڪو هو، ليڪن ان هوندي سندن روحاني ازلي ميلاپ اهڙوته پختو ۽ مضبوط هيو جو حضرت جن جي پيدائش کان اڳ ۾ ئي پنهنجي پيشين گوئي ۾ سندن والد کي خوشخبري ٻڌائي ڇڏي هئائين. هوڏانهن حضرت روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ عليه به صاحب بصيرت ۽ اڪين وارو بزرگ هيو، جنهن فيض حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجن مريدن ۽ معتقدن کي علي الاعلان اهو ٻڌايو هيو ته ڪاملن بزرگن جي ادب، ويساهه ۽ مضبوط اعتقادي کان سواءِ، ڪڏهن به فيض حاصل ٿي نه سگهندو. ان ڪري هر طريقي جي بزرگ ۽ عارف جو ادب حد کان زياده ڪندا هئا. اهو ئي سبب هيو، جو سندن شاعري تي پٽ ڈٹي بادشاهه جي ڪلام جو اثر نمايان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جنهن جو مثال اسان کي هنن شعرن جي مطالعي مان چگي ريت معلوم ٿئي ٿو:

حضرت روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ عليه:

پڙهيو سڀ وسار، وسريو الف ياد ڪر
ناحق ڪي مر، نهار، پنا ٻيا پرين لاءِ

حضرت پٽائي گهوٽ رحمة الله تعالىٰ عليه:

اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ عليه:

اور تنين سان اور، جنهن جي اور الله سان
ٻئي سان اور نه اور، متان اورندي اوري رهين

www.maktabah.org

ينائي گھوٽ رحمة الله تعاليٰ عليه:

وينـــي جنيـــنءَ وٽ، ڏکنـــدو ڏور ٿئـــي،
تـــن تنيـــن سيـــن گڏ، اوڏا اڏي پکـــڑا

حضرت روضي ڈٹي رحمة الله تعاليٰ عليه:

جنيـن يـانيـو پـاڻ کـي، هڏهيـن کيـن کـري
هـونـديـون تـن ڳري، پـريـان سنديـون ڳالهڙيـون

ينائي گھوٽ رحمة الله تعاليٰ عليه:

پـاڻ پـردو پـاڻ کـي، سهڻـي کـر سنيـال
وڃـان جـو وصـال، سـوتـان هئـڻ هـن جـو

روضي ڈٹي رحمة الله تعاليٰ عليه:

کـن کنهـن ڇيـو، فيکـون کيـر ٿيـو
جـي عـدم تـي احـديـت جـو پـرتـو پيـو،
تهيـن منجهـان ٿيـو، مـادو معلـومـات جـو

ينائي رحمة الله تعاليٰ عليه:

خـالـق خلقـي خلـق کـي، بـاريءَ کيـو بيـان
ڇئـي کـن فيکـون کـي، جـوڙيـائيـن جهـان
سـاراهـي سبحـان، پـوءِ مـڙنـي محمـد مجيـو

پيرسائين روضي ڈٹي جو مولودن ۾ حصو:

حضرت جن جي سنڈي کلام ۾ کافيون، مولود ۽ بيت ملن ٿا، جنهن مان پائنجي ٿو ته سنڌ ۾ مولود شريف جي عام مقبوليت وڌائڻ ۾ حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمة الله تعاليٰ عليه جن جو کوشش ۽ حصو پڻ رهيو آهي. مولودن جي عام مقبوليت ۽ مشهوري جي لحاظ سان ان جاپنج دور آهن، جيکي يارهين صدي هجري کان شروع ٿي، تيرهين صدي هجري تي ختم ٿين ٿا. انهيءَ کان پوءِ مولودن جو موجوده دور شروع ٿئي ٿو. مذکوره دورن ۾ شاهه عنايت، شاهه ينائي ۽ مخدوم

www.maktabah.org

عبدالرئوف پٽي کان سواءِ سڀ سرمت، پير محمد راشد (روضي ڏٽي) مقيم فقير ۽ فتح فقير کلهوڙي، مولوي غلام رسول جتوئي، پير زين العابدين وغيره جي مولودن کي سنڌ ۾ وڏي مقبوليت حاصل ٿي. (۱)

جناب ڊاڪٽر بلوچ جي لکت موجب، سنڌ اندر مولودن جي موجدن ۾ حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمة الله تعالي عليه جن جو نالو نمايان آهي. جن پنهنجي شعر شاعري جو محور ۽ مرڪز نبي ڪريم صلي الله تعالیٰ عليه وسلم جن جي صفت ۽ ساراهه کي قرار ڏيئي طبع آزمائي ڪئي آهي. (۲)

جمالياتي تصور:

حضرت پير سائين جن، پنهنجي ڪلام ۾ جمالياتي تصور هنن پيارن لفظن سان بيان ڪيو آهي. آريءَ، مرسل، گهوٽ، رهبر، ڪانڌ، هوت، سرور، جاني، لالڻ، ساهڙ، دوست، دلبر، ڪوهيارو، ساجن وغيره، ۽ جمالياتي تصور سنڌي شاعري جو اهو عنصر رهيو آهي، جنهن ذريعي حقيقي حسن کي مجاز جي صفتن سان متصف ڪري بيان ڪرڻ لاءِ ڪنايا ۽ استعارا استعمال ڪيا ويندا آهن. ان ئي سبب ڪري حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمة الله تعالیٰ عليه به پنهنجي ڪلام ۾ سڪ سوز سان دانهون ۽ آهون ڪري، پنهنجي لالڻ کي ريجهائڻ لاءِ هن طرح ٻاڌائي ٿو:

سڪ ساريون راتڙيون، لڳ لالڻ لوچڻ آئيو،
هيءَ تان ڪيڙي مون عاجزي، جيڪي مون وس آئيو،
ريجهي مان رسول کي، ٻڌي ٻانهون جو ٻاڌايو
"راشد" ڇئي رسول سچا، جي پريم پاڻ پسايو
مداحي مسڪين کي اوهين، ساجن! هيئن ڪر سکايو،

سنڌن شاعري ۾ جيڪي تشبيهون، استعارا ۽ ڪنايا آهن، سي سيئي ظاهري طرح سان توڙي جو مجازي معلوم ٿين ٿا، ليڪن حقيقي طرح اهي مجازيءَ هوندي به حقيقي آهن. انهي ڪري حضرت جن جي ڪلام ۾ جيڪو سوز گداز، ميناج محبت ۽ آهون دانهون آهن، سي سڀ سچيون ۽ حقيقت تي مبني آهن. سنڌن ڪلام ۾ صداقت، بيقراري آهه زاري ۽ سوز گداز جي هڪ وجداني ڪيفيت معلوم ٿئي

(۱) ماهنامه نئين زندگي، سيرت النبي نمبر آگسٽ ۱۹۶۳ع (۲) مولود صـ۷

www.maktabah.org

ٿي. پاڻ ان کي هڪ ذريعو ۽ وسيلو ڄاڻائيندي. ازلي حسن کي ماڻڻ لاءِ طريقا ۽ رستا ٻڌايا اٿن، جنهن جو بيان هن طرح ڪيائون.

مون کي سيد جي سڪ تاريو الا، آءٌ ڇا جي ڪارڻ پاهه پچايان

وحدت الوجود جو عنصر ۽ خود شناسي:

سندن ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته، پاڻ متشرع عالم با عمل هجڻ سان گڏوگڏ، وحدت الوجود جي نظريئي جا قائل آهن، ۽ پاڻ فرمائين ٿا:

گڏيو وتين گڏ، سڃڻين ساهه پساهه سان
کهڙا ڪبا سڏ، اهڙي هوت هيڪاند کي

حضرت جن وحدت الوجود جو درس، ننس جي سڃاڻڻ سان سيکاريو، ۽ ان سلسلي ۾ تلقين فرمائي اٿن ته وجود ۽ ممڪن جي فرق کان پوءِ، معرفت ماڻڻ آسان آهي. مَنْ عرف نفسهٗ فقَدْ عَرف ربّهٗ، وارو فرمان به ان ئي سندن نظريئي جو پختو دليل آهي، پاڻ فرمائين ٿا ته:

پر سڃاڻڻ ستڑو، پاڻ سڃاڻڻ ڏک
تيسين ڪر نه سڪ جيسين پاڻ نه سڃاڻين پانهنجو

غرض ته حضرت پير سائين جن جي سموري شاعري، حقيقي تصوف جو اهڙو ته بهترين مثال آهي، جو جنهن جي مطالعي مان موتين جا ڪيئي خزانا معلوم ٿين ٿا.

حضرت جن جي شاعري جو پرواز:

سندن شاعري جو پرواز ان هنڌ معلوم ٿئي ٿو، جتي پهچڻ لاءِ عابد زاهد پنهنجيون زندگيون وقف ڪري ڏينهن رات، زهد عبادت ۾ گذاري ڇڏيندا آهن. پاڻ فرمايائون ته عارف ان منزل تي رسي ٿا وڃن، جتي ڪنهن جي وهم گمان ۽ خواب خيال جو به گذر نه هوندو آهي. پاڻ فرمائين ٿا ته:

چريو سوئي لوڪ، جو چرين کي چريو چوي
چرين ڏنو سو ٽوڪ، سياڻا سڪن تنهن کي،

www.maktabah.org

حضرت جن جي وحدت الوجودي مشرب جو عنصر سندن شاعري ۾ نمايان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پاڻ فرمائين ٿا تہ:

"سڄڻ کول لڌم، جنهن لئي ڏونگر ٽي ڏوريم"

يعني دوست دلبر تہ مون سان گڏ آهي. باقي هي هنڌ مان ان کي چا لاءِ ڳوليان! نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ ۚ وَفِيْ اَنْفُسِكُمْ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ، وارو اشارو بہ ان طرف آهي، جنهن جو بيان پنهنجي شاعري ۾ قرآني تضمين سان بيان فرمايو اٿن.

قرآني تضمين:

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي کلام ۾ سنڌي شاعري جون اهي سڀ خوبيون سموهي ڇڏيون آهن، جيڪي اسان کي پراڻي شاعري ۾ ملن ٿيون. اهڙي طرح حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي شاعري ۾ قرآني تضمين جو بيان هن طرح فرمايو:

کيهو، غم وهم آهي تن کي، نشو ٿيو نينهن جو جن کي
وَفِيْ اَنْفُسِكُمْ ڏنائون منجهه ڏيل، هي سڀ ڇڏيائون قال قيل
وَنَحْنُ اَقْرَبُ کيائون نيٽن، اکيون لاتائون عجيبن کي
فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا رکيائون رايو، فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ ائين حق فرمايو
نظر تنين کي غير نہ آئيو، ڏنائون هر حال ۾ حبيبن کي
محمد راشد چئي ثابت رهج سڪ ۾، پرجهي پير پائج چوري چت ۾
وَفِيْ اَنْفُسِكُمْ وارو سبق آهي جن کي

جانورن جي نالن جو بيان:

اهڙي طرح حضرت جن جي کلام جي هڪ بند مان معلوم ٿو ٿئي تہ پاڻ رڻ پٽ جي سفر دوران، روجهن کي رڻ پٽ ۾ پنهنجي کاڌ خوراڪ لاءِ حيران پريشان ڦرندو ڏسي، هن طرح فرمايائون:

وارث ٻجهن واٽ تي، روجهون رڻ رُجان
لائق سڀ لنگهائيو، سبب ساڻ سُنجان

www.maktabah.org

وطنيت جو جذبو:

وطن ۽ ديس سان محبت رکڻ، ايمان جي نشاني آهي،۽ هتان جي شاعرن جي اها به وڏي خوبي رهي آهي جو هنن، پنهنجي شاعري ۾ ان جذبي کي نمايان طور تي پيش کيو. جڏهن ان لحاظ سان حضرت پيرسائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي شاعري تي نظر وجهون ٿا، ته معلوم ٿو ٿئي ته کين به، هن ساڻيهه سنڌ ۽ سنڌين سان بي پناهه محبت ۽ الفت هئي. پاڻ ان وقت جي غير يقيني حالات، سياسي ناپائداري، معاشي ابتري ۽ ٻاهرين جي کاهن حملن ۽ پڻ انگريزن ۽ سکن طرفان سنڌ سان اڻ کٽندڙ زيادتين کي ڏسي خاموش کونه رهيا، بلکه ڈٹي تعاليٰ در، هن طرح التجا کيائون:

مولا کي ملک مان، هادي سڀ حڪام
ڏيو آبرو اسلام کي، ڪريو زير ظلام

ان کري ڇئي سگهجي ٿو ته حضرت پير سائين جن، خليفي نبي بخش لغاري رحمةَ الله عليه جا پيشرو شاعر هئا، جنهن پنهنجي شاعري ۾ وطنيت جي جذبي سان سرشار ٿي کري کيڏارو سر ترتيب ڏنو، ۽ وطن ۽ وطن وارن ماڻهن جي محبت ۾ راڳ الاپڻ لڳو. ان مناسبت سان حضرت جن جو پورو ڪلام سنڌي شاعري جو اهو فن پارو آهي، جنهن ۾ سنڌي شاعري جون مڙئي خوبيون اتم درجي موجود آهن.

مجاز جي مهميز:

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه اهو حقيقي صوفي ۽ عارف هيو، جنهن هرشيءِ کي اصلي ۽ حقيقي روپ ۾ پي ڏنو. ظاهر ۾ ته سنڌن شاعري جا ڪجهه شعر ۽ بيت مجازي معلوم ٿين ٿا، جيڪي اندر جي اوبر ۽ سڪ سوز ۾ بي اختيار، سنڌن زبان تي ظاهر پي ٿيا ليڪن باطن ۾ اهي حقيقت جو اهڙو ته سهڻو ۽ دلنشين مثال آهن، جيڪي، (اَلْمَجَازُ قَنْطَرَةُ الْحَقِيْقَتِ) جي حقيقت تي سچا ۽ صادق صادر ٿين ٿا. پاڻ پنهنجي حقيقي محبوب جي جدائيءِ جي درد ۽ غم ۾، هن طرح فرمائين ٿا:

هوت نه پير و پيج، منهنجا سچا صاحب سدائين
اگڻ آسرو ندن جي سائين الا، اچي پر قدم

www.maktabah.org

سگهو موٽج ووسپربن سائين الا، ناتہ دوست ڏيان ٿي دم
هن منهنجي حال جو سائين الا، آهين اجهاتون عالم
سڪي تن منهنجو سڪ ۾ سائين، الا منهنجو جام ويو سپ جم
حامي هر دور جهان ۾ سائين الا، مون کي توريءَ کونهي ڪم

حضرت پير سائين جن، پنهنجي حقيقي محبوب جي درد ۽ فراق ۾ دانهن ۽ ڪوڪ کي اهڙي ته ڪيفت سان بيان فرمايو آهي، جو ٻڌڻ واري جي دل پاڻي ٿيو وڃي، ۽ اهڙي ڪيفيت صرف مجازي مامري جي ڪري کين حصي ۾ ڪا نہ آئي. بلڪ حقيقي واٽ جي عارف هجڻ جي حيثيت سان تمثيلي شاعري وسيلي، پنهنجي اندر جي آواز کي دلبر حقيقيءَ تائين پهچائڻ لاءِ مثالن طور ڪتب آندائون. پاڻ محبت کي شينهن سان تشبيهہ ڏيندي هن طرح فرمائين ٿا ته:

نينهن اڳيئي شينهن، ويتر لايم پرينءَ سان
سي ٻوليان ته ٻاهر پوي، سانديان ساوڻ مينهن
سؤ تنين جو ڏينهن، سانديو جني "سيد" چوي

يعني: هڪ ته دلبر اڳ ۾ بي پرواهہ هيو، ٻيو ان سان نيهن (جيڪو شينهن مثل زوردار ۽ طاقتور آهي) لاتم، جنهن اچان ٻہ وڌيڪ ڪيس بي پرواهہ بنائي ڇڏيو. جنهن کي لڪائڻ جي ڪيتري ٻہ ڪوشش ڪيان ٿو، ليڪن وڏ ڦڙي مينهن وانگر منهنجي جان کي جهوريندو رهي ٿو، ۽ لڪائڻ جي باوجود ٻہ لڪي نہ ٿو سگهي.

حضرت جن جو اهو شعر، ظاهري محبت جي ماريلن لاءِ دانهن ۽ ڪوڪ معلوم ٿو ٿئي. ليڪن حقيقت ۾ عارفن ۽ حقيقي واٽ جي طالبن لاءِ منجهس هڪ سبق سمايل آهي، جنهن کي ورجائڻ سان سوين معنائون سمجهي سگهجن ٿيون ۽ پاڻ پنهنجي حقيقي محبوب کي مخاطب ٿيندي ڪيس پنهنجي سڪ جو حال، هن طرح بيان ڪري ٿا ٻڌائين:

محبت ٻاريو مچ، جنهن سندي جان ۾
سل ساجن! ڇؤ سچ، ته کو ترس اٽئي تن جو

منظر ڪشي:

خوف ۽ حزن، الله پاڪ جي پيارن جي اُها صفت آهي، جيڪا کين

www.maktabah.org

رضا الاهي واري واٽ تي گامزن ٿيڻ بعد، هميشه دل تي طاري هوندي آهي. هڪ خوف، خدا پاڪ جي ڏمر ۽ ناراضپي جو، جنهن کان هو مامون آهن. ٻيو خوف، کين قرب خداونديءَ جي ختم ٿي وڃڻ جو هوندو اٿن. حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن ان قرب خداوندي جي سڪ واري منظر کشي هن طرح بيان فرمائي آهي:

صائر سکي جيئن، آذان جي آواز کي
مون تن آهي تيئن، سکايو سڃڻين

نيڪن جي صحبت اختيار ڪرڻ:

قرب خداوندي جي حصول لاءِ، عبادت رياضت بيشڪ بهترين عمل آهي، ليڪن ان سان گڏوگڏ صالحن جي صحبت بہ ڪنهن طرح گهٽ ڪانهي. ان ڪري ئي عارف رومي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن فرمايو تہ:

يڪ زمانہ صحبت با اولياءِ
بهتر از صد ساله طاعت بي رياءِ

اهڙي طرح سان حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پنهنجي شعر ۾ فرمائين ٿا:

اور تنين سان اور، جنهن جي اور الله سان
ٻئي سان اور نہ اور، متان اورندي اوري رهين

يعني جيڪي نااهل انسان آهن، انهن سان پنهنجي ميل جول، سنگت صحبت، اٺڻ ويهڻ نہ رک، متان تون بہ انهن جهڙو نہ ٿي پوين. بلڪ اهڙن سان پنهنجو ناتو قائم ۽ محفوظ ڪر، جيڪي عارف ۽ ڪامل انسان هجن. حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڪهوڙ ان صحبت کي وڏي غنيمت ڄاڻائيندي هن طرح فرمايو آهي:

صحبت سپرين جي، هيءَ پٽ وڏي هاج
قضا ڪج نماز، جو وقت ورائڻ ويجهڑو

ان مان معلوم ٿو ٿئي تہ الله پاڪ جي پيارن ٻانهن، نيڪن صالحن

www.maktabah.org

جي صحبت کي وڏي غنيمت ٽي ڄاتو، جو ان جي لاءِ تاکيد ڪندا رهيا.

عام اصطلاحي شاعري:

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن، سنڌ جو اهو بزرگ ۽ عارف شاعر هيو، جنهن هر حيثيت سان سنڌ ۽ سنڌ وارن جي سرپرستي ڪرڻ جو فريضو سرانجام پي ڏنو. سندن شاعري هڪ طرف روحاني خزانن جي ڪاڻ آهي، تہ ٻئي طرف منجهس سنڌي ٻوليءَ جي مروج عام اصطلاحن جو اهڙو تہ سهڻو سٽاءُ ڪيو اٽائون، جنهن جي مطالعي مان معلوم تو ٿئي تہ پاڻ ساڳئي ئي شعر ۾، جتي معرفت جا موتي پوتا اٽن، تہ ان ئي شعر ۾ سنڌي ٻولي جا عام استعمال ٿيندڙ اصطلاح پڻ ڪتب آندا اٽن. جن مان ڪجهہ مثال نموني خاطر هيٺ ڏجن ٿا:

هنجهيون هارڻ ۽ ڏکيا ڏينهن گهارڻ:

ساريو سڄڻ کي ساريان، تو لئي هنجهيون هٽ هاريان
ڏونگر ڏکيا ڏينهن گهاريان، مولیٰ ملائين مصطفیٰ

ڏونگر ڏورڻ:

سڄڻ ڪول لڏم، جنهن لئي ڏونگر ٽي ڏوريم

نيٽين نير وهائڻ:

منا سيد تنهنجي سڪ ۾ ميان لا، منهنجا نيڻ وهائن نير

جا وٽئي سا واهہ:

مهدائيءَ ۾ ميان مرشد چوي چليا منجهان چاهہ
جا وٽئي ساواهہ، ڪلئون قريبن کي

عام سنڌي محاوري ۽ پهاڪن واري شاعري:

حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه سنڌي زبان جو

www.maktabah.org

قادر الڪلام شاعر هيو، جنهن پنهنجي شاعري ۾ مروج عام پهاڪن کي به بيان ڪيو. سندن اها سنڌي ادب جي خدمت ڪڏهن به وساريڻ جوڳي ناهي، مثال طور فرمائين ٿا ته:

ڪنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال
سچ پروڙيو جوڳين، جنين هٽ ۾ حال

رن ته ويئي، پر رلي پي ويئي:

رلي چياءِ عمر کي، دنيارن جيهي
جواني ۾ هڪ جوان کي، ٻٽ هيون ٻيئي
پيري ۾ تنهن پرس کي، پٽ ڏيئي ويئي
تڏهين چوءِ پنهنجي چت ۾، ٿو روح اندر روئي
ته رن ته ويئي، پر رلي پي ويئي

تجنيس حرفي:

حضرت پيرسائين روضي ڏڻي رحمة الله تعاليٰ جن جي پوري شاعري، سنڌي ادب جو اهو سينگار آهي، جنهن ۾ شاعري جون سيئي خوبيون موجود آهن. ان ڏس ۾ حضرت جن جي شاعري ۾ تجنيس حرفي جا مثال هن طرح آيل آهن.

۱- پسڻ ڪارڻ پرين جي، هي واجهه وجهي ويچاري

۲- ساريو سڃڻ کي ساريان، تولئي هنجهون هت هاريان
ڏونگر ڏکيا ڏينهن گهاريان، مولیٰ ملائين مصطفیٰ

۳- سکن ساريون راتڙيون، لڳ لالڻ لوچڻ آئيو،

۴- حقيقت هن حال جي وومیان لا، ڪو پرين پيش پچاري

۵- بنا مينهن بسنت جي، لنگها لاڳ لهن

۶- دوستن ديرو دل ۾، مون ٿي پريان پار پچير

www.maktabah.org

استعارو ۽ تشبيهہ:

استعاري جي معنيٰ "اڌاري" آهي، يعني ڪنهن لفظ جي عارضي طرح، اندروني معنيٰ بيان ڪرڻ کي "استعارو" چئبو آهي، ۽ تشبيهہ جي معنيٰ مشابهت ۽ هڪجهڙائي ڏيکارڻ هوندي آهي. يعني ڪي به بہ مختلف شيون، ڪنهن صفت يا ذات ۾ هڪ جهڙيون هجن، تہ انهيءَ جي استعمال کي "تشبيهہ" چئبو آهي، ۽ استعارو ۽ تشبيهہ سنڌي شاعري جون اهم خوبيون ڄاڻايون ويندڙ آهن جيئن تہ حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله جن بہ ،انهن جو پنهنجي شاعريءَ ۾ عام استعمال پي ڪيو آهي، ملاحظي لاءِ هيٺ مثال ڏجي ٿو:

۱- نينهن اڳيئي شينهن، ويتر لايم پرين ڪي
سي ٻوليان تہ ٻاهر پوي، سانديا ساوڻ مينهن
سؤ تنيجو ڏينهن، سانديو جنين سيد چوي

سنڌن ڪلام جو بنياد ۽ ضروري وضاحت:

جيئن اڳ ۾ واضح ٿي چڪو آهي تہ سنڌي ادب جي شروعات، شعر و شاعريءَ سان ٿي، ۽ نثري ادب ان کان پوءِ پيدا ٿيو. جنهن جا مختلف دور ٻڌايا پيا وڃن.

ليڪن سنڌي شاعري جو باقاعده دور، سورهين صدي عيسوي ٿي آهي. ان دور ۾ قاضي قاضن (قادن) متوفي (۱۵۱۵ع) جو نالو سر فهرست ڈسڻ ۾ اچي ٿو. توڙي جو سندس شاعريءَ جا ڇهہ شعر سنڌي ادب ۾ اهم مقام رکن ٿا، تنهن هوندي بہ ان دور کي سنڌي شاعريءَ جي ٻالپڻ وارو دور سڏيو پيو وڃي.

ليڪن ان کان پوءِ مخدوم نوح، شاهہ ڪريم، ۽ شاهہ سائين جي دورن تائين سنڌي شاعري ۾ اوسر نمايان ڈسڻ ۾ اچي ٿي. بالخصوص ٻارهين صدي هجري ۾ ٻٽائي گهوٽ ان کي اوج تي پهچائي ڇڏيو. ڪائون بعد جي شاعرن بہ ان ڈس ۾ پاڻ خوب ملهايو. جن مان سدا حيات شاعر حضرت پير سائين روضي ڈٹي رحمةَ الله تعالیٰ عليه جن جي ناصحانہ شاعري، ان کي سون تي سهاڳ جو ڪم ڏيکاريو. پاڻ ٻٽائي صاحب رحمةَ الله تعالیٰ عليه جن جي شاعريءَ کان تمام گهڻو متاثر هيا، ۽ سنڌ جو اهو پهريون بزرگ هستي آهي، جنهن پنهنجي ميڙاکن کان سواءِ نجي محفلن ۾ بہ،

www.pakistanipoint.com

شاھ سائينءَ جي شعر کي حجت طور پيش ڪيو. سندن شاعريءَ جي باري ۾ ھن وقت تائين جيڪو ڪجھ معلوم ٿيو، ان جو تفصيل ھن طرح آھي تہ حضرت جن جي شاعريءَ جا مختلف مجموعہ، ڪن ماڻھن وٽ ڳڏ ٿيل ٻُڌبا ھئا. جن کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ علامہ قاسمي صاحب پھريون شخص آھي، جنھن ڪوشش ڪري ۱۹۶۶ع ڏارين، پنھنجي سہ ماھي رسالي "الرحيم" ۾ قسط وار شايع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تاھر ڪجھ ڪلام سندن نظر کان رھجي ويو، جيڪو بعد ۾ مولانا عبداللطيف قادري ڳڏ ڪري ڇپايو. ليڪن پوءِ بہ حضرت جن جي شاعريءَ جو ڪجھ حصو ڳجھو رھيو.

اسان کي پير سائين جن جي سوانح تي ڪم ڪرڻ دوران، پير محب الله شاھ جھنڊي وارن جي لائبريريءَ مان ھڪ تمام پراڻو نسخو ھٿ لڳو، جنھن جي لکت بہ پراڻي سنڌيءَ تي مشتمل ھئي. ۽ سنڌي صورتخطي بہ صحيح ڪانہ ھيس، ان ڪري وڏي محنت ۽ ڪوشش سان ان مجموعہ ڪلام کي ھاڻوڪي صورتخطيءَ ۾ لکيو اٿون. اھڙيءَ طرح سندن ڪلام ڳڏ ڪرڻ لاءِ تي بنيادي ماخذ ڪتب آندا ويا آھن: ۱- پھريون مجموعو پير سيد محب الله شاھ جھنڊي وارن جي علمي لائبريري مان. ۲- ٻيو علامہ قاسمي جن طرفان، الرحيم رسالن ۾ ڇپيل سنڌي ڪلام ۳- ٽيون مولانا عبداللطيف قادريءَ جوگڏ ڪيل ڪلام. البت جھنڊي واري نسخي تان، پراڻي صورتخطيءَ جا ڪجھ الفاظ، اڄوڪي صورتخطيءَ جي، پيٽاجي مناسبت سان پيش آھن. جيئن ھرڪو پڙھڻندڙ نئين ۽ پراڻي صورتخطيءَ جي فرق کي آساني سان معلوم ڪري سگھي. لفظن کي ترتيب وار پڙھڻ گھرجي.

پراڻي صورتخطي:

① ريجايان ② مرن ③ پر ④ نيه ⑤ اکيُ ⑥ تور ⑦ منکي ⑧ ماسا ⑨ آهٗ ⑩ داه

نئين صورتخطي:

① ريجھايان ② مڙني ③ پرين ④ نينھن ⑤ اکيون ⑥ توڙي ⑦ مون کي ⑧ مان سان ⑨ آھون ⑩ داھون.

اھو مٿيون فرق ھيو جنھن کي مد نظر رکي، اڄوکي صورتخطيءَ ۾ ڪلام کي برقرار رکيو ويو آھي.

www.maktabah.org

انتخاب کلام حضرت روضي ڈٹي رحمة الله تعالیٰ علیه

مولود شریف (۱)

ٹلھہ: مصدر مڑني مور، تنھنجو نور ٹیو نرمل نبي

۱-ٹیو وجود سندءِ عالم لاءِ، اي اجھا رحمت ربي

۲-اعليٰ انھئون قادر تنھنجو ڪيو

۳-تنھنجي شرف جو شان ڄاڻي ڪير پيو

۴-مَقَامًا مَّحْمُوْدًا جو موعود ٹئين منھنجا پرين

۵-زبدفضلڪ من جميع الانبياءِ والمرسلين

۶-اعليٰ ميان محشر جا ٹيندين قائد غُرّ الْمُحَجّلِيْنَ

۷-تنھنجو عز عظيم، لَا يُحْصيٰ ڳڻي آءٌ ڇا ڪندي

۸-لَوْلَاکَ لاءِ تو، فائق پرين فرمائيو

۹-وَلَسَوْفَ يُعْطِيْکَ يا نبي منجھہ شان اھنجي آئيو

مولود شریف (۲)

ٹلھہ: منھنجو شوق سچا سيدا توڏانھن

منھنجو ساھہ سڪي حب حضرت ڏانھن

۱-ٻہ ٻہ ٽي پنيور ۾ آرياڻي آيو

واٽون ڏلن ڇائيون اينڊم ھوت ھتان

۲-بيبي اوٽي ءَ ڪي ڇيو ميسري مھندا

ونئو وڃ پاڻ سان پرين پرڏيھان

۳-بيبي لڏوسو ھرو، خديجہ ڪبريٰ

تہ سج منھنجي ھنج ۾، پيو اچي عرشا

www.maktaban.org

۴-ونڊي ويئي ورقه ڏي، خديجه کبريٰ
تہ بابا انهين خواب جو سگهو ڪري ويجاءِ

۵-ورندو چيو ورقه نے خديجه کبريٰ
تہ سڄ محمد (ﷺ) عاربي تو گهر گهوٽ ايندا

۶-بيبي بنگلي تي چڙهي ٽي ڇچيو جهونگاري
سا روز نهاري شام ڏي تاج پرين ايندا

مولود شريف (۳)

هوت نہ پيرو پڄ - منهنجا سچا صاحب سائين

۱- تو ري مُنهان ٽين مَنِيرن ساءِ الا، تہ کو ڇنڊ تنهنجو ڪم

۲- اگهڙ آسرونڊ جا ساءِ الا، اچي ڪامل پر قدم

۳- سگهو موڄ سپرين ساءِ الا، نات دوست ڏيان ٽي دم

۴- هن منهنجي حال جو ساءِ الا، آهين اجها تون عالم

۵- سکي تنهنجي سڪ ۾ ساءِ الا، منهنجو جام ويو سڀ جم

۶- حامي هر دو جهان ۾ ساءِ الا، مون کي تو ريءَ ڪونهي ڪم

مولود شريف (۴)

ٽلهه: سيد سڪ نہ ماريو، لڳ ڏاتر پاڻ ڏيکاريو
تنهنجي نينهن نهوڙيو الا - سيد سڪ نہ ماريو

۱- مرض محبت جي منجهين الا، مري ٿو هيءُ سڪايو
دوا آهي ديدار جي الا، اچي پريم پاڻ پسايو

۲- هت اَسي هُت سپرين الا، وچ ۾ سمند وَهايو
سڪ ساريون راتڙيون، لڳ لالڻ لچڻ آيو

۳- هي مون ڪئڙي عاجزي الا، جيڪي مون وس آيو

www.maktabah.org

ريجهي مان رسول کين، پُڌي پانهيءَ جو پاڏايو

۴- مرشد چوي رسول سچا جي، پِريَم پاڻ پسايو
مداحيءَ مسڪين کي، اوي ساجن هنئن م سڪايو

مولود شريف (۵)

ٽلهه: وڃي عرض ڪجئو منهنجو پيش پرين
سڀ حال منهنجو شال غور ڪرن
اي منهنجي پوي مانَ ٻاجهه پرين

۱- حاجي ڇڄ حبيب کي - سنيهو سيڻن
پرين تنهنجي پيزار جي، او اکيون آس رکن

۲- احمد تو در عاجزيون توڙي ڪُوران ڪن
بنه مينهن بسنت جي، لنگها لاڳ لهن

۳- عاشق اَوسر ڪَنِ ٿا، ساريو سڪ مرن
سار لهين تون سيدا، پانَوَ پرڏيهين

۴- پلاڏنهن ڏلن جي، ڪيئن منهن ڪومائن
جو وڙ جڙي جن جو، سو وڙ سيئي ڪن

۵- وارث ويرو لهن جي، لهج سار سين
ارحم آن ريءَ ان جي، ڪر پيا ڪيرلهن

۶- مرشد چوي رهنما، هئان پاڙي سان پرين
سيد سائن گڏ هئي، جدا تان نه جڙن

۷- اکڙيون عرب پار ڏي، تا سويون ترسن
روضو پاڪ رسول جو، ڏينهڪ شال ڏسن

۸- جن پاڙي مر سپرين، وڏا طالع تن

www.maktabah.org

ڏيهاڙيون بہ ڏسڻ سان، اکڙيون عيدان ڪن

مولود شريف (٦)

ٽلهه: غمناڪ جي ڪرغور سي

١- دانهدوست دريان جا
مُعين مُخبتَن جا
سرور سچي سبحان جا

٢- عينون روئي ٽيون عاميون
جي مان ملان تا گهريون
توريءَ پريم سي چا ڪبيون

٣- صلواة مخلوقات جي
هر نوع هر ڪنهن ذات جي
توسر ڏينهان رات جي

٤- جواني ويئي جرمان ۾
قاصر آهيان فرمان ۾
ماڙ تئي مون سان ميزان ۾

٥- عمر وهي آهيءَ آه جي
وحدة لا شريڪ واه جي
توشور ڪان سڪ تاه جي

٦- مرشد ڪي ارشاد تئي
شوقت منجهين مرشاد تئي
درماند جو ڪو داد تئي

www.maktabah.org

مولود شريف (۷)

ٽلهه: ڈي سکايون سڏ، اي مرسل ميان
شال هجان هميشه گڏ، اي مرسل ميان

۱- ميرمحمد (ﷺ) عاربي، آذر اڙئنجا
حامي حضرت هاشمي، واهر ولهئن جا اي مرسل ميان

۲- سرور هليو ساڻ سان وارث وڻجارن اي مرسل ميان
جن مسافر سپرين سي ڪيئن سڪ سمهن، اي مرسل ميان

۳- سرتيون ساهيڙيون سمهيون، ڳل تريون ڈيئي، اي مرسل ميان
مون کي رانو رسول، ريءَ رات ورهه ٽي پيئي - اي مرسل ميان

۴- خاصيون خدمت ۾ هيون، ٻائي سان ٻانهيون اي مرسل ميان
اچڻ خاطر پرينءَ جي، سپ ڪيائين آجيون، اي مرسل ميان

۵- پرڻي رات رسول جي، ڈان لڏا ڈومن اي مرسل ميان
آءُ ٻي سندن منگتو، مهران شال ڈسن اي مرسل ميان

۶- دف لڳا در پوريا گهوٽ رايو راڻين، اي مرسل ميان
اُيي جا آه ادب ۾، ٻانهن ٻڌي جان ٻانهين اي مرسل ميان

۷- راحت پري راتڙي، محبن سان مليس، اي مرسل ميان
عرض پنهنجي احوال جو، پرين سان ڪنديس. اي مرسل ميان

۸- سامر وهامي راتڙي، پرهه مرڪئيءَ پاند، اي مرسل ميان
ريجهايان رسول کي، گهوٽ قريشي ڪانڈ اي مرسل ميان

۹- عقل ڈهوايمان سان، حلم علم لدن، اي مرسل ميان
محبت ۾ مشرف ٿئي، عاصي سان امتين، اي مرسل ميان

www.maktabah.org

۱۰- عرض چوي ٿو احمدا صاحب اوانجو سگ،اي مرسل ميان رهبر مرشد کي ڏُهو، وحداني ۽ جورنگ اي مرسل ميان(ڏيو)

۱۱- لنئوکنيا تل کانگڙا، اُڏُ کي ٿا اچن،اي مرسل ميان جيءَ جڏو هو جن ري، تَنُ تازو کيوتن،اي مرسل ميان

مولود شريف (۸)

ٽلهه: نافع تنهنجي نانءَ تا گهوري وجان پرين جي پيزار سَوَ پيرا چمان

۱- دوست دلبر دادلا،چورن جا چنان، آءُ گهوري وجان دريدي درگاهه ۾ امت کاڻ احان، آءُ گهوري وجان

۲- دوست تنهنجي ديدار، عاشق آهن اجان، آءُ گهوري وجان سرور سکاين جون، احمد لاهه اجان،آءُ گهوري وجان

۳- وارث پجهن واٽ تي، روحهون رڻ رُجان،آءُ گهوري وجان لائق سپ لنگهائيو،سبب ساڻ سنجان،آءُ گهوري وجان

۴- دانه دوست رسول جا،چارئي يار مجان،آءُ گهوري وجان رأس رلين رافضين جا پاهڻ ساڻ پجان،آءُ گهوري وجان

۵- عشر ادب سُنِ جا، صحيح سپ مجان،آءُ گهوري وجان شيعن جي سرموچڙو، جيئن منکرن جا سر مُجان،آءُ گهوري وجان

مولود شريف (۹)

ٽلهه: مون کي سيد جي سڪ ناريوالا،آءُ چاجي کارڙ په پُچاز مون کي سيد جي سڪ ناريو.

۱- هي جڳ، هو جڳ هر دو جهاني، آهي پرين جو پاچولو الا

۲- دوست چڏي جنهن دنيا ورتي تنهن هارن هوت وجايو الا

۳ - سونهن منجهان هڪ سرکي ساهڙ، تنهن لئہ سهڻي وهڻ نہ ساريو الا

۴- پَر تَو پِر جو هڪ پنهون تي، تنهن لئہ سسئي سپ جِم ساريو الا

۵- سنگ چن سڪ ڪڍ ساڻ سياڻي، آهي محب بنا منهن ڪارو الا

۶- قيد جي ڪوٽ ۾ ڪيئن ساگهاري، جنهن مطلق ماڳ گذاريو الا

۷- راءَسُئي هڪ رمز اوهان جي، تنهن گهايل ٿي سرگهوري الا

۸- هر جاءِ هر دم هوت ڏنوسي، آهي ٻيو سپ ڪوڙ بکيڑو الا

مولود شريف (۱۰)

ٽلهہ: اٽو عالم جام، ڪرهو ڪامل فرصت ڪام
درمانندن دارون ڪرهو.

۱ - مولا ڪيو ملڪ مان، هادي سپ حڪام
ڏهو آبرو اسلام کي، اي جيءُ ڪرهو زير ظلام

۲- ياجوجن جان يا نبي ويڑهي خطرن خلق خدام
تو ري تڪئو ناهہ ڪو،اي جيءُ ڪرهو ور وريام

۳- دجال دون دني جي، ويڑهيو، عالم عام
ڪاهي رسج ڪارٽي، تن کي آٽيو ۾ اسلام

۴- امت تنهنجي آسري، آهي سيد تنهنجي سام
مَتَ منجهان محبت جي، تن کي جاني پيارو جام

۵- دنيا جي دوزخ تان، آهي وارث واڻ مدام
ڪر مدد مختار ميان، لنگهي امت سان آرام

۶- مرشد چوي رحم ڏٹي،سڻ ڪامل هيءُ ڪلام
لاهيو غبار غير جا. ڪريو آجا سپ انام

www.maktabah.org

مولود شریف (۱۱)

ٹلھہ: منا مرسل میر ملڑ جو کو ڈھوم دلاسو میان

۱- وِرہَ وادِ وڑیو جن کي میان الا، تن کي ھڑ مَ ترن جا تیر

۲- سید تنھنجي سڪ کان میان الا، منھنجا نیڑ وھائن نیر

۳- سال گذاریم سڪ ۾ میان الا، ھاڙ ویر مَ لائج ویرُ

۴- پرین پٹاپوھي کین ڈسو میان الا، ناتہ واءِ وجان ٿو ویر

۵- دنیا سندي دام مان میان الا، اچي آجا کر اسیر

۶- عیب مدایون منھنجیون میان الا، اچي ترکایو تقصیر

مولود شریف (۱۲)

ٹلھہ: مان سان کر مَ ھینئن، آءٌ تان کیس نماڑي نینہ اداڑي ڈونگر میان

۱- ویچاري ءِ سائیا، سندا محبت مینھن

۲- محبت وڏیس مامري، نہ تہ کاف نھاري کیئن

۳- مرشد چوي رھنما، ھت موھیس تنھنجي نینھن

کافي (۱۳)

ٹلھہ: سچڑ کول لڏم، جنھن لئہ ڈونگر ٽي ڈوریم ھو جیڏیون الو الو، سچڑ کول لڏم

۱- دوستن دیرو دل ۾، مون ٽي پَریان پَہ پُڇیم

۲- جڏھن قرب سجاتم کیچ جو، تڏھن بُعدي بار لڏم

www.maktabah.org

۳-سڪ سلايم ڳالهڙي، ناتہ ساهہ سنئين سانديم

۴-واليءَ وات ڏُکن ۾، مون تان سکن ۾ سمجهيم

۵-هوتن جي حضور ۾، مان تان کارون کين کيم

۶-جڏهن پرين پاڻ پسائيو، تڏهن غير گمان وِکيم

کافي (۱۴)

تلهہ: چرَچُلي کيون چوليون، سڪ سانڊيو ويئي

۱- جانب تنهنجي جار کان ميان الا، گهوٽ ڳليون مون ٽي گوليون

۲- سپ سيباٽم ساهہ کي ميان الا، پهڳٽ تنهنجيون پوليون

محبت تنهنجي من ۾ ميان الا، هوت کرايون هوليون

سوين سڪ بيهاريون ميان الا، گس تنهنجي تي گوليون

کافي (۱۵)

تلهہ: هوت اسان کي حج ميان، کعبو منهن قريب جو الا

۱- دامن وٽي دوست جي ميان الا، غازي وينو گج الا

۲- ڏسٽ قوت ڏکڻن کي ميان الا، رويت آهي رجُ الا

۳-اِنَّ اَوْلِيَائِيْ تَحْتَ قِبَائِيْ، اهو سر سَمِهج الا

۴-اگٽ آيا سپرين ميان الا عيد اسان کي اجُ الا

کافي (۱۶)

تلهہ: توريءَ جيءُ نہ جاءِ، سگهو مل محب موچارا ميان

www.maktabah.org

١- دل نماڻي دوست ريءَ ميان الا آهي هيڪلڙي هن جاءِ
٢- سَمُهون ويهي سيدا ميان الا، ڪي مون ڳٽن پريا ڳالهاءِ
٣- رُئندن ڪي راحتون ميان الا، اچي پاڻ پرين پرچاءِ
٤- ڪس لڳي ٻيو ڪين ڪين ميان الا، مون ڪي سيد تنهنجي سواءِ
٥- عالَمُ اِجاري منجهان ميان الا، تو ڪي سپ ڇڏائڻ چاهه
٦- ماڻا مشتاقن سان ميان الا، پرين جانب تو نه جُڳاءِ

ڪافي (١٧)

ٽلهه: ٻلو سڃڻ اسان ڪي ڪين ساري، آءُ پانڌي ڪر ڪا چگي ڳالهڙي

١- ورُسي سڪيا ڏينهڙا ميان الا، هيس پرين جي پاڙي
٢- سَڄُ ڪين ساجن سپرين ميان الا، هن پورهيت ڪي ڪين پچاري
٣- دوست دلاسو تنهنجو ميان الا، جڏڻ ڪي ٽو جياري
٤- حاضر هوندیس هوت سان ميان الا، ناز پريوڪين نهاري
٥- حقيقت هن حال جي ميان الا، ڪو پرين پيش پچاري
٦- جانب جدائي جي ميان الا، هت ڳالهه وڏو آڳاري

مولود شريف (١٨)

ٽلهه: لائق آهي لڄ اوهان تي، سائين سڪاين جي ميان

١- محبت جي ميدان ۾ ميان الا، ڪَلَ پوي پير پاتي
٢- صدقي ٽيان تنهن شهر تان ميان الا، پرين رهو اَرهي جاتي
٣- گهوري وڃان تنهن سير تان ميان الا، گهوٽ گهمو اوهي جاتي

www.maktabah.org

۴- حال پچو جي هن جو ميان الا، نيهن نهوڙيو ناتي

۵- مِصُرُ(۱) مُسَافَتَ جو ميان الا، ميرَ مَرَكج ماتي

٦- سارهه تنهنجي سيدا ميان الا، ويرچوان چا واتي

٧- ملنديس محبوبن سان ميان الا، مدح جي مصلاتي

٨- آءُ يي ويندس اوڏهين ميان الا، جانب رهو اوهي جاتي

كافي ١٨تائين پيرجهنڊي جي نسخ كلام تان اتاريل آهي. ان كان بعد مولوي عبد اللطيف قادريءَ جي گڏ كيل كلام تان كافي ٢١ آهي. هت ترتيب وار ١٩ٽئي ٽي.

كافي (١٩)

ٽلهه: دوست دلبر درد وندي ءَ كي ڏيو دلداري

١- ميان ستي هيس نند ۾ ميان لا، اچي تنهنجي عشق اتاري

٢- دل گتي هئي غفلت ۾ ميان لا، اچي تنهنجي عشق اجاري

٣- حاجي چئج حبيب كي ميان لا، منهنجو حال حقيقت ساري

۴- پانڊي چئج پرينءَ كي ميان لا، هيءَ تنهنجي محبت ماري

۵- وهڻ تنهن كي وهه ٽيو ميان لا، جن حسن ڏنو هك واري

٦- ورنه ويرو سايو ميان لا، هن پورهيت جي پاتاري

٧- صاف كريو اوهين سيدا ميان لا، منهنجي صيقل سان دل ساري

(۱) هيءُ لفظ اصل عربي آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڏورائپ يا دوري واري روك يا جهل. جيئن ته حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمة الله تعاليٰ عليه جي سنڊي كلام، پير جهنڊي واري جي قلمي نسخي كان علاوه قاسمي صاحب جن جي الرحيم رساله ۾ چپيل كلام ۾ مذكور لفظ "س" سان لكيل آهي، جنهن جي كا به لغوي معنيٰ شعر سان نٿي نهكي، ان كري پائنجي ٿو كاتب جي غلطي سببان لفظ جي اصلي صورت خطي بدلجي وئي آهي. والله اعلم (مترجم)

www.maktabah.org

کافي (۲۰)

ٹلھ: آڻي لکئي لئن لائي، وو آءُ کا جوڙ جتن جي جيڏيون

۱- جي مون نيھنر پاڻ سان، دائن جي ٿيان دائي

۲- پسي پنھنجا کمڙا ميان لا، لالڻ آھيان لڄائي

۳- کن پارسي پاڻ ۾، ميان لا لالڻ، آءُ تان کينئن سمجھان سا وائي

۴- سرتيون انھيءَ سور ۾ ميان لا، مون سان ڏيرن کانہ نياڻي

۵- ونجي ور وات ٿيا ميان لا، ڏيرن کئي ڏاڏائي

۶- دروازي تي دوست جي ميان لا، آءُ تان جيڏون ويندس جائي

کافي (۲۱)

ٹلھ: رس راحم يا رھبر سائين، پَانَوَ کريو پوئواري

۱- حيرت تنھنجي حسن جي ميان لا، آھي تارن ۾ تکراري

۲- سج، چند، سجدي ۾ پيو ميان لا، تنھنجي سونھن پسي سونھاري

۳- طعام تنھن کي وھ ٿيو ميان لا، جن حسن ڏٺو ھک واري

۴- ٻانھي ٻئي در نہ منجو ميان لا، جنھن کي ناہ تو رِيءَ کاتاري

۵- پسڻ کارڻ پرينءَ جي ميان لا، ھيءَ واجھ وجھي ويچاري

کافي (۲۱)

ٹلھ: جان کو جيان ڏينھڙو، ور پريان پاڙي

۱- پاڙي پريان جي ھٿان، آءُ انھي راض رھان

۲- کنيو ٻھاري ھٿ ۾، ھوند نايو نرڙ رکان

www.maktabah.org

۳- جاکون بيٺي بندر پرتي، هيءَ کوران ٽي کاري
۴- اله لڳ اچي کو، هن چُڪيءَ کي چاڙهي

کافي (۲۳)

ٽلهه: جاڳو مديني جا پاتڻي، سائين مون کي پار لنگهاءِ

۱- صدقي وڃان سڀ جيئري جي، ته ڏسان جانب جاءِ جاڳو
۲- الا آسرو ڏکي جي تون، پروردڙئين پک
۳- ڪن سياڳن سامهون آهي دوساٽو ديرو
۴- پنڌ ڪرندس پرڏي، آءٌ ڪيون جيءَ ڪيرو
۵- آءٌ آسائو آهيان، اهل انهيءَ پار جي آءٌ لحظو نه لاهيان
۶- آڏيءَ اڏامي وڃان، جيئن لوڪ نه پوي لک جاڳو

"بيت"

۱- آهون دانهون، سوز، هينئڙو ڏينهاڙيون ڪري
توري سڃڻ ڏسجي روز، ته پي سکان سکڻ نه لهي
۲- آهون دانهون هوءِ، هينئڙو ڏيهاڙيون ڪري
توڙي سڃڻ روءِ بروءِ، ته پي سکان سکڻ نه لهي
۳- آهون دانهون سڏ، هينئڙو ڏيهاڙيون ڪري
توڙي گوڏو گوڏي گڏ، ته پي سکان سکڻ نه لهي
۴- آهون ءِ دانهون، هينئڙو ڏيهاڙيون ڪري
توٽي ڳل پريان بانهون، ته پي سکان سکڻ نه لهي
۵- هوت تنهنجو حال، تو بنا ڪنهن کي چوان
يلا ڪري يال، هيءَ سڻ منهنجي ڳالهڙي

www.maktabah.org

٦-ماس، رڳون، چم، هڏ، سڪ تنهنجي ساڙيو
ڪڍهين ڪڍهين سڏ، مهرئون مان مسڪين کي

٧-محبت پاريو مچ، جهين سندي جان ۾
سل ساجن چئو سچ، ته کوائي ترس تنهنجو

٨-لاهوتي هليا لاهوت ڏي، روئن سنجهه صباح
ڏڪ سڪ برابر ان کي، اورڙ ساڻ الله
مهدائيءَ ۾ ميان مرشد چوي، چليا منجهان چاهه
جاوڻي ساواه، ڪلئون قربين کي

٩-جنين پانيو پاڻ کي ڪري هڏهين کين
اهڙائي مسڪين در لهندا دوست جو

١٠-جنين پانيو پاڻ کي هڏهين کين ڪري
هوندين تن ڳري پريان سنديون ڳالهڙيون

١١-لائي ترار لاجي، ڪٽي خچر کي هڻ
سڏن جون سيد چوي وڻون سيپ وکڻ
پوءِ ٽي پير کڻ، ته هلڻ ۾ هورو ٽئين

١٢-جنين پانيو پاڻ کي هڏهين ڪري هيٺو
بين کان ٻيٽو ڪٽي ويندا خير سبن

١٣-دل ڏنائون دوست کي لنگ ڏنائون لوڪ
ينيوران ٻيئي ٽوڪ. انهين نيا پاڻ سان

١٤-هَي هَي هاريا س، جو ڪلر ۾ ڳنڍ چٽي
وربو ويڙهه نڪري، ڪرپٽ ڪاريا س
جنين ڪاڻ مياس، سي ڪانڊي کين ٽيا

١٥-حياتي اها جا فڪر يار ۾، هجي يار سين يا ذڪر يار ۾-
انهي فڪر ريءَ حياتي حرام، فڪر ڪر تون صورت سندو صبح شام-

www.maktabah.org

نوٽ: مٿيون بيت (شعر) پير سائين تجرڊٽيءَ جو چيل آهي.

۱۶- رلي چياءِ عمر کي، دنيا رن جيهي
جواني ۾ هڪ جوان کي ٻٽ هيون ٻيئي
پيري ۾ تنهن پرس کي پٽ ڏيئي ويئي
تڏهين چوءِ پنهنجي چت ۾ ٿو روح اندر روئي
تن رن تي ويئي پر رلي پي ويئي

نوٽ: هن کان هيٺ ڏنل بيت رسالي الرحيم تان ورتل آهن، جيکي علامه قاسمي جا گڏ کيل آهن.

"بيت"

۱- آهون دانهون هاءِ هينئر ڏوڏيها ڙيون کري
توڙي سڄڻ جاءِ بجاءِ ته پي سکان سکڻ نه لهي

۲- وحدت کثرت ٿي، کثرت وحدت کل
اندر پرين باهر پرين، ٻئي يول نه کنهن پل
هوءِ هلا چو هُل مڙئي آهه محبوب جو

۳- جهنگ سڙيو، اڃ ٿي، يگي چورن لک
هڪ سڄڻ ٻي سک، باقي رهيون پاڻ ۾

۴- جا جا ماڳ ڙئين چيڙي چرکو نه کري
ته پٽ ڳالهڙين، پرين پنهنجو نه کري

۵- ڳالهيون جوڙي جان وجان درد وسن جي
سگهان نه سيڻن کي منهن تي چئي مان
تاب تنين جي سان، وجن سيئي وسري

www.maktabah.org

۶-ڈٹو کوهیارو، ادیون هن اکین سان
ته هَبُ ڈونگر سارو هوند قولایو فقیر کي

۷-نڈر جنین جو نینهن، سي لکائن لوک کان
اسین سارو ڈینهن پڈرو اوریون پرسان

۸-"کُنْ" کنهن چیو، "فَیَکُونُ" کیرٹیو
جي عدم تي احدیت جو پرتو پیو
تنهین منجهان ٹیو، مادو معلومات جو

۹-مادو معلومات جو آیو، عین انسان
هِي، هُو جهان، تفصیل آهي تن جو

۱۰-ائین چرخو چور، جیئن سُتن کي سڈ ٹئي
تند پڈي تکڑي ڈاڍي پڈي ڈور
تنهان وجي تور، ته تنهنجو ماڻکن کان متي ٹئي

۱۱-اکیون سیئي ڈار، جنهن سان پسین پرینءَ کي
ٻئي ڈي کیرَ نهار، جو آهي رانول ریسارو گهٹو

۱۲-اچي اکین ۾ ویهه ته سچ ٹواري پوریان
مَرُ توکي ڈسي نه ڈیه، آءٌ نه ڈسان کي ٻیو

۱۳-منجهان قید کثرت جي آندائون عبور
اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنِيَ الْاَشْیَاءَ کَمَا هِيَ

۱۴-وسریون وجود، وجي ذاتي گڈیا ذات ۾
پیجي طلسم تعینات جا ٹیا مڑئي مقصود
جن ٹي سیئیو ساجد ۽ مسجود، سي حقیقت ۾ هک ٹیا

۱۵-ڈیو پاري ڈیل ۾ پسین جي پیهي
ته ظاهر باطن علم جو مُلا مجیئي
سُڌِ ستودن پیئي خاني انهین خاص جي

www.maktabah.org

۱۶- ڪاجا ڳالهه ڪجي هڪ ميان پي مڱڻي
سالڪ پيا بيماس ۾ عاقل ويا اجهي
ڪهڙي خبر خلق کي اهڙي سر اسرار جي

۱۷- نامرادي ۽ جي نجهري پيهي پڄ الله
چٽو رباني راهه، پر مرادن مخفي ڪينو

۱۸- فقير چئجي تن کي جن کي سين ري ۽ سري
پر بنه پير نه وڃڻو، نه ڪنهن گهر گهري
هو جو ماني ڪاڻ مري، سو سامي گر نه سامهون

۱۹- هو چَونَي، آءُ چوان ڇڏ هوڙائي ۽ جي هير
صبر سان سيد چئي سڀ ونندي ويڙ
اها قاضي نه پچي ڪير، جنهن کي عدالت اندر جي

۲۰- ماڳ به اهيئي جت به آهن جوءِ ۾
پر اکيون نه سيئي جنهن سان پسين پرکي

مولوي عبد اللطيف قادري صاحب جو گڏ ڪيل ڪلام، جيڪو هن ڪان اڳ ۾ الرحيم تان نقل ڪيو ويو آهي، ان کي ڇڏي، باقي هت لکجي ٿو، جيڪو هن طرح آهي:

مولود شريف

ٽلهه: هجون هميشه گڏ، جيءَ مرسل ميان ڏي سڪاين سڏ

۱ چتونئڙا باغن ۾ منڙي لاتلنون
ڏينهان ڏورن ڏڦڙو راتيان رب گهرن

۲- شال وهامي نه راتڙي، پره ڪٽي نه پاند
ريجهايان ته رسول کي، ڪامل قريشي ڪاند

www.maktabah.org

۳-جنهن پاڑي ۾ سپرين وڏا طالع تن
اکڑيون تن ڏسڻ لئہ، مرتہ عيدان کن

۴-گهوڑو آيم گهوٽ لئہ، لهي کان ايندن
تارن جهڑا تنگ تي، موتي ٽامرکن

۵-دف وڳا در پوريا گهوٽ رهيو راٹين
آءٔ بينو هوس ادب ۾، بانهون پڌي بانهن

٦-آءٔ اوهان جو احمد سائين اوهان جو سڳ
محمد راشد کي ڏيو، وحدانيت وارو رنگ

مولود شريف

ٽلهہ: مولا مکو تو ڏي ڏيو، عالم سڄو ٽيو سوجهرو
ظلمات سڀ ضايع ٽيو، مولا ملائين مصطفيٰ

۱-تک ٽي وهي هن پار ڏي، کشتي ڇکي اوپار ڏي
درکار پهچ ٽ يار ڏي، مولا ملائين مصطفيٰ

۲-آهي هتي ڇولي گهٽي، تنهن ۾ گهڙان ڇا ٽوکٹي
ترڇاڑهہ تون ترڇا ڏٹي، مولا ملائين مصطفيٰ

۳-کين جو کمايم کار ۾، هت ڇا سلان سرکار ۾
دانهون کيم بيکار ۾، مولا ملائين مصطفيٰ

۴-ساريو سڄ ٽ کي ساريان، تولئہ هنجهون هت هاريان
ڏونگر ڏکيا ڏينهن گهاريان، مولا ملائين مصطفيٰ

۵-سنسار ۾ سردار تون، اڙين سندو آڌار تون
راشد پهچائج پار تون، مولا ملائين مصطفيٰ

www.maktabah.org

ڪافي

ٽلهه: ڪيو غم وهم آهي تن ڪي نشو ٽيو نينهن جو جن ڪي

۱- وَفِيْ اَنْفُسِكُمْ ڏنائون منجهه ڏيل، پي چڏيائون سپ قال قيل
وَنَحْنُ اَقْرَبُ ڪيئون نيڙن، اکيون لاٽئون عجيبن ڪي

۲- فَاَيْنَمَا تولوا رکيئون رايو، فَثَمَّ وَجْهُ اللهِ ائين حق فرمايو
نظر تن ڪي غير نه آيو، ڏٺئون هر حال ۾ حبيبن ڪي

۳- محمد راشد چئي ثابت رهج سڪ ۾ پرجهي پير پائج چوري چت ۾
وَفِيْ اَنْفُسِكُمْ وارو سبق آهي جن ڪي

"بيت"

اوپر ڏانهن ٽي اپريو، ڪڪر لاٽي ڪمس
سائدي جو سيد چوي، هٽ رهڻ ڪئون رَسُ
اتي نيئي وس، جاڻي ساڻ منهنجا سپرين

"بيت"

نينهن اڳيئي شينهن، ويتر لايم پرين ۽ سان
جي بوليان تہ باهر پوي، سانديان سانوڻ مينهن
سئو تنيجو ڏينهن، سانديو جني سيد چوي

"بيت"

پڙهيو سپ وسار، وسريو الف ياد ڪر
ناحق ڪيم نهار، پنا پيا پرين ۽ لئه

"بيت"

قلم جنهين جي هٿ، ڪج ڪلئي ڪارون تن
انگ ڦيرائي اڳيون، من باجهون بيولکن

www.maktabah.org

"بیت"

جنهن کي جيا ئين، پرين پاڻ پسايو
تنهن کي تيا ئين ليئا پائڻ آئيا

"بیت"

توڙي منجهه تارن، لکين لتون ڏين
تہ هٹان حبين، کڏهن کونڊ کوئيو

"بیت"

صائم سکي جيئن، آذان جي آواز کي
مون تن آهي تيئن، سکايو سڃڻين

"بیت"

اندر آهين، ڳالهيون کرڙ جهڙيون
پرين تان نه پچين، اڻ پچيون آڻ چوان

"بیت"

نه زبان زاري کري، نه دل چوي الله
اوري ئي اوجون ٿئو، روح نه لهندو راه
ان ٿنهين کان ڏار، کا ڳجهي آهي ڳالهڙي

"بیت"

تون کيئن تکليفون کرين، مُلامٹي مستانن
سرکي سانه آئيي، جا چس چکي چرين
الستي آواز تي، ميامست توتن
حشر هوشيار سي، مس مستانا ٹين

www.maktabah.org

"بيت"

اور تنهين سان اور، جنهن جي اور الله سين
ٻئي سان اور نه اور، متان اورين ڏي اوري رهين

"بيت"

چريو سوئي لوڪ، جو چرين کي چريو چوي
چرين ڏئو سو ٿوڪ، سياڻا سڪن تنهن کي

"بيت"

پَرُسجاڻ ٽستارو، پاڻ سجاڻ ڏڪ
تيسين ڪرم سڪ، جيسين پاڻ نه سجاڻين پانهنجو

"بيت"

زباني ذڪر جو ڏوران انٽئي ڏس
من ۾ مرشد پس، تو نهين سان توهه ٽئي

"بيت"

شيرءِ شهباز، پردي مس منجهه برن
چپون ڪين چرن، وينيون واهيرن تي

"بيت"

خبرون ڏيندئي ڪبڙيون، لس لئي لاڻان
ڪٽوريءِ هاڻا هٽئون کي هوت وبا

"بيت"

جيڪس کي ڪيام، اوگڻ اباڻن سان
تيلانهن عمر ڪوٽ ۾، ٻه ٽي پهر پيام
ماروٽر ٽيام، آءُ ٽئي نيرن ۾ نجهران

www.maktabah.org

"بيت"

چني اٽئي ويڙهه، متي آهين روجهڙي
ماروئڙو تو پير، چاڙهيون وتي سينگڙي

"بيت"

گهٽو تان گهٽائي، ٽورو به ٽوري جهڙو
آءُ کا اهڙيائي، جو تنهنجي ٽوري کي ٽورو چوان

"بيت"

سرهي سيساري، کهڙي منٺي پاڻ ۾
هوجر پاتاري، هن جوهيج ٽرن سان

"بيت"

توڙي نه ليکين، تو به ريءَ کيچين کاڏي وڃان
کسوٽي ڪراهجي چکايو جوکين
پراني پرکين، نه تو آءُ کاکُوڙي

"بيت"

گڏيو وتين گڏ، سچ ٽ ساه پساه سان
کهڙا کباسڏ، اهڙي هوت هيکاندڪي

"بيت"

سرڏني ساجن ملي، هي ءُ تاکم سَجِيهَ
لک ٽورا ڳٽ ويهه دل پي دلالي ڏجي

"بيت"

ملان مان بلوچ، ورڏيئي ڏونگر ڏوريان
جيکا لائق لوچ، سا محبت مونئي ڪئي

www.maktabah.org

"بیت"

جنهن پاڑي ۾ سپرين، تان مانکي منهن گهٽا
توڙي باهنکري توڙي لوڻ ڪٽا

"بیت"

ڪنهين ماضي منڌ، ڪنهين استقبال
سچ پروڙيون جو ڳئين، جنهين هٽ ۾ حال

"بیت"

ڳئن ۽ مينهن جا ڪئن ٽين ميلا
هوڇرن پٽ تي، هوڇرن پيلا

"بیت"

اک پريان جي اک ۾، جنهين پاتي اک
ماٺ هوسي چئبا، پيا مڙئي مک

"بیت"

ڪتوئي ٽي گهار، اگڙ عجبن جي
ڪن وڏئي ڪين ڪچ، پرکتيائي پار
اگڙ عجبن جو، ٽنگ ڳچي مرٽار
صبح وندا شڪار، مان سڏي نيني پاڙسان

"بیت"

عيبن سان ئي وچ، پيهي درد وستن جي
پول مڙئي پچ تسگهو ملندئي سپرين

"بیت"

تون پڙ عيبن ساڻ، پيهي وچ پرين ۽ ڏي
بنا ساجن سپرين ڪيئن لهندئي ڪاڻ
پيهي وچي پاڻ، پئو تون پيش پرين جي

www.maktabah.org

"بيت"

جيءُ جانب کي ڏي، نه ته موت به نينديءِ جيءَ کي
اهڙا سودا گر سيد چئي، کڏهن نه ملنديءِ کي
جيءَ ڏني جانب ملي، ته ڏوهين هٿين ڏي
پوءِ ڏس قياس ڪري، ته هو چگو کي هي

"بيت"

هيءَ هيءَ جي هڪ دم، اجل کان اڳي مرين
مرتبو تنهنجو مرشد چوي، اهڙو ٿئي اتم
کيو اويس اهڙو ڪم، ته جو ڳو جنت جو ٿيو

(ڪلام پورو ٿيو)

www.maktabah.org

فصل ٻيو

تصوف جو تعارف

تاريخ شاهد آهي ته جڏهن حڪمرانن ۽ سرمائيدارن، پنهنجي اقتدار ۽ دولت جي نشي ۾ احڪام الهيءَ کي وساري، ڪائنات تي ظلم وستم ڪرڻ، فساد ۽ وڳوڙ ڦيلائڻ جي بازار گرم رکي، ته اهڙي وقت ۾ انهن جابرن ۽ ظالمن کي ڪنٽرول ۾ ڪرڻ خاطر، ۽ مخلوق تان سندن قهري ڪارروائين کي ختم ڪرڻ جي لاءِ بزرگان دين برسر پيڪار رهيا. انهن درويشن، ظالم حڪمرانن ۽ سرمائيدارن کي سر عام ٽوڪيو، ۽ انهن جي خلاف عوامي راءِ کي بيدار پئي ڪيو. اهڙن پلارن، نيڪن، صرف ذاتي زهد، عبادت کي ئي ڪافي نه سمجهيو، بلڪ هر برائيءَ خلاف پنهنجي رت جي آخري قطري ڏيڻ کان به ڪونه ڪيهايائون.

اهڙن انسانن جي تاريخ تمام پراڻي ۽ آڳاٽي آهي، جن کي مذهبي اصطلاح ۾ صوفي سڏيو وڃي ٿو. عالمن، محققن، انهن جي صفتن ۽ عادتن بابت مختلف رايا پيش ڪيا آهن، هُنن پنهنجي مذهب ۽ مسلڪ جو بنياد قرآن ۽ سنت پاڪ تي هر حالت ۾ مضبوطيءَ سان ڪاربند رهڻ تي قائم پئي ڪيو آهي. اهي نيڪ سيرت انسان هڪ ئي وقت ڪامل ولي الله هئا، ته ساڳي ئي وقت ۾ چوٽيءَ جا مفسر، محدث ۽ فقيه اعظم پڻ هئا. انهن ڪاملن جا تصوف جي باري ۾ مختلف رايا پيش ڪجن ٿا: ڪن جو چوڻ آهي ته تصوف جو لفظ صوف مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ اُنَ يا پَشم آهي، چوته اڳئين زماني ۾ صوفي مشائخ جو لباس گهٽو ڪري انَ جو هوندو هيو، تنهن ڪري انهن تي صوفي نالو پئجي ويو(۱)

ڪن جو چوڻ آهي ته لفظ صوفي اصحاب صفه ڏانهن منسوب آهي، ان ڪري جو جيئن اصحاب صفه دنيا کان بي تعلق ٿي ڪري، صرف الله پاڪ جي رضا خاطر دين اسلام جي تعليم کي سمجهڻ ،۽ سنت رسول تي عمل ڪرڻ لاءِ مخصوص هوندا هئا، اهڙيءَ طرح صوفي بزرگ به پنهنجين دلين مان غير الله جي محبت کي ختم ڪري، هميشه عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول هوندا آهن، ۽ ان ڪري کين اصحاب صفه سان نسبت ۽

(۱) "مخزن علوم" ص۹

www.maktabah.org

محبت سبب صوفي سڏجي ٿو.

حضرت عبد القادر جيلاني قدس الله سره الاقدس جن صوفي جو مادو"مصافات" مان بيان ڪيو آهي، جنهن جي معنيٰ، توحيد آهي. حضرت شيخ غوث الاعظم قدس الله سره العزيز جن ان باري ۾ فرمايو آهي ته:" متصوف اهو آهي جيڪو صوفي بنجڻ واسطي تڪليف برداشت ڪندو آهي، ۽ هر وقت اها ڪوشش ڪندوآهي، ۽ ان تڪليف ۽ ڪوشش سان هڪ مرتبو حاصل ڪندو آهي، ۽آخر هو صوفي بنجي ويندو آهي، ۽ زهد ۽ عبادت اختيار ڪري، جنهن وقت زهد ۽انتها کي پهچندو آهي ته هڪ خاص مقام حاصل ڪندو آهي،جڏهن ان خاص مقام تي رسندو آهي ته دنيا جي سيني شين جي محبت ان جي دل مان نڪري ويندي آهي، ۽ هو (صوفي) خدا پاڪ جي محبت ۾ پريشان ۽ هر شيءِ کان بي خبر هوندو آهي. هو هر وقت ان انتظار ۾ هوندو آهي ته ڪيس خداوندي درگاهه مان ڪهڙو حڪم ٿو ملي، ۽ اهڙي ئي شخص کي "متصوف" چئبو آهي(۱)

مطلب ته صوفي اهڙي شخص کي چئبو آهي جيڪو صاف هجي، ۽ ان جي دل،نفس جي آفتن ۽ بچڻي عادتن کان صاف هجي. حضرت عبد القادر جيلاني رحمةُ الله عليه جن فرمايو آهي ته صوفيءَ جي پاڪائي هيءَ آهي ته هو پنهنجي نفس جي مصيبتن ۽ خراب ڳالهين کان پنهنجي دل کي صاف ڪري، ۽ مذهب جيڪو سيني کان زياده سٺو آهي، ان جي پيروي ڪري. هن هنڌ تي نقلي صوفي جيڪي عام طور تي چوندا آهن ته صوفي لامذهب هوندوآهي، اهڙن جي نفي ٿئي ٿي. ڇوته هو ڇڙواڳيءَ سبب ائين چوندا آهن. ليڪن حقيقت ان جي ابتڙ آهي. دراصل صوفي اهو آهي، جيڪوپاڻ کي دين اسلام ۽ احڪام خداونديءَ جي بجاآوري لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

متقدمين صوفياءَ ڪرام پڻ ساڳي ئي تعريف ڪئي آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ ثابت ٿيو ته حقيقي ۽ سچا صوفي اهي آهن، جيڪي اوامر ونواهيءَ تي سختي سان ڪاربند هجن، ۽ سنت رسول تي سچي دل سان پيروي ڪندا هجن.

حضرت شيخ شهاب الدين سهروردیءَ هڪ نقل بيان ڪيو آهي ته، شيخ عبد الواحد کان ڪنهن پڇيو ته صوفي ڪير آهن؟ تنهن تي شيخ عبد الواحد رحمةُ الله تعاليٰ عليه جواب ڏنو ته منهنجي خيال ۾ صوفي اهي ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي سمجهه موجب ۽ طاقت آهر سنت رسول تي قائم آهن.

(۱) غنيةُ الطالبين مترجم (اردو) ص٦١٨

www.maktabah.org

حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي رحمةَ الله تعاليٰ عليه فرمايو آهي ته: صوفيءَ کان سواءِ ٻيو ڪير آهي، جيڪورسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي سنتن تي عمل ڪندي،سنت کي جيارڻ جو ڪم ڪندو؟ پاڻ فرمائين ٿا ته اهي ئي(صوفي) عالم بالله ۽ زاهد في الدنيا آهن،جيڪي تقويٰ تي استقامت سان عمل پيرا آهن(۱)

ان ڪري صوفي لا مذهب واري دعويٰ غلط ۽ بي بنياد آهي،۽ اهو قول اهڙن ماڻهن جو ٿي سگهي ٿو جيڪي اصل ۾ صوفي ۽ تصوف جي حقيقي معنيٰ نٿا ڄاڻن. اهڙي دعويٰ ڪندڙ صوفي نفس جا پوئلگ ٿي سگهن ٿا، جيڪي نفساني خواهشن موجب،مذهب کان بيزاري ۽ دوري ڏيکارين ٿا. شايد اهڙن صوفين کي الله پاڪ ۽ ان جي رسول مقبول طرفان مقرر ڪيل رستو(مذهب) پسند ناهي. جنهن جي ڪري هو صفا مذهب کان بيزار ٿي اهڙيون دعوائون ڪن ٿا!!

حضرت پير سائين روضي ڈٹي قدس سره جن فرمايو ته جيڪو ماڻهون پلي اڏرندو اچي، ۽ جيڪڏهن سنت رسول کان هڪ وار به پاسيرو هوندو ته اهڙي ماڻهون کي ڪڏهن به بزرگ يا ولي الله صوفي تسليم نه ڪبو، ڇو ته اڏرڻ ۾ ڪا به ڪماليت ناهي بلڪ اڏرندين ته مڪيون به آهن.

حضرت رديم رحمةَ الله تعاليٰ عليه فرمايو آهي ته پنهنجي نفس کي الله تعاليٰ جي مرضيءَ تي ڇڏي ڏيڻ تصوف آهي، جيئن الله تعاليٰ چاهي ۽ پسند ڪري ۽ الله پاڪ جي مرضيءَ تي هر حال ۾ راضي رهي. پنهنجي تدبير کي بلڪل ترڪ ڪري ڇڏي.
حضرت عمر بن عثمان مڪي فرمايو آهي ته تصوف اهو آهي ته بانهو هر وقت ان حال ۾ مشغول رهي جيڪو وقت ۾ افضل ۽ پهريون هجي، ۽ وقت جي تقاضا جو خيال رکي. جيڪو ان وقت ۾ افضل ۽ پهريون هجي، ان کي اختيار ڪري.

حضرت سهيل بن عبد الله تستري فرمايوآهي ته صوفي اهو آهي، جيڪو ڪينه کان صاف، سوچ کان خالي هجي، ۽ الله تعاليٰ جي لاءِ انسانن کان نااميد هجي ۽ جنهن جي نظر ۾ سون ۽ مٽي هڪجهڙا هجن.

جڏهن تصوف جي باري ۾ ارباب تصوف کان پڇيو ويو ته انهن فرمايو ته مخلوق جي موافقت کان دل کي خالي ڪرڻ، طبيعي اخلاق کان جدا ٿيڻ، بشري صفتن

(۱) عوارف المعارف(اردو) ص۱۹۱

www.maktabah.org

کي بند کرڻ، نفساني خواهشن کان الگ ٿيڻ، روحاني صفتن کي منزل بنائڻ، حقيقي علمن سان تعلق پيدا کرڻ، ۽ شريعت ۾ حضرت رسول الله صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي پوري پيروي کرڻ جو نالو تصوف آهي.(۱)

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي قدس سره جن فرمايو آهي ته جيڪو پنهنجي هستيءَ کي فنا کندو،اهوئي خدا کي لهندو، جيڪوپنهنجي زندگي کي مال گڏ کرڻ ۾ گذاريندو،اهو مايوس ٿي مرندو(۲)

حضرت فريد الدين گنج شکر رحمةَ الله تعاليٰ عليه فرمايو آهي ته آدم عليه السلام کي"صفي الله" ان ڪري چيو وجي ٿو جو پاڻ علم علويءَ ۾ تصوف جو مذهب قبول ڪيائون(۳)

حضرت جنيد بغدادي رحمةَ الله تعاليٰ عليه‌کان سوال ڪيو ويوته تصوف ڇا آهي؟ جواب ۾ فرمايائون ته تصوف حقيقت ۾ ذات باري تعاليٰ جو جوهر آهي. اها اهڙي صفت آهي جنهن ۾ انسان کي قائم ڪيو ويو آهي(۴)

حضرت خواجه بنده نواز گيسو دراز رحمةَ الله تعاليٰ عليه پنهنجي ملفوظات ۾ ، حضرت شرف الدين يحييٰ منيريءَ جي حوالي سان بيان ڪيو آهي ته تصوف جي نعمت ان وقت تائين نصيب نه ٿيندي، جيستائين ڪنهن ڪامل جو هٿ نه ونجي، جيئن هو دنيا جي مڪاري، غداري ۽ نفس جي برابن کان خبردار ڪري، ۽ مصيبت کان بچائي(۵)

حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جن فرمايو ته الله تعاليٰ جنهن وقت حضرت موسيٰ عليه السلام سان گفتگو فرمائي ته ان وقت موسيٰ عليه السلام کي صوف(اُنَ) جو لباس ڏکيل هيو(٦)

اهوئي سبب آهي جو صوفياءِ ڪرام پنهنجي نسبت نبين،اصحابن ۽ ولين سان ٻڌائيندا آهن، ۽ اصحاب ڪرام صوف (اُنَّ) جو لباس پهريندا هئا، ۽ اهڙي

(۱) عوارف المعارف اردو ص۱۹۸
(۲) ملفوظات روضي ڈٹي جلد چوٽون ص۴۰
(۳) اسرار الاولياءِ اردو ص۷۴
(۴) امام تصوف اردو ص۸
(۵) جامع الڪلم اردو ص۲۵
(٦) مسند ابي يعليٰ جلد۵ص

www.maktabah.org

لباس ڏيڻ جومقصد اهو هوندو هين ته نفس کي تکليف ۽ مشقت ۾ رکجي، جيئن سرڪشي ختم ٿي وجيس ۽ اطاعت الٰهي ۽ فرمانبرداريءَ لاءِ ڪمر بسته رهي.

تصوف جي شروعات

جهڙي طرح تصوف جي معنيٰ ۽ تشريح بابت مختلف قياس آرائيون آهن، اهڙيءَ طرح تصوف جي شروعات بابت پڻ جدا جدا نظريا سامهون اچن ٿا. علامہ خير الدين زرڪلي پنهنجي جگ مشهور ڪتاب الاعلام ۾ لکيو آهي ته محمد بن ابراهيم (وفات ۲۷۰ھ) پهريون صوفي آهي، جنهن بغداد ۾ تصوف جي تعليم ۽ تدريس جو باقاعدي ڪم شروع ڪيو، ۽ پنهنجي وقت ۾ قراءت جو وڏو عالم ليکيو ويندو هو(۱)

تصوف جي شروعات جي باري ۾ امام ابوالقاسم قشيري رحمة الله تعاليٰ عليه فرمايو آهي ته حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي وصال کان اڳ مسلمانن لاءِ صحبت ۾ علم حاصل ڪرڻ کان سواءِ ٻيوڪوبه چارو ڪونه هيو، ۽ انهن لاءِ صحبت جي شرف کان وڌيڪ ٻيو ڪو به شرف ڪونه هيو. انهيءَ ڪري کين اصحابي چيو ويو. جڏهن زمانو گذريو ۽ ٻيا ماڻهو پيدا ٿيا، جيڪي اصحابين جي صحبت ۾رهڻ لڳا ۽ کين تابعين چيو ويندو هيو. انهن به ان نالي کي نهايت شرف وارو سمجهيو، ۽ تابعين کان پوءِ تبع تابعين جو زمانو آيو، ۽ وقت گذرڻ کان پوءِ ماڻهن ۾ اختلاف پيدا ٿيا، ۽ جدا جدا فرقا پيدا ٿيا. اهي ماڻهو جن کي دين سان محبت هئي، اهي پاڻ کي زاهد ۽ عابد چورائڻ لڳا. ان کان پوءِ بدعتن منهن ڪڍيو ۽ هر هڪ ٽولي ۽ گروهه جي دعويٰ اها هئي ته وٽن زاهد ۽ عابد آهن، ان ڪري اهل سنت و جماعت مان اهي خاص ماڻهو، جن پنهنجن نفسن کي خدا پاڪ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو، ۽پنهنجي دلين تي غفلت طاري ٿيڻ کان بچائي ورتو، انهن ماڻهن پنهنجي لاءِ جدا نالو صوفي رکيو. اهولقب انهن بزرگن لاءِ ٻي صدي هجريءَ جي ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي مشهور ٿي چڪو هيو(۲)

اهڙي طرح ملفوظات شريف ۾ جامع ملفوظات کان نقل آهي ته هڪ دفعو مون حضرت جن کان حضرت سيد عبد القادر آخرين(جيڪو سندن والد ماجد حضرت سيد محمد بقا شاهه جو مرشد هيو) جي باري ۾ پڇيو ته انهن جي عادت ڪهڙي هوندي

(۱) الاعلام (عربي) طبع ثالث جلد ٦ ص ۱۸۳

(۲) رساله قشيريه (عربي) ص۸

هئي؟ تڏهن پاڻ فرمايائون ته سير تمام گهٽو ڪندا هيا. ڏکڻ جي طرف پنجاب کان سيوهڻ تائين ۽ اتر ڈي ڪشمير تائين، سندن سير ڪرڻ جو دنگ هيو. حضرت جن وڌيڪ فرمايو ته سيد عبد القادر آخرين جا سيئي مريد ذڪر شريف ڈاڍيان ڪندا هيا، جيئن اسان جي فقيرن جي جماعت ذڪر ڪندي آهي. پاڻ هيئن به فرمايائون ته مريد جو لفظ ڳالهائڻ غلط آهي بلڪ مريد جي بدران يار جو لفظ چئجي ته بهتر آهي. جيئن حضرت پيغمبر صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جي وقت ۾ سندن پوئلڳن لاءِ اصحاب جو لفظ چئبو هو. جنهن جي معنيٰ يار ۽ ساٿي آهي. (۱)

مٿين روايتن کان سواءِ اهو پڻ معلوم ٿو ٿئي ته تصوف جي شروعات نبي ڪريم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جي زماني کان ليکي وجي ٿي، جو پاڻ ڪريمن جو اعلان نبوت کان اڳ وارو زمانو ان ڳالهه تي دلالت ڪري ٿو ته، پاڻ ڪريم جن نفس طرف متوجهه رهندا هيا. دراصل نفس جي طرف متوجهه رهڻ، ۽ نفساني خواهشن کي ترڪ ڪري اندر کي اجارڻ جو نالو تصوف ئي ته آهي، جنهن جي شروعات حضور صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جي زماني ۾ ٿي چڪي هئي. ان کان پوءِ اصحاب صفه وارن جي پوري زندگي مبارڪ تصوف، زهد عبادت ۽ نفس جي صفائيءَ لاءِ وقف ٿيل هئي. سندن پيوڪوبه ڪم ڪار ڪونه هوندو هيو. صرف ۽ صرف رب پاڪ جي رضا خاطر نفس سان مجاهدن ۾ گذاربندا هئا.

اسلام جيئن جو وڌندو رهيو، ۽ تصوف جي تعليم عام ٿيندي ويئي ته تصوف ۾ به واڌارو ايندو رهيو ۽ مختلف فرقا ۽ نظريا پيدا ٿيندا رهيا، جنهن جي نتيجي ۾ اسلامي تصوف کان سواءِ ٻيا ڪيترائي تصوف جا نظريا وجود ۾ آيا، پنهنجي طريقي موجب پرچار ڪرڻ لڳا. انهن سڀني جي ذڪر ڪرڻ کان پرهيز ڪندي هت صرف اسلامي تصوف جي مختصر تصوير پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي ٿي.

اسلامي تصوف:

اسلامي تصوف جو بنياد حضرت آدم عليه السلام جي وقت کان ئي ٿي چڪو هو. ۽ تمام انبياءُ ڪرام عليهم السلام جي تعليم جو بنياد به توحيد تي مشتمل هيو، جيڪا تصوف جي بنيادي گهرج ۽ ضرورت آهي. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ

(۱) ملفوظات روضي ڈٹي سنڌي جلد اول ص ۸

www.maktabah.org

تصوف جون شڪليون ۽ بدلبيون رهيون ۽ تصوف جي طريقئه تعليم ۾ ۽ تبديليون ٿيندين رهيون.

عهد رسالت جو دور ۽ تصوف جو دور ليکيو وڃي ٿو. ان دور ۾ تمام وڏا اصحاب سڳورا، جهڙوڪ حضرت ابوذرغفاري، حضرت سلمان فارسي، حضرت مقداد رضي الله تعاليٰ عنهم، اهي عظيم هستيون آهن، جن پنهنجي پوري حياتي مبارڪ ان اسلامي تصوف لاءِ وقف ڪري ڇڏي، ۽ اصحاب صفه جي لقب سان مشهور ٿي ويا.

انهن مذڪوره اصحاب سڳورن کان علاوه ٻيا ۽ اصحاب سڳورا جن جو تعداد ستر هيو، اهي الله ۽ ان جي رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جي رضا واسطي خالص نيت ۽ عمل سان، پنهنجي نفس جي پاڪائي ۽ تعليمات رسول کي سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ گذاريندا هئا.

حضرت شيخ ابوالنجيب سهروردي فرمايوآهي ته، رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جيڪوڪجهه الله تعاليٰ جي طرفان آندو، ان جي مقبوليت ۽پذيرائيءَ لاءِ الله پاڪ صاف دليون ۽ پاڪ نفس منتخب فرمايا. تڏهن صفائي جو فرق ۽ پاڪائيءَ جو فائدو نفعي جي صورت ۾ظاهر ٿيا(۱)

ان جومطلب اهو ٿيو ته حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي آندل پيغام تي سچائيءَ سان عمل، صرف اولياءَ الله ۽ حقيقي صوفياءَ ڪرام ڪيو، ۽ انهن کي ئي، ان سچي ۽ پاڪ پيغام تي دل سان عمل ڪرڻ لاءِ خدا پاڪ کين منتخب فرمائي ڇڏيو. آخر کين اهڙو مرتبوءِ مان حاصل ٿيو، جو سندن عمل ۽ڪردار رهندي دنيا لاءِ مشعل راهه بنجي ويو.

اصحاب صفه سان رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي محبت ۽ همدردي جو اظهار، هن ڳالهه جو ڪليو ثبوت آهي ته، هڪ دفعي پاڻ ڪريمن، اصحاب صفه جي طور طريقي تي اطمينان فرمائيندي کين بشارت ڏني. واقعو هن ريت آهي ته، حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن اصحاب صفه وارن وٽ تشريف وڃي ويا، ۽ انهن جي غريبي ۽ مجاهدي جي حالت کي ڏسي (جنهن حالت تي هو تمام گهڻو راضي ۽ خوش هئا) فرمايائون ته: اي اصحاب صفه! مان توهان کي خوشخبري ٿو ٻڌايان ته جيڪو شخص منهنجي امت مان، توهان واري صفت (حالت) تي رهندو، اهو مون سان گڏ جنت ۾ رفيق هوندو.

(۱) عوارف المعارف اردو ص۱۴۹

www.maktabah.org

اهڙيءَ طرح مڪمل اسلامي تصوف جو بهريون زمانو اصحاب صفہ وارو دور ليکبو، جنهن دور کي خود رسول الله صلي الله عليه وسلم جن "خير القرون" يعني سڀ کان پلو دور قرار ڏنو آهي. اصحاب ڪرام کان پوءِ تابعين جو دور آيو. تابعين کان پوءِ تبع تابعين جو دور آيو، جن جي ڪوشش ۽ ڏينهن رات جي تبليغ سان، اسلامي تصوف هڪ تحريڪ جي صورت ۾ وڌندو رهيو، ۽ زندگي جي هر هڪ گوشي کي متاثر ڪندو رهيو.

ٽين صدي هجري تائين بزرگان دين ۽ ارباب تصوف، راهہ سلوڪ ۾ درس تدريس ۽ ظاهري ۽ باطني مشغولين کان بچڻ خاطر، ذڪر اذڪار ۽ زهد عبادت ۾ مشغول رهيا. ان ڪري اسلامي تصوف تي باقاعده تصنيف ۽ تاليف جو ڪم نہ ٿي سگهيو. باقي ٽين صدي هجري کان پوءِ مشائخ ڪبار، ۽ علماءِ عظام ان طرف توجهہ ڏنو، ۽ خالص تصوف جي موضوع تي، نثر خواهہ نظم ۾ بي مثال تصنيفون مرتب ڪيائون، جنهن ۾ عشق الاهي ۽ قرب خداوندي حاصل ڪرڻ جا طريقا ۽ منزلون ۽ وقتي حالات سان گڏوگڏ تصوف ۾ رونما ٿيندڙ تبديلين جو ذڪر ڪيو. ان کان سواءِ علمي سرگرمين ۾ پڻ تمام گهڻو اضافو ٿيو.

انهن سڀني ڳالهين کي ذهن نشين ڪرڻ کان پوءِ ڏنو وڃي تہ خود رسول الله صلي الله عليه وسلم جن اعلان نبوت کان پهريان ٻن ٽن ڏينهن جو کاڌو خوراڪ پاڻ گڏ ڪڻي، اڪيلائي ۽ گوشہ نشيني ۾ غار حرا اندر ويهي خدائي عبادت ۾ مشغول رهندا هئا. دراصل سندن اعلان نبوت کان اڳ وارو اهو قدم ، اسلامي تصوف جو ابتدائي بنياد هيو. جنهن دوران پاڻ ڪريم جن ماٺهن کان پري رهي اڪيلائپ ۾ الله پاڪ کي ياد ڪندا هئا، ۽ عشق الاهي ۽ قرب خداوندي کي حاصل ڪرڻ، پنهنجو معمول بنائي، هميشہ ان فڪر ۾ محو هوندا هئا.

سندن نبوت جي اعلان کان اڳ ۾ عبادت ۽ رياضت جو اهو طريقو هيو، نيٺ آخر وحي ذريعي اعلان نبوت فرمايائون، جنهن سان حقيقت کي سجاڻي، معرفت تائين ڪين پهچڻ آسان ٿي پيو.

حضور صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن جي پوري زندگي مبارڪ جي تعليم ۽ سکيا، توحيد ۽ خدا شناسيءَ تي ٻڌل هئي، پاڻ انسان ذات کي الله پاڪ جي حقيقت پروڙڻ ۽ سمجهڻ جي تعليم ڏنائون، خدا شناسيءَ جو سولو طريقو خود شناسيءَ

www.maktabah.org

جي ذريعي سمجهايائون "مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ" جي صدا ۽ انهيءَ ڳالهه جو ڏس ڏنو ته خدا پاڪ تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته سڀ کان پهريائين پنهنجو پاڻ کي سڃاڻجي. جڏهن خود شناسيءَ جي مقام تي پهچبو ته پنهنجو وجود جي حقيقت ڪجهه به نظر نه ايندي، بلڪ خدا پاڪ جي حقيقت نظر ايندي.

تصوف جي تعليم جو مقصد:

وحدانيت جي پرچار حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم جي زندگيءَ جو بنيادي اصول رهيو. ان ڪري اسلامي تصوف جو اصل جوهر به توحيد ۽ وحدانيت تي مشتمل آهي. جيڪو تصوف ان بنيادي روح کان وانجهيل نظر ايندو، اهو غير اسلامي تصور ڪيو ويندو. اصل تصوف ته وحدانيت سان گڏوگڏ، نبي ڪريم صلي الله عليه تعاليٰ وسلم جي سنت ۽ قرآن پاڪ جي تعليم ئي آهي.

خلاف پيغمبر کسے رهه گزيد
که هرگز بمنزل نخواهد رسيد

اسلامي تصوف ذريعي هن ڌرتيءَ تي ماڻهن ۾ محبت ۽ اتفاق، امن، سلامتي، پلائيءَ ۽ بهتري قائم ڪرڻ جا رستا هموار ٿيا. انهن سڀني ڳالهين کي حاصل ڪرڻ ۾ اسلامي تصوف جو مکيه ڪردار رهيو آهي.

اهڙي طرح ڏنو وڃي ته حضور اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم اعلان نبوت کان بعد، ۲۳ سالن جي عرصي ۾، عملي طرح، اسلامي تصوف کي سر زمين عرب ۾ رائج فرمائي، بنياد مضبوط ڪري ڇڏيو. ڪائنڪ بعد اصحابه ڪرام، تابعين، تبع تابعين ۽ اولياءِ عظام ان بنياد کي مضبوط ترين بنائي ڇڏيو.

اسلامي تصوف جو واسطو، ماڻهن جي نفسياتي، اخلاقي، ذهني روحاني ۽ باطني پهلوئن سان رهيو آهي، جنهن ذريعي سندن نفسي اصلاح ۽ اخلاقي درستي، ۽ حق جي تلاش سان گڏوگڏ ان جي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ، اصلي مقصد رهيو آهي. انساني ٻڌي، محبت، امن، سڪون ۽ همدردي، اسلامي تصوف ذريعي حاصل ٿين ٿا. جنهن جي پورائي هر هنڌ صوفياءِ ڪرام ۽ اولياءِ عظام ڪندا رهيا آهن. اهو ئي سبب هيو جو صوفين، وحدت، اتحاد ۽ عالمي امن ۽ ترقي کي، پنهنجو بنيادي مقصد بنائي

www.maktabah.org

سامهون رکيو، ۽ هر ان ڳالهه کان نفرت جو اظهار کيائون، جنهن سان انسانن ۾ نفاق ۽ نفرت پيدا ٿئي، جيئن کنهن چيو آهي:

بني آدم اعضاء يک ديگراند
که در آفرينش زيک جوهراند
چون يک عضو بدرد آورد روزگار
همه عضوهارا نماند قرار

يعني سيئي انسان هک ئي بدن جا عضوا آهن، ڇو ته انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ هک ئي جوهر سمايل آهي. جڏهن بدن جي هڪڙي عضوي کي تڪليف پهچي ٿي ته سيئي عضوا بيقرار ٿي وڃن.

رساله قشيريه ۾ حضرت سهل بن ابراهيم کان مذڪور آهي ته "مان ابراهيم بن ادهم جي صحبت ۾ هئس، پوءِ هک دفعو بيمار ٿي پيم. حضرت ابراهيم بن ادهم پنهنجي سموري پونجي (ملڪيت) منهنجي بيماريءَ تي خرچ ڪري ڇڏي. جڏهن مان ڪجهه چاق ٿيس ته مون کي کائڻ جي خواهش ٿي. تڏهن حضرت ابراهيم بن ادهم پنهنجو گڏهه وڪٽي، ان جي قيمت منهنجي مٿان خرچي ڇڏي. پوءِ جڏهن مان چڱو ڀلو ٿيس ته کائنس پڇيم ته اي ابراهيم گڏهه ڪيڏانهن ويو؟ جواب ڏنائين ته وڪٽي ڇڏيم. حضرت سهل وراڻيس ته هاڻي مان سواري ڇاتي ڪندس؟ تڏهن حضرت ابراهيم بن ادهم جواب ڏنو ته اي منهنجا پاڻ! تون منهنجي ڪلهي تي سوار ٿجان ۽ اهڙي طرح حضرت سهل کي ٽنهن منزلن تائين ڪلهي تي کڻي پهچايائين. (۱)

اهو هيو صوفياءِ ڪرام جي ايثار جو هک مثال، ۽ خدمت خلق جو جذبو، جنهن وسيلي هن ڌرتيءَ تي امن ۽ سلامتي، محبت ۽ اخوت جو پيغام عام ڪيائون.

ملفوظات شريف حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمه الله تعالىٰ عليه ۾ هک واقعو هن طرح آهي ته، سندن کنهن مريد دعوت ڪئي، ۽ ان مريد پنهنجي عقيدت ۾ تمام پر تڪلف طعام تيار ڪرايا. طعام حاضر ٿيڻ وقت

(۱) رساله قشيري اردو ص- ۱۲۴

www.maktabah.org

حضرت جن فرمايو تہ "رسول الله صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن جي سنت جي خلاف آهي، جو هڪ ئي وقت مختلف طعام واپرائجن. سندن ان فرمودي کان پوءِ سيئي حاضرين رُکي ماني کائڻ لڳا، ۽ پاڻ هي آيت شريف تلاوت فرمايائون "وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّيَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا" يعني الله پاڪ جي محبت ۾ مسڪينن، ڇورن ۽ هارن کي طعام کارائين ٿا. ان بعد دعوتي فقير کي فرمايائون تہ اي ادا! مسجد شريف ۾ ڪوڙ مسڪين بکيا وينا آهن، انهن کي نہ ٿو کارائين. باقي جيڪي اڳي کائي آيا آهن تن کي پيو کارائين (ياد رکو) اوهان سمجهو ٿا تہ پير کي کارايون تہ خوش ٿيندو، پر اسين پنهنجي کائڻ ۾ هرگز خوش کو نہ آهيون، بلڪ مسڪينن جي کارائڻ ۾ خوش ٿيندا سون.

۽ اهڙا سوين مثال سلوڪ جي تاريخ ۾ قلمبند آهن. جن کي پڙهڻ بعد معلوم ٿو ٿئي تہ الله پاڪ جا پيارا ٻانها پاڻ بکيا رهيا، ليڪن ٻين کي کارايائون. پاڻ تڪليف ۾ رهيا، ۽ ٻين کي سک ۽ آرام پهچايائون، ۽ سندن ان ايثار ۽ قرباني کي الله پاڪ اهڙي تہ مقبوليت بخشي جو، انهن جو هر عمل ۽ فعل مسلمانن لاءِ باعث تقليد ۽ چوڪاري جو سبب ليکجڻ لڳو، ۽ انهن بزرگن باقاعدي تصوف جي موضوع تي قلم کنيو ۽ ڪافي ڪجهہ لکيو. هن ويجهي دور ۾ ان ڏس جي پورائي لاءِ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ عليه جن سنڌ اندر جيڪو ڪم ڪيو، ۽ پنهنجي تبليغ ۽ عملي ڪردار سان جهڙي طرح ثابت ڪري ڏيکاريو، ان جو مثال ڪم از ڪم سنڌ جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. سندن ملفوظات شريف ۽ مڪتوبات جي مطالعي مان ايثار، قرباني، محبت الاهي ۽ سنت نبوي جي پيروي کان سواءِ، عوامي پلاڻي، مذهبي، روحاني، اخلاقي، سياسي، سماجي، اقتصادي اصلاحات ڇگي ريت ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

صوفين جي روحاني تربيت جو طريقو:

صوفين جو اصل مقصد خدا تبارک وتعالىٰ جي وحدانيت ۽ ان جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ هوندي آهي. انهن جي منزل مقصود، الله تبارک وتعالىٰ جي معرفت حاصل ڪري، حقيقت تائين رسائي حاصل ڪرڻ هوندي آهي. هر هڪ مسلڪ ۽ طريقي جي صوفين جا اوراد ۽ شغل مختلف هوندا آهن. جن ۾ هو (صوفي بزرگ) پاڻ بہ مشغول رهندا آهن، تہ پنهنجي پوئلڳن کي بہ ان ۾ شاغل رهڻ جي تلقين ڪندا آهن.

www.maktabah.org

سلوڪ ۽ طريقت جي راهه ۾، نئين سالڪ کي مختلف نالن سان سڏيو ويندو آهي. ان ڪري ڪيس مبتدي چوندا آهن. مبتدي کي مرشد يا شيخ، سڀ کان پهريائين عقيدي جي درستگي، صدق دليءَ سان سلوڪ جي رستي ۾ هلڻ لاءِ طريقا ٻڌائيندو آهي.

صوفياءِ ڪرام ۽ اولياءَ الله تعاليٰ جي تعليم جو اهم مقصد توحيد باري تعاليٰ هوندو آهي، ۽ انهن جي پوري زندگي عقيده توحيد جي اشاعت ۽ سنت رسول صلي الله عليه وسلم جي مڪمل پيروي ڪرڻ لاءِ وقف ٿيل هوندي آهي. وٽن ڪير به طريقت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ، جنهن وقت گوڏا ڀڃي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو آهي ته ان کي سڀ کان پهريائين، خلوص لوجه الله، سچائي، نيڪ نيتي ۽ محنت، مشقت دوران صبر ۽ شڪر جي تلقين فرمائيندا آهن. الله وارا صوفي بزرگ پنهنجن مريدن، طالبن ۽ عقيدت مندن کي ادب ۽ سچائيءَ جي تلقين ڪندا آهن، ڇو ته ادب اهڙي نيڪ خصلت آهي، جنهن جي ذريعي انسان ۾ نيڪ خصلتون پيدا ٿيندين آهن، جنهن شخص ۾ اها عادت هوندي ان کي جامع صفات چيو ويندو آهي.

صوفي بزرگن ان جي وضاحت هن طرح بيان ڪئي آهي ته "اَلْاَدَبُ هُوَالْوُقُوْفُ مَعَ الْحَسَنَاتِ" يعني ادب چڱن ڪمن تي ڪاربند رهڻ جو نالو آهي. پوءِ جيڪو ماڻهو ادب وارو هوندو اهو ئي چڱا ڪر ڪندو.

اهڙي ريت اديب شخص جامع هوندو آهي. "وَالَّذِيْ اِجْتَمَعَ فِيْهِ خِصَالُ الْخَيْرِ اَدِيْبٌ" يعني اهو شخص جنهن ۾ چڱيون عادتون گڏ ٿيون، اهو ادب وارو آهي. (۱)

ملفوظات شريف ۾ آهي ته پاڻ هڪ دفعو سفر سانگي لاڙ تشريف فرما ٿيا . هڪ ماڻهو وٽن شڪايت ڪئي ته قبلا! اوهان جا مريد اسان جي مرشدن جي تعظيم نه ٿا ڪن، ان ڪري پنهنجي مريدن کي هدايت ڪريو ته اسان جي مرشدن بزرگن جي تعظيم، تڪريم ڪندا رهن. تنهن تي پاڻ جوش ۾ اچي، پنهنجي مريدن کي نصيحت فرمايائون ته سيني الله وارن بزرگن کي فيض هڪ ئي هنڌان ملندو آهي. پوءِ توهان منجهان ڪير به جيڪڏهن ڪنهن بزرگ ۽ الله واري جي بي ادبي ڪندو ته اهو فيض کان محروم رهندو. جڏ ته انهيءَ پنهنجي مرشد جي بي ادبي ڪئي ۽ آئنده خيال رکجو ڪير به

(۱) ڪشف المحجوب اردو- ص ۵۰۷

www.maktabah.org

توهان مان کنهن به بزرگ جي بي ادبي نه ڪري. (۱)

سيني طريقن ۾ مسلڪن جي بزرگن جو مقصدِ حقيقي هڪ الله پاڪ جي ذات هوندي آهي، ۽ شرعي احڪامن تي ڪاربند رهڻ لاءِ سنت پاڪ جي روشني ۾ فقهي طريقو اختيار ڪري، اخلاق جي ظاهري ۽ باطني بلندي واسطي جدوجهد، ڪرڻ سندن مشرب ۽ شيوو رهيو آهي. "لَيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعَىٰ" جي مصداق هر هڪ کي پنهنجي ڪئي موجب مرتبي ۽ مان سان گڏوگڏ، مشاهدي ۽ انوار الاهيءَ مان حصو ملندو آهي، جهڙي طرح انسان دنياوي سازوسامان حاصل ڪرڻ لاءِ جيتري قدر ڪوشش ڪندو ته ان موجب کيس اها مطلوب شيءِ ڪڏهن ميسر ٿيندي آهي، ته وري ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو زندگي ۾ ان کي، ان شيءِ جو پتو ۽ نشان به ڪو نه لبندو آهي. اهڙي طرح جڏهن انسان روحاني ترقي واسطي سلوڪ ۽ طريقت جي رستي ۾ پير رکندو آهي ته سندس روحاني معراج به شروع ٿيندو آهي. ليڪن ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو مبتدي ۽ سلوڪ جي رستي تي هلندڙ کي کا به روحاني ترقي يا ڪيفيت ظاهر کا نه ٿيندي آهي، تڏهن اهڙي وقت طريقت جو استاد ،رهبر ۽ مرشد، انهن سبب جي ڳولا ڪري ان کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جن سببن ڪري ان جي روحاني ترقي رڪجي پوندي آهي. ان ڪري طريقت ۾ مرشد ۽ رهبر جو تصور نهايت ئي اهم ۽ ضروري آهي.

راهه طريقت ۾ مرشد ونڻ ۽ ان جي صحبت ۾ رهي فيض حاصل ڪرڻ تمام ضروري هوندو آهي. حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا ته "طالب کي پنهنجي مرشد جي صحبت لازم ڪري ونڻ گهرجي ۽ بنا ضرورت جي هڪ گهڙي به ان کان جدا نه ٿئي." (۲)

سندن طريقو ۽ مشرب اهو هوندو هيو ته جيڪڏهن ڪو ونڻ ارادت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ايندو هو ته ان کان هن شرطن تي بيعت ونندا هئا. هڪ ته تلقين ونڻ شرط دنيا جو ترڪ ڪندو. اهو هن طرح جو جيڪي صبح جو اچيس سو سانجهيءَ تائين نه رکي، ۽ جيڪي سانجهيءَ جو اچيس سو صبح تائين نه بچائيندو، بلڪ خيرات ڪري ڇڏيندو، ڇو ته حضرت نبي ڪريم صلي الله تعالىٰ عليه وسلم جن جي زماني ۾ اصحاب

(۱) ملفوظات روضي ڈٹي "سنڌي" جلد اول ص- ۲۱۲

(۲) ملفوظات روضي ڈٹي "سنڌي" جلد ۲ ص- ۷۰

www.maktabah.org

صفہ جو بہ اھو ئي دستور ھوندو ھيو. ٻيو شرط اھو ونندا ھئا تہ دستار ننديي ٻڌندو، جھڙي طرح سنت طريقو آھي. (۱)

ان کان سواءِ حضرت جن پنھنجي قادري سلسلي ۾ داخل فرمائڻ وقت، شريعت پاڪ جي حڪمن تي ڪاربند رھڻ کان علاوہ، ذڪر اذڪار ۽ اوراد و وظائف ۾ مشغول رھڻ جو تاڪيد فرمائيندا ھئا.

حضرت داتاگنج بخش، علي ھجويري رحمۃ الله تعالیٰ عليه فرمايو آھي تہ "پراڻي زماني ۾ مشائخ طريقت جي اھا عادت ھوندي ھئي، تہ جڏھن ڪير وٽن مريد ٿيڻ لاءِ دنياوي سازسامان ۽ اسباب وغيره ڇڏا ڪري، مريديءَ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ متوجھ ٿيندوھيو تہ اھو بزرگ ان کي پنھنجي طريقت ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ٽن سالن دوران ٽن ڀالھين جي تعليم ڏيندا ھئا، پوءِ جيڪڏھن ھوانھن ڀالھين تي استقامت ۽ ھميشگي، ڏيکاريندو ھيو، تہ انکي پنھنجي مريديءَ واري نسبت ۾ شامل ڪندا ھئا، ورنہ ان کي پنھنجي طريقت واري لڑھي ۾ شامل نہ ڪندا ھئا، ۽ اھي ٽي ڀالھيون ھي آھن: پھريون تہ ھڪ سال مخلوق جي خدمت ڪرڻ، ٻيو سال الله پاڪ جي خدمت ڪرڻ، ٽيون سال پنھنجي دل جي نگھباني ڪرڻ. مخلوق جي خدمت ڪرڻ جومطلب ھيءُ آھي تہ پاڻ کي خادم، ۽ پاڻ کانسواءِ بي تمام مخلوق کي مخدوم تصور ڪرڻ، ۽ الله پاڪ جي خدمت ڪرڻ جومطلب ھي آھي تہ، پاڻ کي دنياوي عيش عشرت کان الڳ ڪري. الله پاڪ ۽ ان جي بندگيءَ ۾ مشغول رھڻ، ۽ دل جي نگھداشت جو مطلب ھيءُ آھي تہ پنھنجي دل کي صرف الله پاڪ سان ڳنديچڏي ۽ دل جورابطو ۽ڳانڍاپو ان جي ذات سان رکي، باقي دنياوي فڪرات کان پنھنجي دل کي آجو رکي، ھمہ تن خدا پاڪ سان ھجي(۲)

(۱) ملفوظات روضي ڈٹي "سنڌي" جلد اول ص- ۱۱۰

(۲) كشف المحجوب اردو، ص۸۶

www.maktabah.org

فصل ٽيون

سنڌ ۾ تصوف

سنڌ، دنيا جي قديم شاندار تاريخ رکندڙ ملڪن مان هڪ اهم ملڪ آهي. هتي پراڻي دور کان وڻي علم ۽ فن جو مرڪز رهيو آهي، ان کري هن خطي کي هر حيثيت سان لازوال ۽ شاندار ماضي ميسر هجڻ کري، سندس پڑاڏو عربستان، ترڪستان، هندستان، ايران، افغانستان ۽ بلخ بخارا جي علاقن تائين ٻڌڻ ۾ آيو. اهوئي سبب هيو جو سنڌ، تجارتي سياسي توڙي مذهبي طرح قديم دور کان وڻي اهم ۽ وسيع تر رهندي آئي آهي، ليڪن زماني جي لاهين چاڑهين ۽ انقلاب جي مسلسل هڻ مار سبب سنڌ جون حدون گهٽبيون ويون، ۽ آخر هن وقت موجوده جغرافيائي صورت ۾ پاڪستان جي دل ليکي وڃي ٿي. تڏهن سنڌ جي سدا حيات صوفي شاعر حضرت شاهه عبد اللطيف رحمةَ الله تعاليٰ عليه سندس شادابيءَ ۽ سلامتيءَ لاءِ ڏڻي تعاليٰ در هن طرح ٻاڏايو آهي:

سائينءِ سدائين کرين مٿي سنڌ سکار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد کرين

سنڌ جي اوائلي شاندار تاريخ، ۽ ماضي بعيد جي بلنديءَ بابت علامه قاسمي صاحب لکي ٿو: ساڻيهه سنڌ منڌ کان ئي ڏڻيءَ جي ڏئل ۽ پهتل درويشن جو وطن رهيو آهي. اسلام کان اڳ ٻُڌ ڏرم کي مجيندڙ ٻوڌي ماڻهن جي گهڻي آبادي هوندي هئي. انهن جا پڪشو فقير سنڌوندي جي ڪناري، وڻ ۽ پيپل جي وڻن وٽن جي ڇانوَ هيٺ بدني رياضت ۽ روحاني صفائيءَ جي رمزن ۾ مگن، مست وينا هوندا هئا (۱)

علامه قاسمي جي مٿين راءِ موجب، سنڌ کي خالص مذهبي خطو قرار ڏيڻ ۾ڪا به قباحت ڪانه ٿيندي. بلڪ قديم دور کان هتي جي ماڻهن ۾ مذهب پرستيءَ جا آثار ڇڪيءَ ريت ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جيڪي اڄا تائين منجهس موجود آهن. جڏهن انسان اڄا ترقيءَ جي راهه کان ڪوهين پري ۽ وانجهيل هيو، ان وقت به هتان جي ماڻهن ۾ مذهب سان دلي لڳاءُ حد درجي تي پهتل نظر اچي ٿو. آرين جي وقت ۾ رگ وید جو مرتب ٿيڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته منجهن انساني همدرديءَ جا جذبات، ايثار ۽

(۱) ماهوار نئين زندگي ۱۵ صدي هجري نمبر ص۵۳

www.maktabah.org

قرباني ۽ جو جذبو، ۽ مهمان نوازيءَ جا گڻ اتر درجي ۾ موجود هيا.

پيرو مل آڏواڻي لکي ٿو ته: "آڳاڻن ماڻهن ۾ اخلاق جي انگ کي زور وڌائڻ لاءِ، ۽ کين ڏرم جي راهه تي هلائڻ لاءِ، رشين کين هي ڳالهه ذهن نشين ڪرائي ته دنيا ۾ جيڪي ڇگا توڙي ٻڇڙا ڪم لڪائي توڙي پڌري پٽ ڪجن ٿا ،سي ڏڻي تعاليٰ سڀ ڄاڻي ٿو.سيني ڳالهين جو ساکي(شاهد) سورج ديوتا آهي، اهوشاهد مٿان بيٺو آهي، تنهن ڪري سوچي ويچاري هلت ڪجي(۱)

تصوف ۽بڌ مت جي ميلاپ کي علامه قاسمي پنهنجي لفظن ۾هن طرح بيان ڪيو آهي:"ته اڳتي هلي هنن درويشن(ٻوڌين) سان برهمڻن ڪونس شروع ڪئي. نيٺ هنن تي ظلم ڏاڍ ويو وڌندو. ايتري ۾ عربن جو لشڪر هتي پهچي ويو . ٻوڌين ٻه گهٽا ظلم سٺا هئا، ان ڪري مجبور ٿي،انهن عرب مسلمانن جو ساٿ ڏنو، ۽ ۹۳هه ۾ وليد جي خلافت هيٺ سنڌ کي فتح ڪيو ويو(۲)

راءِ خاندان کان وٺي عربن جي اچڻ واري عرصي تائين، هتي جي فڪر ۽ نظريي جا اصول ۽ متا تصوف سان ملندڙ جلندڙ هئا.جيڪي حڪومتن جي بدلجڻ سبب برابر بدلبا رهيا. برهمڻن پهريائين ته چالاڪي سان حڪومت هٿ ڪئي. ان کان پوءِ بڌمت جي جاءِ تي هندومت کي زور وڌائي، برهمڻن جوراج قائم ڪري، عام رعيت کي آزارڻ ۽ ڏکوئڻ شروع ڪيائون،۽ مذهبي رسم و رواج ۾سختيون ان حد تائين روا رکيائون، جو برهمڻن کان سواءِ ٻيون قومون ذليل ۽ خوار ٿنجي ويون. عين ان وقت جڏهن عربن سنڌ تي ڪاهه ڪئي، ۽ اسلامي سلطنت قائم ڪرڻ لاءِ راجا ڏاهر کي شڪست ڏئي اسلامي سلطنت جوپايو وڌو، تڏهن عرب مسلمانن جي اچڻ، ۽ سڪونت اختيار ڪرڻ ڪري هتان جي ماڻهن تي اثر پيو، ۽ ڪيترا ئي ماڻهو مسلمان ٿيا.

علامه قاسمي صاحب ان دور جو ذڪر ڪندي لکي ٿوته،"جڏهن ٻوڌين مسلمانن جي مدد ڪئي ۽ مسلمانن سان رهڻي ڪهڻي ۾ هڪ ٿي ويا،تڏهن ٻنهي قومن جو، بلڪ برهمڻن جو به هڪ ٻئي تي اثر انداز هجڻ لازمي هيو. ان طرح هتي جي ماڻهن مان جن اسلام آندو، انهن پنهنجي فقيري ۽ ويدانيت واري فلاسفي واري نظريي کي نه ڇڏيو. ان طرح هتي نئين مسلم آبادي ۾ تصوف ۽ درويشي اسرڻ لڳي(۳)

(۱) "قديم سنڌ" ص۴۳۳
(۲) ماهوار"نئين زندگي" ۱۵ صدي هجري نمبر ص۵۳
(۳) نئين زندگي ۱۵ صدي هجري نمبر ص۵۳

www.maktabah.org

ان کري اهوميڙو ٿو پوي ته سنڌ جا ماڻهو اصل کان وڃي درويشي ۽ فقيري جي طرف مائل هئا، ۽ تصوف ۽ درويشيءَ جا جوهر منجهن موجزن هيا. علامہ ابن جوزي، هندي ماڻهن جي حالت بيان کندي ڄاڻائي ٿوتہ" هند ۾ ٻہ درياءَ آهن (گنگا ۽ جمنا) ۽ ڪجهہ فقير ماڻهو جيکي غارن ۾ رهن ٿا(۱)

اصل ۾ فقيري ئي ته تصوف جي بهترين وصف آهي، جنهن کي عرب مؤرخن ۽ عالمن سنڌ جي ماڻهن جي خوبي ڄاڻائي آهي. هتي موضوع جي مناسبت سان جغرافيائي طور تي ان دور جي سنڌ جون حدون ڄاڻائڻ ضروري آهن، ته جيئن هن ساڻيهہ سنڌ جي عظيم وسعت جو پتو ٻہ پئجي سگهي.

الوحيد سنڌ آزاد نمبر ۾ آهي ته "ان زماني جا تاريخ نويس جنهن ملڪ کي سنڌ جي نالي سان سڏيندا هوا. سو اولهہ طرف مڪران تائين ۽ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ ۽ گجرات تائين، اوپر ۾ موجوده ملڪ مالوهہ جي وچ، ۽ اتر ۾ ملتان کان لنگهي ڏکڻ پنجاب جي اندر تائين پکڙيل هو. ان ۾ پنجاب جا ڏکڻ وارا ضلعا ۽ بلوچستان جو گهٽو حصو، سرحدي صوبي جو ڈاکٹو حصو، ڏکڻ ۾ راجپوتانہ جو گهٽو حصو ۽ گجرات جو ڏکڻ وارو پاڳو شامل آهي، سي سڀ سنڌ ملڪ ۾ شامل هئا(۲)

متين بيان جي تصديق علامہ ابن جوزي جي هن بيان مان ظاهر ٿئي ٿي. هن نهاوندي جي حوالي سان بيان کيو آهي ته"هندستان جو مذهب اتان جي ماڻهن لاءِ هڪ برهمڻ ناهيو هيو، انهن لاءِ بت خانہ ناهيا ويا، ۽ سيني کان وڏو بت خانو، ان ملتان ۾ نهرايو، ۽ ملتان سنڌ جي شهرن مان وڏو شهر هو(۳)

آب ڪوثر ۾ آهي ته "ان زماني ۾ سنڌ جي سرحدن ۾ موجوده مغربي پنجاب جو وڏو حصو، ۽ بلوچستان ۽ مڪران جا مشرقي علاقا ٻہ شامل هيا، ۽ انتظامي سهوليت جي لحاظ سان چئن صوبن ۾ ورهايل هئي: ۱- سيوهڻ ۲- اڇ ۳- ملتان ۴- برهمڻ آباد- دارالحڪومت (موجوده سکر يا روهڑي جي ويجهو) اروڙ هو (۴)

انهن سيني حقيقتن کي ڄاڻڻ کان بعد، معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ

(۱) تلبيس ابليس اردو ص۷۶

(۲) الوحيد سنڌ آزاد نمبر ڇاپو ٻيو ص۱۱

(۳) تلبيس ابليس اردو ص ۹۰

(۴) آب ڪوثر ص۲۲

www.maktabah.org

تصوف جي مرڪزن ۾ اهم مرڪز رهي آهي. هتان جا رهواسي ماٺهو مذهب پرست هيا. کين مذهب سان محبت، همدردي ۽ دلي لڳاءُ حد درجي کان وڌيڪ هيو.

سنڌ جا ماٺهو کهڙي به مذهب سان لاڳاپيل چو نه هجن، ليکن بنيادي طرح سان منجهن خوف خدا، خداترسي، ماٺهن سان سٺو سلوڪ ۽ برتاءُ، هڪ ٻئي سان همدردي ۽ محبت وغيره جا جذبا چڱيءَ ريت ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي مٿيون خوبيون اهڙيون آهن، جيڪي مذهب ۽ ڏرم کان سواءِ ٻئي کنهن به فکر ۾ ملڻ مشڪل آهن. اهوئي سبب هيو جوهتان جا رهواسي ماٺهو مذهبي عقيدن تي سختيءَ سان ڪاربند هئا. جهڙيءَ طرح آرين جي عقيدن جي خبر اسان کي سندن ڪتاب رگويد مان پوي ٿي. ان ڪتاب ۾ ماٺهن جي پوڄا (عبادت) جو طريقو پڃڻ(حمد و ثنا) تي بيان ڪيو ويو آهي. حقيقت کجهه به هجي، ليکن ان ڳالهه کي رد نٿو ڪري سگهجي ته هتان جا ماٺهو خدا ترس ۽ خوش خلق انسان هئا. جن چڱي کم کي جلد قبول ڪيو. ڪرم بخش خالد لکي ٿو ته: "اسان سنڌ وارن لاءِ اهو مشهور آهي ته اسان جي اعصاب تي هميشه تصوف سوار ٿئي رهيو آهي. تصوف جي عام معنيٰ اها ٻڌائي ٿي وڃي ته رب جي رضا تي راضي رهي. مومن ۾ منهن وجهي غربت سان گذارجي(۱)

سنڌ سان تصوف جو پراڻو ۽ قديم رشتو رهيو آهي، جنهن ڪري اڄ تائين هتان جي ماٺهن ۾ عام انسانن کان، رحمدلي ۽ خوش خلقيءَ جا نشان وڌيڪ موجود آهن. ان کان پوءِ جيئن ئي هتي اسلام جو ظهور ٿيو ته اسلامي آفاقي فکر کي به هتان وارن جلد قبول ڪيو، ۽ اسلام جي ظهور کان پوءِ عربستان، عراق، ايران کان صوفياءِ ڪرام هتي پهتا، جن جي تبليغ ۽ تعليم سبب سنڌ ۾ اسلامي تصوف وڌيڪ مضبوط ۽ صحيح رخ اختيار ڪيو. اسلام جي اصلي ۽ حقيقي فکر کي فروغ حاصل ٿيو. اسلام جو حلقهٔ اثر پين فکرن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿيو.

سنڌ ۾ اسلام جي وارد ٿيڻ بعد هتان جي ماٺهن اسلام جي اخلاقي تعليم کي دل سان هنڌايو ۽ عرب کان آيل مسلمانن کان شرعي علمُ سکيو، ۽ کين ويدانتي تصوف جي تعليم ڏنائون. ابوعلي سنڌي جنهن جو تذڪرو تمام اڳاڻي دور جي جڳ مشهور صوفين، پنهنجن ڪتابن ۾ ڪيو آهي، ان لاءِ علامه قاسمي صاحب هن طرح لکيو آهي:

(۱) سچل سائين ص۵۶

www.maktabah.org

سنڌ ۾ اسلام کان پوءِ پهريون مسلمان درويش ابوعلي سنڌي آهي، جيڪو نسل جي ڪري غير مسلم هيو، ۽ اسلام آڻڻ کان پوءِ ابو علي سنڌيءَ جي نالي سان جڳ مشهور صوفي ثابت ٿيو(۱)

"سندس زندگيءَ جي حالات تي جن صوفين لکيو، تن ۾ پهريون شخص، شيخ ابونصر عبد الله بن علي السراج طوسي آهي. شيخ ابونصر طوسي رحمة الله تعاليٰ عليه، پنهنجي ڪتاب اللمع ۾ سندس بہ دفعا تذڪرو وڏي ادب ۽ احترام سان ڪيو آهي. ڪتاب اللمع تصوف جي قديم ترين مشهور معتبر ۽ مستند ڪتابن ۾ شمار ڪيوٿو وڃي، جيڪو چوٿين صديءَ جي وچ ڌاري لکيو ويو. ڪشف المحجوب، طبقات صوفيہ ۽ رسالہ قشيريہ کان سواءِ ٻيون تصوف جون معتبر تصنيفون بہ ڪتاب اللمع کان بعد لکيون ويون.

شيخ ابونصر طوسي، ابوعلي سنڌيءَ کي بايزيد بسطاميءَ جو استاد ڄاڻائيندي لکي ٿو تہ "ڳالهہ ٿا ڪن تہ بايزيد بسطامي فرمايو تہ هڪ ڏينهن مون وٽ ابوعلي سنڌي آيو، جيڪو بايزيد جو استاد هيو(۲)

ساڳي ئي ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ هن طرح ذڪر ٿيل آهي: "بايزيد بسطامي رحمة الله تعاليٰ عليه فرمايو تہ، مان ابوعلي سنڌيءَ سان صحبت ڪئي ۽ مان ڪيس سيکاريندو هيس(قرآن جون ڪجهہ سورتون) جن سان هو فرض نماز پوريءَ طرح پڙهي سگهي، ۽ هو (ابوعلي سنڌي) مون کي توحيد(وحدة الوجود) ۽ خالص حقيقي تعليم ڏيندو هيو(۳)

مٿين حقيقت کي ڄاڻڻ بعد معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌ اندر اڳي ئي وحدانيت جا پارکو شخص موجود هيا، جيڪي الله پاڪ جي توحيد ۾ پکو اعتقاد رکندا هئا.

علامہ قاسمي صاحب، دين محمد وفائي جي حوالي سان ڄاڻائيندي بيان ڪيو آهي تہ "ابوعلي سنڌي نومسلم هيو، ۽ ويدانيت جي علمن ۾ (جن جو مدار وحدة الوجود جي مسئلن تي آهي) پوري طرح ماهر ۽ واقف هيو. (ان ڪري) بايزيد

(۱) "نئين زندگي" ۱۵ صدي هجري نمبر ص۵۳
(۲) ايضا ص۵۳
(۳) ايضا ص۵۵

www.maktabah.org

بسطامي ابو علي سنڌيءَ کان وحدت جا راز سکيو، ۽ ابوعلي سنڌي نماز ادا ڪرڻ جي وات بايزيد بسطاميءَ کان سکي، ڇوتہ نو مسلم کي شروع ۾ قرآن جي ننڍڙين سورتن جو سکڻ ضروري آهي(۱)

ان کان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون ئي تاريخي شاهديون موجود آهن، جن مان معلوم ٿو ٿئي تہ، سنڌ جو ويدانيت ۽ تصوف سان قديم سنڌ رهيوآهي، ان ڪري تصوف جي ويدانيتي ۽ قديم تعلق جي بنياد تي اها راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي تہ سنڌ ۾ تصوف کان اڳ، ويدانيت جوتصور موجود هيو.

تحفۃ الڪرام جي روايت موجب، سنڌ جو پهريون صوفي حاجي ترابي لکيو وڃي ٿو، جيڪو بني عباس جي دور ۾ سنڌ جوگورنر پڻ هيو. ننڍي کان اٽڪل چئن ڪوهن تي سندس مزار مشهور آهي. سندس گنبذ تي تعمير جي تاريخ، سن ۱۷۱هـ لکيل آهي(۲)

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ عرب حاڪمن جي حڪومت دوران سنڌ ۾ برابر مسلمان وڌندا رهيا، ۽ هتان جي ڪيترن راجائن اسلام قبول ڪيو.

سن ۲۷۰ هجريءَ دوران منصوره جي هڪ عالم، سنڌ جي راجا جي چوڻ تي قرآن شريف جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو، ۽ اهوئي پهريون قرآن شريف جو ترجمو آهي جيڪو عربيءَ کان سواءِ سنڌي زبان ۾ ٿيو(۳)

سيد سليمان ندوي لکي ٿو تہ هارون بن عبد الله ملتاني قرآن شريف جو ترجمو سن ۲۷۰هـ ۾ سنڌي زبان ۾ ڪيو. برصغير هند پاڪ کان سواءِ پوري دنيا ۾ اهو پهريون ترجمو هيو، جيڪوعربيءَ کان سواءِ ٻي ٻوليءَ ۾ ڪيو ويو، ۽ اهو شرف سنڌ جي خطي کي حاصل ٿيو(۴) اهڙيءَ طرح هتان جي رهواسين کي اسلامي نظريي ۽ فلسفي کي سمجهڻ ۽ پرورڻ ۾ وڌيڪ آساني ٿي.

سنڌ جي سومرن حاڪمن بہ سهروردي بزرگن جي تبليغ سبب اسماعيلي فرقي کي ترڪ ڪري، حنفي سني مذهب اختيار ڪيو. ان وقت سنڌ ۾ سڀ کان

(۱) "نئين زندگي" ۱۵ صدي هجري نمبر ص۵۳
(۲) تحفۃ الڪرام سنڌي ص۶۲۲
(۳) خطہ پاڪ اچ اردو ص۳۷۶
(۴) عرب و هند ڪے تعلقات ص۲۱۵

www.maktabah.org

پهريائين، سهروردي سلسلي جون خانقاهون قائم ٿيون. ان ڏس ۾ مخدوم نوح بکريءَ جو نالوسر فهرست آهي.

مخدوم نوح بکري رحمة الله تعالىٰ عليه براهه راست شيخ شهاب الدين سهروردي کان فيض حاصل کيو، جيکو سهروردي طريقي جو باني ۽ امام آهي. حديقة الاولياءَ ۾ آهي ته" جنهن وقت مخدوم بهاؤالدين زڪريا ملتاني پنهنجي مرشد شيخ شهاب الدين سهروردي کان فيض حاصل ڪري واپس وريو ته، شيخ شهاب الدين کيس نصيحت ڪئي ته اسان جي لائق ۽ هدايت يافته مريدن مان هڪ مريد، بکر سنڌ ۾ آهي، جيکو اسان وٽ صرف پنهنجو ڏيئو، وٽ ۾ تيل ڪٽي آيو هو، ۽ اسان صرف ان ڏيئي کي باهه ڏيئي واپس ڪيو آهي ۽ کيس (مخدوم نوح بکريءَ کي) اندر جي صفائي حاصل آهي. پوءِ جنهن وقت سنڌ وڃين ته ان سان ضرور ملاقات ڪجانءِ! اهڙيءَ ريت حضرت بهاؤالدين ملتاني جنهن وقت پنهنجي مرشد کان فيض ۽ هدايت ونبي بکر سنڌ ۾ آيو ته اتفاقا مخدوم نوح بکري سندس اچڻ کان اڳ ۾ وفات ڪري چڪو هيو، جنهن ڪري مخدوم بهاؤالدين زڪريا ملتاني کي تمام گهٽو صدمو رسيو(۱)

اهڙيءَ طرح پراڻي دور کان ونبي سنڌ ۾ اهڙا صوفي پيدا ٿيا، جن کي بين الاقومي شهرت حاصل ٿي. ان کان سواءِ باهر کان به اهل تصوف بزرگ منجهس ايندا رهيا، جن مستقل طرح سنڌ ۾ سکونت اختيار ڪئي. هتان جي ماڻهن تصوف جي تعليم کي جلد قبول کيو، ۽ ان جي اثرات کي عام زندگي تائين پهچائڻ لاءِ اهم ڪردار ادا کيو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ تصوف کي، فلسفي طور قبول کيو ويو، ۽ اڄ به مشرق جي دنيا ۾ ڪوبه ملڪ سندس مقابلو نٿو ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح هر هڪ صوفي بزرگ پنهنجي مرتبي ۽ مان موجب هن سرزمين جي خدمت ڪرڻ سان گڏوگڏ تصوف ۽ صوفيت جي پرچار کي اولين حيثيت ڏني. جنهن مان سنڌ اندر ڪجهه مشهور سلسلا ظاهر ٿيا.

هونءَ ته صوفي سلسلا تمام گهٽا آهن، ليڪن هت صرف انهن سلسلن جو تذڪرو شامل ڪجي ٿو جن سلسلن جي بزرگن جو سنڌ ۽ سنڌ وارن سان واسطو رهيو آهي.

هن وقت تائين جيڪي سنڌ ۾ سلسلا موجود آهن ۽ شهرت حاصل ڪئي اٽن، سي چار سلسلا آهن:

(۱) حديقة الاولياءِ فارسي ص۷۰

www.maktabah.org

① سهروردي ② نقشبندي ③ قادري ④ چشتي

سهروردي سلسلو ۽ بزرگ:

سهروردي طريقي جو باني، شيخ ضياءُ الدين عبدالقاهر المعروف شيخ ابو النجيب آهي. سندن ولادت سهرورد ۾ مهيني صفر سن ۴۹۰هـ ۾ ٿي. پاڻ ڇهين صدي هجري جو مشهور صوفي بزرگ آهي.

شيخ ابو نجيب، بغداد جي مدرسہ نظاميہ ۾ ديني علمن جي تحصيل کان پوءِ، ساڳي ئي مدرسي ۾ تدريس جا فرائض سرانجام ڏنا. ان کان پوءِ سلوڪ ۽ طريقت جي طرف متوجھ ٿيا، ۽ طريقت جي طالبن کي هدايت جي رستي تي رهنمائي کندا رهيا، ۽ اتي ئي بغداد ۾ پنهنجي خانقاھ قائم کيائون حضرت شيخ ابو النجيب سهروردي حجت الاسلام امام غزالي رحمۃ اللہ تعاليٰ عليه جي پاءُ احمد غزاليءَ جو مريد هيو.

حضرت شيخ صاحب، ابتدائي صوفين لاءِ عربي ٻولي ۾ آداب المريدين جي نالي سان هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو، جنهن ۾ شريعت ۽ طريقت جا احڪام مريدن لاءِ لکي گڏ ڪيائين. سندن وفات ۱۷ جمادي الاخر سن ۵۶۰ هـ دوران بغداد ۾ ٿي. حضرت شيخ ابو النجيب جي طريقي کي سندن مريد ۽ پائٽي شيخ شهاب الدين سهروردي تمام گھڻو زور ونرايو.

حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جي ولادت باسعادت ۾ شعبان مهينہ سن۵۳۹هـ زنجان (ايران) جي علاقي ڪوٽ سهرورد ۾ ٿي. حضرت شيخ شهاب الدين جي تعليم ۽ تربيت، سندس مرشد ۽ چاچي شيخ ابو النجيب جي زير اثر ٿي. پاڻ بغداد ۾ پنهنجي مرشد وٽ ظاهري ۽ باطني فيض حاصل ڪري ديني علمن جي تڪميل حاصل ڪيائين. ان کان علاوه ان وقت جي مشهور عارفن، عالمن کان پڻ شرف تلمذ حاصل ڪيائون. کين سندن مرشد ۽ چاچو شيخ ابوالنجيب اڪثر وبشتر حضرت عبدالقادر جيلاني رحمۃ اللہ تعاليٰ عليه جي دربار ۾ وڃي ويندو هيو.

حضرت شيخ شهاب الدين جو سلوڪ ۾ تمام مٿاهون ۽ اعليٰ مقام آهي. سندن مشهور زمانہ تصنيف عربي ٻوليءَ ۾ عوارف المعارف آهي، جيڪو مصر ۽ بيروت ۾ ڪيترا دفعا شايع ٿيڻ کان سواءِ، پاڪستان جي مختلف زبانن ۾ شايع ٿي چڪو

www.maktabah.org

آهي. شيخ صاحب عوارف المعارف جي سيني عنوانن کي قرآن پاڪ جي لفظن ۽ احاديث نبوي کان شروع ڪيو آهي، ۽ تصوف تي ٽيل سيني اعتراضن جو جواب دليلن سان پيش ڪري ثابت ڪيو اٿس ته تصوف اصل ۾ اسلام جو روح آهي، شريعت ۽ طريقت اصل ۾ جدا ناهن، بلڪ ٻئي هڪ ئي شيءِ جو نالو آهن. سندن قول موجب طريقت، شريعت جي مڪمل پيرويءَ جو نالو آهي.

حضرت شيخ سعدي شيرازي سندن مريد هيو. حضرت شيخ شهاب الدين جي وفات سن ۶۳۲ هـ دوران بغداد ۾ ٿي. سندس سلسلي کي برصغير ۾ ڦهلائڻ وارو بهاؤ الدين زڪريا ملتاني آهي ان کان سواءِ مخدوم نوح بکريءَ جو نالو ٻ سر فهرست آهي.

سنڌ ۾ سهروردي طريقو تمام پراڻو ۽ آڳاٽو مسلڪ آهي. ان طريقي جي بزرگن، دين اسلام جي تبليغ جو سلسلو جاري رکيو، جنهن ڪري سنڌ صوبي ۾ اسلام جي اشاعت جو ڪم تمام تيزيءَ سان وڌيو.

حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جو خاص خليفو مخدوم نوح بکري (متوفي ۶۳۵ هجري) جنهن جو مختصر تذڪرو بيان ٿي چڪو آهي هن بزرگ سنئون سڌو فيض پنهنجي شيخ طريقت حضرت شهاب الدين کان حاصل ڪيو ۽ سکر ۾ سڪونت پذير ٿيو. ان کان پوءِ شيخ بهاءُ الدين زڪريا جا پوئلڳ ۽ سندس خاندان، سنڌ اندر ان سلسلي کي ترقي ۽ زور ونرايو، سيد محمد مڪي بکري (متوفي ۶۴۶هـ) جو نالو ان ڏس ۾ پڻ اهميت رکي ٿو. هي ساداتن مان پهريون سيد آهي، جنهن سکر جو شهر آباد ڪيو. ان بزرگ جي نسب جو سلسلو ۱۹ پيڑهي ۾، حضرت علي ڪرم الله وجهه سان ملي ٿو.

سيد محمد مڪي، شيخ شهاب الدين سهروردي جو ڏوهٽو آهي ۽ پنهنجي وقت جو ڪامل ولي الله ٿي گذريو آهي. ڪيس خدا پاڪ ڇوڏهن فرزند عطا فرمايا، جن مان ڪيترائي نالي وارا بزرگ پيدا ٿيا. سيد محمد مڪي هڪ سو ڇهه سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. (۱)

ان کان پوءِ مخدوم شاهه عثمان ولد محمد صديق مڪي جو نالو مشهور آهي. سندن والد بزرگوار مڪي کان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيو ۽ بکر لڳ باگڙجي ۾

(۱) تذڪره مشاهير سنڌ- ياگو ٽيون ص ۲۲۸

www.maktabah.org

سکونت اختيار ڪيائين. مخدوم عثمان کي خواب ۾ اشارو مليو ته شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني کان پنهنجي امانت حاصل ڪر، ۽ هو بزرگ تنهنجي انتظار ۾ آهي. مخدوم صاحب، شيخ ملتاني جي خدمت ۾ حاضر ٿي، ڪائنس راهه طريقت جي طلب ۾ تلقين حاصل ڪئي ۽ پورا اٺ سال خدمت ۾ رهي ڪمال حاصل ڪرڻ بعد پنهنجي وطن وري باگڙجي موٽي آيو ۽ پنهنجي حياتي جا باقي ڏينهن مخلوق خداونديءَ کي هدايت جي راهه تي هلائيندي پورا ڪيائين. سندن وفات جو سال ٦٦٣هجري آهي.

سيد احمد بخاري بکريءَ رحمةَ الله تعاليٰ عليه جو نالو ان ڏس ۾ پڻ تمام گهٽو مشهور آهي، ۽ اهو بزرگ ستين صدي هجري جي بزرگن مان آهي. ميان شهاب الدين سهروردي پاڻائي رحمةَ الله تعاليٰ به تاريخ سنڌ ۾ روز روشن وانگر چمڪندو رهي ٿو. ان بزرگ سڀ کان اول پاڻ جو شهر آباد ڪيو، جنهن کي قبةَ الاسلام ڪري چوندا هئا. سندن وفات جو سال سن ۸۹۴ هجري چيو وڃي ٿو. (۱)

مخدوم محمد اسحاق هالائي ۽ سندن اولاد مان مخدوم احمد هالائي به پنهنجو مٽ پاڻ ٿي گذريا آهن، مخدوم احمد هالائي جي وفات بابت ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکيو آهي ته "هڪ ڏينهن سماع جي محفل ۾ هڪ سوناري ڳائيندڙ هڪ بيت اهڙي ته سوز ۽ گداز سان پڙهيو، جو ان جي ٻڌڻ سان مخدوم احمد هالائي دم ڏنو. (۲)

سندس لاءِ اهو به مشهور آهي ته اهو برزگ هميشه اڪيلائي ۾ خاموش هوندو هيو، ڪائنس ڪيتريون ئي ڪرامتون ظاهر ٿيندڙيون هيون. روحاني فيض سان گڏوگڏ ظاهري علمن جو پڻ وڏو ڄاڻو ۽ عالم هيو. سندن وفات سن ۹۳۶ هجري دوران شهر نٽي ۾ ٿي، ۽ ڪيس اتان کان هالا آندو ويو. چون ٿا ته ان جي جنازي مان ذڪر جو آواز آهستي آهستي ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. (۳) اهو بزرگ سهروردي طريقي جو وڏو عارف ۽ عالم بزرگ ٿي گذريو آهي.

حضرت شيخ مخدوم فخرالدين صغير، جيڪو پنجين پيڑهيءَ ۾ حضرت مخدوم نوح رحمةَ الله تعاليٰ عليه جو ڏاڏو ٿئي ٿو. وڏو صاحب ڪمال ۽ ارشادو تلقين جو مالڪ هيو، سهروردي طريقي ۾ ماڻهن کي ارشاد و تبليغ ڪندو رهيو.

(۱) تذڪره مشاهير سنڌ پاڳو ٻيو ص- ۳۶

(۲) سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ ص ۱۲۰

(۳) تذڪره مشاهير سنڌ جلد اول ص- ۷۲

www.maktabah.org

مخدوم رکن الدين ٺٽوي ظاهري علمن ۾ حديث پاڪ جو وڏو ڄاڻو ۽ تمام وڏو عالم، سلوڪ ۾ سهروردي طريقي جو عابد، زاهد بزرگ ٿي گذريو آهي. اهو بزرگ مخدوم بلاول جي پيارن خليفن مان هو. هميشه عبادت الاهيءَ ۾ مستغرق ۽ نفس کشي ۾ مصروف رهندو هيو. سندس خدمت ۾ ماٺهن جا ميڙ هوندا هئا. سندس وفات سن ۹۴۹ هجري ۾ ٿي، ۽ مڪلي جي مقام ۾ مدفون آهي. (۱)

سيد رکن الدين متعلوي سهروردي طريقي جو ڪامل بزرگ مخدوم ساهڙ لنجار جو خليفو، ۽ صاحب ڪمال بزرگ ٿي گذريوآهي. سندس تصرف ۽ اثر ايترو ته زوردار هوندو هيو جو جنهن تي به سندن نظر پوندي هئي ته ان جي دل الله پاڪ جي ذڪر ۾ مشغول ٿي ويندي هئي. ڪائنس ڪيترين ئي ڪرامتون ظاهر ٿيون، جيڪي حرف بحرف سچيون ثابت ٿيندين هيون. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله تعالىٰ عليه ۽ مخدوم محمد ابراهيم مڏئي واري، ڪشالا ڪيي مٽيارين ۾ سيد رکن الدين جي مسجد شريف ۾ نماز جا پنج وقت پڙهيا، جنهن لاءِ سيد رکن الدين جوفرمان هيو ته جيڪو شخص سندس مسجد ۾ پنج وقت نماز پڙهندو، ته ان شخص جي قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندس. (۲)

سيد رکن الدين پنهنجي پوري ڄمار انتهائي مسڪيني ۾ گذاري. سن ۹۷۵هجري دوران مٽيارين ۾ وفات ڪيائين، اتي ئي سندس مقبرو آهي. اهڙيءَ طرح سهروردي طريقي جي بزرگن سنڌ ۾ پنهنجي فيض،علم ۽ عرفان جا اهڙا ته جوهر ڏيکاريا جو صدين گذرڻ جي باوجود به اڄ تائين سندن نالو زنده ۽ روشن آهي.

پيرفاضل شاهه قريشي، سيد بهاؤالدين ذڪريا ملتاني جي اولاد مان، سن۹۵۱ هجريءَ ۾ ملتان کان بکيرن جي ڳوٺ ۾ آيو، ۽ اتي شيخ ملتاني جي ارشاد ۽ مرضي موجب خانقاهه قائم ڪيائين. سندس وفات خميس جي ڏينهن ۱۴ رجب المرجب سن ۹۷۶هجري دوران بکيرن ۾ ٿي، ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو. سيد فاضل شاهه کان پوءِ سندن نياڻو ۽ عزيز، پير شهرالله قريشي مسند نشين ٿيو ۽ وڏي ڪمال ۽ ڪرامت جو صاحب ٿيو، پير شهرالله کان پوءِ سندن فرزند شاهه قائم الدين قلندر گادي تي ويٺو، ۽ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي قدس سره جن جي ساڻس ملاقات ٿي هئي.

(۱) تذڪره مشاهير سنڌ- جلد ٻيو ص ۲۱۶

(۲) تذڪره مشاهير سنڌ- جلد ٽيون ص- ۳۶

www.maktabah.org

قائم الدين جو سال وفات، ۱۲۱۵هجري آهي. (۱)

سهروردي طريقي جي بزرگن مان قاضي ڏتو سيوهاڻي، عالم،محدث ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. علم حديث ۽ سلوڪ جي رستي ۾ مخدوم بلاول جو پوئلڳ هيو، مرزا شاهه حسن ارغون ياران قاضي القضاة (چيف جسٽس) مقرر ٿيو، ان سان گڏوگڏ طريقت ۽ سلوڪ جو رستو به رکيو ايندو هيو. (۲)

مخدوم ساهڙ لنجار، مخدوم بلاول جو پيارو ۽ وڏو خليفو ٿي گذريو آهي. هميشه عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهندو هيو. ساداتن جو ادب حد کان زياده کندو هيو. پنهنجي مرشد جي شهادت بعد، مخدوم نوح جي صحبت ۾ رهي فيض حاصل کيائين. سندس پوري زندگي عبادت ۽ ذکر اذکار ۾ صرف ٿي. سندس وفات ۹۸۰ هجري ۾ ٿي.

مخدوم نوح رحمة الله تعاليٰ عليه، سهروردي طريقي جو سنڌ ۾ اهو باڪمال بزرگ ٿي گذريو آهي، جو سندس پيدائش کان اڳ مخدوم نوح هوٽياٽي کيبرائي مخدوم نعمت الله کي بشارت ڏائي هئي ته خدا پاڪ توکي صاحب ڪمال فرزند عطا فرمائيندو، ۽ واقعي ٿيو به ائين، جو مخدوم نوح رحمة الله تعاليٰ عليه وڏو ڪمال وارو بزرگ بنيو. سندن پيدائش ۹۱۱ هجري ۾ ٿي. ايان ٻڌڻ ۾ مس هئا ته آذان کان بعد ڪلمو طيب زبان سان چٽو فرمايائون، جيڪو سوين ماڻهن ٻڌو. اهو بزرگ زهد، عبادت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيو. ڪيس ڏهين صدي هجري جو مجدد سڏيو وڃي ٿو. رات جي وقت جڏهن الله پاڪ جي مخلوق ننڊ جي اگهور ۾ ستل هوندي هئي ته ان وقت هي بزرگ اٿي عبادت ۾ مشغول رهندو هيو ۽ زارو قطار روئيندو هيو، سندس ڪسر نفسي جو اهو عالم هوندو هيو جو ماڻهن کي محو خواب ڏسي، پنهنجي نفس کي چوندو هيو ته هي ماڻهو ڪيئن نه الله پاڪ کي راضي ڪري آرام سان ستا پيا آهن، اي نوح! تو ڪجهه به نه ڪيو؟!! ائين چئي بي اختيار خدا جي خوف کان روئيندو هيو. سندن لاءِ مشهور آهي ته جڏهن مخدوم عربي دياڻي (متوفي ۹۸۰هـ) جي مدرسي ۾ پڙهڻ دوران نديءَ جي ڪناري تي پٽي (فرحي) ميٽي رهيو هو ته ڪشف، واري حالت ۾ حضور رسول اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه مٿس وارد ٿيا. ڪيس رسول اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه

(۱) تذڪره مشاهير سنڌ جلد ۲ ص ۲۱۶

(۲) تذڪره مشاهير سنڌ پاڳو ٿيو ص- ۳۶

www.maktabah.org

وسلر جن ان فرحي تي ڪجهہ اڪر لکي ڏنا ۽ سبق ڏنائونس، جنهن بعد سيني علمن جا دروازا مٿس کلي پيا، ۽ ان سان گڏوگڏ صاحب ارشاد وتلقين بنجي ماڻهن کي فيض ۽ هدايت جو ڏس ڏيندو رهيو. سندن وفات سن ۹۹۸ هجري ۾ ٿي. (۱)

مخدوم عبدالرؤف پٽي هالائي، سهروردي طريقي جوصوفي، عالم ۽ شاعر بزرگ ٿي گذريو آهي. سنڌ ۾ مولود جو موجد چيو وڃي ٿو. سندس وفات جو سال ۱۱۶۶هجري آهي.

مخدوم ضياءِ الدين نٽوي جي نالي کان اهل سنڌ جو هر فرد ڄاڻو آهي. اهو بزرگ وڏو عالم،نالي وارو بزرگ ٿي گذريو آهي، سندس درسگاهہ مان ڪيترائي نالي وارا عالم فاضل عارف پيدا ٿيا، مخدوم محمد هاشم نٽوي ۽ مخدوم نعمت الله وٽس پڙهيا هئا، سندس وفات جو سال سن ۱۱۷۱ هجري آهي. (۲)

خواجہ حاجي عبداللطيف لنواري وارو شروع ۾ سهروردي طريقي جو صوفي بزرگ هيو. ان کان پوءِ مخدوم فيض الله ولد مخدوم آدم نقشبنديءَ کان، نقشبندي طريقت ۾ بيعت ٿي، نقشبندي طريقواختيار ڪيائين، مخدوم محمد زمان لنواريءَ وارو سندس فرزند هيو. سندس وفات جو سال ۱۱۴۹هجري آهي.

انهن بزرگن کان سواءِ، سهروردي طريقي جا ٻيا بہ ڪيترائي سوين بزرگ سنڌ ۾ ٿي گذريا آهن.

سنڌ ۾ نقشبندي طريقو:

نقشبندي طريقي جو باني حضرت خواجہ بهاؤ الدين نقشبندي آهي. سندن پيدائش کان اڳ ۾ ئي ڪيترن بزرگن، ولين پيشنگويون ڪيون هيون تہ بخارا ۾ هڪ اهڙو شخص پيدا ٿيندو. جنهن جي علم ۽ عرفان، ۽ فيض هدايت سان، دنيا جو وڏو حصو فيضياب ٿيندو. سندن ولادت ۷۱۸ هجري دوران بخارا شهر ۾ ٿي. جنهن وقت سندن تولد ٿيو تہ ان ڏينهن هڪ بزرگ فرمايو تہ، جنهن نيڪ بخت جي پيدائش جون خبرون بزرگ اڳواٽ ٻڌائيندا رهيا آهن، اڄ ان جي خوشبوءِ اچي ٿي. پوءِ جنهن مهل، بزرگ

(۱) تذڪره مشاهير سنڌ جلد ۲ ص ٦

(۲) بذل القوة في حوادث سني النبوة ص ٦

www.maktabah.org

وٽ ڪيس آندو ويو، تہ ان فرمايو تہ هي اهو ئي جوان آهي، جنهن جي پيدائش جون اڳ ۾ ئي بزرگ خبرون ٻڌائيندا رهيا آهن. حضرت خواجہ نقشبندي رحمۃ الله تعاليٰ عليه پيدائشي ولي هيو، ۽ شروع ۾ ڪائنس عجيب وغريب ڪرامتون ظاهر ٿيڻ لڳيون. سندن والد بزرگوار ڪپڙن رنگڻ جو ڪم ڪندو هيو، ان ڪري سندن سلسلي کي نقشبندي چيو ٿو وڃي. ان کان سواءِ اهو بہ مشهور آهي تہ هٿ جي آڱرين تي الله پاڪ جي اسم مبارڪ جي نقش ڪيڻ سبب، سندن سلسلي کي نقشبند ڪوٺيو ٿو وڃي.

حضرت خواجہ بهاؤ الدين نقشبندي جي تصنيفات مان (رشحات عين الهدايات) تمام گهٽو مشهور آهي، جنهن ۾ سندن ملفوظات گڏ ٿيل آهي. پاڻ فرمائين ٿا تہ اسان جو طريقو بين سيني طريقن کان وڌيڪ حق کي ويجهو آهي. (۱)

نقشبندي سلسلي موجب، الله تبارڪ و تعاليٰ سان واصل ٿيڻ جا ٽي طريقا آهن. هن طريقي ۾ آهستي ذڪر (ذڪر خفي) ڪرڻ جائز آهي. باقي ڏاڍيان ذڪر (ذڪر جلي) ڪرڻ کي پسند نہ ڪندا آهن.

حضرت بهاؤالدين نقشبندي جي سلسلي کي، برصغير ۾ ترقي ونڊائڻ وارو بزرگ، حضرت شيخ احمد سرهندي المعروف مجدد الف ثاني رحمۃ الله تعاليٰ عليه جن آهن.

حضرت خواجہ بهاؤ الدين نقشبندي رحمۃ الله تعاليٰ عليه جي پوري زندگي، ذڪر اذڪار ۽ تبليغ ۾ مصروف ٿي. پاڻ سومر ڏينهن ربيع الاول مهيني سن ۷۰۸ هجري دوران بخارا شهر ۾ وفات ڪيائون ۽ اتي ئي سندن مزار آهي. سنڌ ۾ نقشبندي سلسلي جي بزرگن، مذهبي احياءَ لاءِ تمام گهٽو ڪم ڪيو، ۽ غير اسلامي ڪمن جي پاڙ پٽڻ لاءِ اهڙا تہ ڪارناما سرانجام ڏنائون جيڪي وساريڻ جوڳا ناهن. ان ڪري مؤرخ ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ "هندستان ۾ علحدگي جون جيڪي بہ تحريڪون پيدا ٿيون، سي سڀئي حضرت مجدد الف ثاني امام رباني جي مذهبي احياءَ جي تحريڪ جي فيض۽ اثر سبب پيدا ٿيون. (۲)

سنڌ ۾ نقشبندي طريقي جي شروعات حضرت امام رباني مجدد

(۱) مقولات تصوف - ص ۳۹

(۲) اسلام پاڪستان اورجديد دنيا اردو ص ۲۳۰

www.maktabah.org

الف ثاني رحمه الله جي تعليمات سببان ٿي. حضرت شيخ احمد سرهندي رحمةَ الله تعاليٰ عليه وڏو اهل الله، عارف ۽ كامل اكمل عالم باعمل ٿي گذريو آهي. كين ٻي فرزند تولد ٿيا. هڪ خواجه محمد صادق، جيكو سندن حياتي ۾ ئي گذاري ويو. ٻيو خواجه محمد سعيد، ٽيون خواجه عروة الوثقيٰ محمد معصوم، جنهن كي پنهنجو روحاني خليفو مقرر كري مخلوق جي ارشاد وتبليغ واسطي مقرر فرمايائون.

مخدوم آدم نقشبندي نٽوي پهريون شخص آهي، جنهن سنڌ ۾ نقشبندي طريقي جو بنياد وڌو. سندس قصو نقشبندي سلسلي ۾ داخل ٿيڻ جو هن طرح آهي ته، حضرت مخدوم آدم هڪ دفعي نٽي كان چند عالمن سان گڏجي اورنگزيب عالمگير سان ملاقات كرڻ لاءِ دهلي پهتو. جتي سندن ملاقات خواجه محمد معصوم نقشبندي سان ٿي. خواجه عروة الوثقي پهرين ئي ملاقات ۾ سندس علم ۽ فضيلت جو اندازو لڳائي، پنهنجي اولاد كي ديني تعليم ڏيڻ لاءِ كيس، چيائونس. مخدوم آدم رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن به اكين وارو هيو، تنهن كري خواجه صاحب جي فرمان موجب سندن اولاد كي پڑهائڻ لاءِ اتي ترسي پيو. هڪ ڏينهن خواجه صاحب، مخدوم صاحب جن كان چند آيتن جو ترجمو ۽ تفسير پڇيو. مخدوم صاحب نهايت علمي انداز سان معنيٰ ۽ مطلب سمجهايو، جنهن تي خواجه صاحب مٿس راضي ٿي اهڙو ته توجهه كيو جو مخدوم صاحب سندن معتقد بنجي ويو ۽ سندس سلسلي ۾ داخل ٿي بيعت حاصل كيائين. اهڙي طرح مخدوم آدم رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن پورا ست سال سرهند شريف ۾ رهي پيو، ۽ سلوك جون سيئي منزلون طئي كري، خواجه صاحب جي ارشاد موجب نٽي واپس وريو، ۽ پنهنجي خانقاهه قائم كيائين، جتي هر ايندڙ كي فيض ۽ عرفان جو درس ڏيندو رهيو. تكلمه مقالات شعراءِ وارو نقشبندي سلسلي ۾، مخدوم آدم رحمةَ الله تعاليٰ عليه جو ذكر ڇاڻائيندي لكي ٿو ته "نقشبندي طريقو سنڌ ۾ جڙ هيو ئي كو نه، ۽ ان وقت صرف سنڌ ۾ سهروردي ۽ قادري طريقا مشهور هئا. جنهن جو غلبو پوري سنڌ تي ڇانيل هيو، ۽ اهڙي طرح چشتي سلسلو به سنڌ ۾ نه هئڻ جي برابر هيو. تڏهن اهڙي وقت ۾ صرف مخدوم آدم رحمةَ الله تعاليٰ عليه ئي هيو، جيكو نقشبندي سلسلي سان منسلك ٿيل هيو، ۽ عام ماڻهو سهروردي ۽ قادري سلسلي جي غلبي سببان نقشبندي طريقي ڏانهن مائل نه ٿي ٿيا. تڏهن حضرت مخدوم آدم رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن ماڻهن كي پئسا ڏوكڙ ڏيئي، نقشبندي سلسلي ڏانهن راغب كندا رهيا، ۽ ماڻهن جڏهن اهو ڏٺو ته كين

www.maktabah.org

نئين طريقي جي تلقين سان گڏوگڏ گذر معاش ملي ٿو تہ ان ڏانهن لاڙو رکيائون، ۽ اهڙي طرح ٿوري عرصي ۾ تمام گهٽا ماڻهو سندس معتقد ٿي ويا، ۽ سندن رجوعات رور بزور وڌندي ويئي، ايستائين جو ماڻهن جا انبوهہ وٽس فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا رهيا ۽ ان کان پوءِ اهو نقشبندي طريقو سنڌ ۾ مشهور ۽ عام ٿيو. (۱)

حضرت مخدوم آدم رحمةَ الله تعاليٰ عليه تمام وڏو عالم، زاهد، عابد صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. ان دور ۾ سندس پائي جو ڪو عالم موجود ڪونہ هيو. مخدوم ابوالقاسم نقشبندي (متوفي ۱۱۳۸) ۽ مخدوم محمد ابراهيم نقشبندي لاهري وارو سندن خاص مريد هئا. حضرت مخدوم آدم نقشبندي رحمةَ الله تعاليٰ عليه تي اڪثر، استغراق جي ڪيفيت طاري هوندي هئي. سندن ڪسر نفسيءَ جو اهو عالم هوندو هيو جو، ماڻهن کي حڪر ڏنائين تہ مون کي آدو سڏيندا ڪريو، چاڪاڻ تہ هڪ شهر ۾ بہ آدم ڪيئن موجود رهندا؟ سندن وفات کان پوءِ مخدوم محمد اشرف، سندن جاءِ نشين ٿيو. ان کان پوءِ مخدوم آدم رحمةَ الله تعاليٰ عليه نقشبندي طريقي جو وڏو صاحب ڪمال بزرگ ٿي گذريو آهي. ڪائنس ڪيترن بزرگن فيض حاصل ڪيو. هن بزرگ جي وفات جو سال سن ۱۰۴۴ هجري آهي، ۽ سنڌ ۾ نقشبندي طريقي جو وڏو بزرگ ليکيو وڃي ٿو. ان ئي دور ۾ مخدوم ابوالقاسم نورالحق درس رحمةَ الله تعاليٰ عليه ذريعي، نقشبندي سلسلو سنڌ ۾ عام ٿيو.

مخدوم ابوالقاسم نقشبندي بہ تمام وڏو عالم عارف بزرگ صوفي ٿي گذريو آهي. قرآن شريف جو حافظ پڻ هيو. ظاهري علمن جي تحصيل کان پوءِ، مخدوم آدم جي صحبت ۾ سلوڪ جون منزلون طئي ڪيائون. سندس شوق ۽ عشق الاهيءَ جي مد نظر، مخدوم آدم رحمةَ الله تعاليٰ عليه کيس شاهہ سيف الدين بن عروة الوثقيٰ خواجہ محمد معصوم سرهندي جي خدمت مان وڏيڪ فيض حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪئي. مخدوم ابوالقاسم پنهنجي طريقت جي استاد جي حڪم موجب، سرهند پهچي شاهہ سيف الدين کان سلوڪ جون سيئي منزلون طئي ڪيون، ۽ شاهہ سيف الدين جي ارشاد سان نئين ۾ نقشبندي طريقي ۾ ارشاد وتلقين جو سلسلو شروع ڪيائين. ان کان پوءِ جيڪو شخص سرهند ۾ بيعت ٿيڻ ويندو هيو تہ کيس مخدوم ابوالقاسم جي خدمت

(۱) تڪمله مقالات شعراء فارسي ص۱۸۴

www.maktabah.org

۾ موڪليو ويندو هيو. اهڙي طرح مخدوم ابوالقاسم ٽوري عرصي ۾ تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي، ۽ وڏا امير ماڻهو سندس فيض مان فيضياب ٿيندا رهيا، ۽ ڪيترائي خليفا مختلف هنڌن تي مخلوق خداوندي کي درس و هدايت جو رستو ڏيکارينداً رهيا. سندن سال وفات سن ۱۱۳۸ هجري ۾ آهي (۱)

جيئن اڳ ۾ بيان ٿي آيو آهي ته مخدوم آدم رحمت الله تعالىٰ عليه جي وفات کان پوءِ، سندن فرزند مخدوم محمد اشرف جاءِ نشين ٿيو ۽ مخدوم محمد اشرف جو جاءِ نشين مخدوم محمد ابوالمساڪين ٿيو. جيڪو بزرگ نقشبندي طريقي جو وڏو ڪامل بزرگ ليکيو وڃي ٿو. سندن ابتدائي تربيت مخدوم ابو القاسم نقشبندي جي زير اثر ٿي، جيڪو سندن ڏاڏي مخدوم آدم جو صاحب مجاز خليفو هيو، ۽ ڪيس پنهنجي نياڻيءَ جو سگ ڏنائين، مخدوم ابوالقاسم جي وفات کان پوءِ سرهند ۾ مسلسل ٽي سال خواجه ذڪي الله رحمةَ الله جي خدمت مان فيض حاصل ڪندو رهيو، ۽ آخر خواجه ابو المساڪين رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن پنهنجي حياتيءَ دوران پنهنجي دستار، خواجه محمد زمان لنواري واري کي بخشي، حج جي ارادي سان مڪي شريف روانو ٿيو، ۽ اتي ئي ۹ ذي الحج سن۱۱۴۹ هجري ۾ وفات ڪيائين.

انهيءَ سال خواجه حاجي عبداللطيف لنواري واري وفات ڪئي، جيڪو مخدوم محمد زمان ڪلان جو والد ماجد هيو. اهو بزرگ دراصل سهروردي طريقي جو هيو، بعد ۾ مخدوم فيض الله بن مخدوم آدم نقشبندي کان، نقشبندي طريقي ۾ بيعت ٿيو، تمام وڏو صاحب ڪمال ۽ ظاهري باطني فيض جو مالڪ هيو. ڪيس مخدوم ابو القاسمؒ، بشارت ڏني هئي ته توکي هڪ صاحب ڪمال ۽ فيض وارو فرزند ٿيندو. سندس وفات ۱۱۴۹ هجري ۾ ٿي.

نقشبندي بزرگن جهڙي ريت سنڌ جي ڏاڪڻين حصي ۾ مخلوق خداونديءَ جي خدمت ڪئي. بلڪل اهڙي طرح، سنڌ جي اترين حصي ۾ مخدوم اسماعيل پريالوءِ واري جو نالو سر فهرست آهي.

مخدوم صاحب عالم ،عارف، ڪامل ولي الله ٿي گذريو آهي. سندن قوم جوٽيجه هئي. سنڌ جي نقشبندي بزرگن ۾ سندن مقام ،تمام متاهون آهي. روحاني ۽ باطني فيض سان گڏوگڏ ظاهري علمن جي درس تدريس جو سلسلو به جاري رکيو ايندو

(۱) "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد اول، ص ۱۳۲

www.maktabah.org

هيو، ۽ ڪتابن گڏ ڪرڻ، ۽ هٿ سان لکي جمع ڪرڻ جو شوق تمام گهڻو هوندو هئس. سندن لاءِ مشهور آهي ته سمهڻ دوران خود بخود قلم لکندو هين. مخدوم صاحب جون ڪرامتون جڳ مشهور آهن.

حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي زندگي جو خاص جوهر، عشق مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم هيو. سندن زندگي جي نمايان خصوصيت فنا في الرسول هئي. حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي نالن مبارڪن مان ڪوبہ نالو، سندن آڏو ورتو ويندو هيو ته مخدوم صاحب جي عجيب ڪيفيت ٿي ويندي هئي، ۽ مٿس وجد ۽ جذب طاري ٿي ويندو هيو، ۽ ان پاڪ اسم شريف کي بار بار دهرائيندا ۽ زارو قطار روئيندا هئا. مخدوم صاحب شاعر بہ هيو، ۽ سندن پوري شاعري عشق رسول سان سرشار نظر اچي ٿي. سندن دل ۽ توجهہ هر وقت اڙين جي آڌار ڏي مائل هوندو هيو. ان وقت ۾ مشهور هيو ته ڪيس روزانو رسول الله صلي الله عليه وسلم جي ڪچهري نصيب آهي.

حضرت مخدوم محمد اسماعيل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي پوري زندگي فقر محمدي جو آئينو هئي. سندن مجلسي بہ فيض وارا هئا. سندن فرمان آهي ته نقشبندي ۽ قادري طريقا ٻئي هڪ ٻئي جي ويجها آهن. قادري طريقو نور ذاتي ۽ نقشبندي طريقو نور صفاتي آهي. قادري بادشاهہ ۽ نقشبندي وزير آهي. سندن هي بہ فرمان آهي ته ذڪر اذڪار سپ هڪ شور آهن. اصل مقصد توحيد آهي، ۽ گم نامي عظيم مقصد آهي. هميشه ويچارو ٿي رهجي ۽ ان ۾ ئي اصل مقصد آهي(۱) دين محمد وفائي لکيو آهي ته کين ڪوبہ نرينو اولاد ڪونہ هيو. حالانڪ کين هڪ فرزند، نالي فريد هيو جيڪو مخدوم صاحب جن جي ناراضپي ۽ بددعا سبب فوت ٿي ويو هو. کين هڪ نياڻي بہ هئي، جيڪا مخدوم محمد عاقل کهڙن واري جي گهر واري هئي. مخدوم صاحب جن جي وفات سن۱۱۷۴ هجري ۾ ٿي. سندن مزار پريالوءِ ۾ اڄ بہ هزارين انسانن جي سکون ۽ آرام جي جاءِ آهي.

لاڙ ۾ نقشبندي بزرگن مان مخدوم محمد زمان لنواري وارو بہ وڏو صاحب ڪمال بزرگ ٿي گذريو آهي. سندن ابتدائي تعليم مخدوم محمد صادق نقشبندي

(۱) "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد۳ ص۵

www.maktabah.org

جي درسگاهه ۾ ٿي، ۽ ان دوران خواجه ابو المساكين سان پڻ ملاقات كيائون، ۽ ساڻس اچڻ وڃڻ جو سلسلو جاري رهيو. تحصيل علم دوران خواجه ابوالمساكين جي هٿ تي نقشبندي طريقي ۾ بيعت كري، ان كان پوء لنواري كي وسايائون. جتي خانقاهه قائم كري ماٹهن كي رشد و هدايت جو درس ڈيندا رهيا. كين سلطان الاولياء جو لقب حاصل هيو. وٹن فيض حاصل كرڻ لاء وڏا وڏا ولي الله اچي كهي پيش پوندا هئا. حضرت شاهه عبداللطيف پٹائي به ساڻن ملاقات كرڻ لاء لنواري ويو هيو. مخدوم صاحب هميشه استغراق ۾ مستغرق هوندو هيو، سندس كچهري ۾ هميشه تصوف جون گالهيون هلنديون هيون. سندن وفات جو سال ۱۱۸۸هـ آهي.

حاجي فقير الله علوي شكارپوري، نقشبندي طريقي جو وڏو اهل الله عالم عابد صوفي بزرگ ٹي گذريو آهي. اصل افغانستان جو هيو، جتان هجرت كري شكارپور ۾ ديني مدرسو قائم كيائين، جتي هر طرف كان علم جا اجايل اچي تحصيل علم حاصل كرڻ لڳا. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمة الله تعالىٰ عليه جن به شروعات ۾ سندن مدرسي ۾ داخل ٹيا هئا. حاجي فقير الله علوي ظاهري علمن سان گڏوگڏ باطني فيض سان پڻ سينگاريل هيو. سندن دوستن مان مخدوم معين الدين، عرف مخدوم نارو خاص صحبتي ۽ دوست هيو. سندن كيتريون ئي تصنيفات آهن. كيس كتابن گڏ كرڻ جو تمام گهڻو شوق هوندو هيو، ۽ مزدوريء تي كتاب لكرائي جمع كندو رهيو. پنهنجي زندگيء ۾ ست پيرا حج پڙهيائين. مكي شريف مان شيخ سيد عبد القادر مكي، جيكو مخدوم محمد هاشم ٹٹوي جواستاد هيو، ان كان پڻ سند حاصل كيائين. كيس تلقين ۽ ارشاد جي اجازت شيخ مسعود پشاوري، ۽ مخدوم محمد هاشم ٹٹويء كان مليل هئي. تمام وڏي شهرت جو مالك هيو. ظاهري علمن سان گڏوگڏ عظيم صوفي پڻ هيو. سندن سال وفات ۱۱۹۵ هجري آهي.

ان سلسلي جو وڏو عارف ۽ اهل الله عالم باعمل، حضرت مخدوم عبد الرحيم گرهوڑي رحمة الله تعالىٰ عليه هيو. شايد كو ورلي ماٹهو هجي، جيكو سندن نالي كان واقف نه هجي. طريقت ۾ مخدوم محمد زمان كلان لنواري واري جومريد ٹيو. بيعت ٹيڻ كان پوء سندس زندگيء ۾ انقلاب اچي ويو، ۽ سڀ كجهه ترك كري الله پاك جي محبت ۾ سرگردان گذارڻ لڳو. شرعي معاملي ۾ پنهنجي فهم، فراست ۽ اجتهاد موافق فقه تي عمل كندو هيو. ان كري وقت جي عالمن سندن خلاف فتوائون لكيون ۽ ان

www.maktabah.org

ڳالهه تي اتفاق ڪيائون ته ڪيس تعزير ڏنو وڃي، جو هي بي شرع ڳالهيون ٿو ڪري(۱)

خدا آباد وارو مناظرو به عالمن جي اصرار تي ساٹس رکرايو ويو جنهن ۾ منصف سيد جمال شاهه گهوٽڪي وارو مقرر ٿيو، جيڪو ڪائنس متاثر ٿي بيعت ٿيو. گرهوڙي صاحب جمال شاهه کي بيعت ڪرڻ وقت وصيت ڪئي ته هو جلدي واپس پنهنجي ڳوٺ هليو وڃي، جيئن سندس جنازو وڏن جي قبرستان ۾ پهچي، ۽ ٿيو به ائين جو جمال شاهه رستي ۾ فوت ٿيو. جتان سندس جنازو ڳوٺ آندو ويو. گرهوڙي صاحب جون ڪرامتون ۽ پيشين گويون حد ڪان زياده گهٽيون چيل آهن. آخر مهاڏيو جي مڙهي کي ناس ڪرڻ واري واقعي دوران شهادت جو جام نوش فرمايائون. سندن وفات جو سال ۱۱۹۲هجري آهي.

مخدوم عبد الواحد سيوستاني رحمةً الله تعالىٰ عليه نقشبندي طريقي جو تمام وڏو عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو آهي. سندن ولادت ۱۱۵۰هجري ۾ ٿي. ابتدائي تعليم، پنهنجي والد ماجد مخدوم دين محمد کان حاصل ڪيائون. ڪيس نعمان ثاني چيو ويندو هيو. طريقت ۾ خواجه صفي الله مجددي (متوفي۱۲۱۲هـ) کان بيعت حاصل ڪيائين. درس تدريس سان گڏوگڏ نقشبندي طريقي ۾ بيعت ڪرڻ جي اجازت مليل هيس، ۽ مريدءَ جو سلسلو به جاري رکيائون. سندن مريدن مان رئيس محمد حسين کهاوڙ، ميان محمد امين خيرپوري، غلام رسول افغان خاموش، خليفو عبد الحڪيم سيوستاني مشهور ٿي گذريا آهن(۲)

خواجه نظام الدين مجددي شڪارپوري پٽ وڏو صاحب ڪمال، ۽ فيض وارو بزرگ ٿي گذريو آهي. جنهن لاءِ مشهور هيو ته مير صاحب جي قبر کي اندران باهه لڳل آهي، ۽ قبر مان دانهون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. تڏهن مير ڪرم عليءَ جي ماٹهن چاهيو ته خواجه ڪان مير صاحب جي چوٽڪاري جي لاءِ دعا گهرائجي، ۽ هڪڙو ماٹهو خواجه صاحب ڏانهن روانو ڪيائون. خواجه صاحب پنهنجي خادمن کي اڳواٽ منع ڪري ڇڏي هئي ته فلاڻي پارن سان ماٹهو اچي ٿو، ان کي مون سان نه ملائجوءِ. اها خبر جڏهن مير ڪرم عليءَ جي ڏيءَ بيبي جندو کي پئي ته خواجه صاحب ڏانهن قرآن شريف ميڙ ڪٽي گهران نڪتي. خواجه صاحب کي ڪشف سان مائي جي اچڻ جو پتو پيو، ۽ ڏانهنس

(۱) ڪلام گرهوڙي ص۱۷

(۲) تذڪره مشاهير سنڌ جلد اول ص۲۰۶

www.maktabah.org

چوائي موڪليائين ته توهيڏانهن اچڻ جي تڪليف نه ڪر، انشاءَ الله اها تڪليف ختم ٿي ويندي، ۽ خواجه صاحب مير ڪرم علي جي قبر متان ٿي ڏينهن مراقبو ڪري قبر جي پر ۾ پنهنجي قبر ٺهرائي ان ۾ سمهي رهيا. ان بعد نفل پڙهندي وفات ڪيائون. پنهنجي سموري حياتي فقيري ۽ درويشيءَ ۾ گذاريائين. گهڻو ڪري ذڪر فڪر ۾ رهندو هيو. وفات ڪرڻ کان اڳ پنهنجي سيني ارادتمندن کي اطلاع ڪرايائين. سندس آخري ديدار لاءِ هزارين ماڻهو ايندا رهيا. سندن وفات بروز چنڇر ۱۷ رجب، سن ۱۲۷۳هجري ۾ ٿي. اهڙي طرح سندن ۾ يارهين صديءَ کان وٺي تيرهين صديءَ جي پچاڙيءَ تائين، نقشبندي سلسلي جو عروج رهيو، ۽ هڪئي وقت مختلف ماڳن تي ڪيترا اهل الله، صاحب مجاز بزرگ موجود هيا. جن مخلوق خداوندي کي سنئين واٽ تي هلائڻ لاءِ اهڙا ته ڪارناما سرانجام ڏنا، جن کي تاريخ ڪڏهن به وساري نٿي سگهي.

قادري سلسلي جومختصر تعارف:

قادري سلسلي جو باني، حضرت محبوب سبحاني قطب رباني سيدنا شيخ عبد القادر جيلاني رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن آهن. سندن ولادت باسعادت پهرين رمضان سن ۴۷۰هجري ايران ملڪ جي جيلان پاڙي ۾، سيد ابوصالح موسيٰ جي گهر ۾ ٿي. سندن ڪنيت ابومحمد، ۽ لقب امام الائمه محي الدين آهي. محبوب سبحاني، قطب رباني، غوث صمداني، ڪين خطاب حاصل هيو. حضرت سيد عبد القادر جيلاني رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي پيدائش وقت، عباسي خليفي مقتدر بامر الله جو دور حڪومت هيو. پيدائش واري رات، سندن والد ماجد ابوصالح سيد موسيٰ رحمةَ الله تعاليٰ عليه خواب ڏنو ته حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي اصحاب ڪرام ۽ اولياءَ عظام سان گڏ تشريف فرما ٿيا آهن، ۽ سمورو گهر نور سان روشن ٿي ويو آهي. پاڻ ڪريم جن ڪيس خوشخبري ٻڌائيندي فرمايو ته اي ابوصالح! مبارڪ هجئي جو اڄ الله تعاليٰ جي فضل ۽ڪرم سان توکي فرزند عطا ٿيو آهي، جيڪوتمام وڏو پير ۽ پنهنجي وقت جو قطب ٿيندو، ۽ اهو الله جو دوست ۽ منهنجو لخت جگر آهي. سندن ولادت باسعادت کان پوءِ والده سڳوريءَ ڪين ڪير پيارڻ چاهيو. ليڪن سڄو ڏينهن ڪير نه پيتائون. آخر سج لهڻ بعد ڪير پيتائون. اهڙي طرح ننڍڙائپ ۾ سندن اها ڪرامت پوري

www.maktabah.org

علائقي ۾ مشهور ٿي وئي(۱)

حضرت شيخ عبد القادر جيلاني رحمةَ الله تعاليٰ عليه جا والدين علم ۽ معرفت جا خزانا هئا، ان کري سندن ابتدائي تعليم و تربيت پنهنجي والدين جي اثر هيٺ حاصل کيائون. قرآن شريف پنهنجي گهر ۾ ياد فرمايائون. ان کان پوءِ جيلان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي ارادي سان سترنهن سال رهي، تعليم جي تڪميل فرمايائون. ان بعد بغداد ۾ اٺ سال فاقه ڪشي ۽ تنگدستيءَ جي عالم ۾ رهي، علم حاصل ڪري تحصيل فرمايائون. پنهنجي پوري زندگي وعظ نصيحت ڪندي بسر فرمايائون. روزانو سندن مجلس ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو اچي ڪٺي ٿيندا هئا. خدا پاڪ سندن وعظ ۽ نصيحت ۾ اهڙو تاثير رکيو، جو جيڪو به وعظ ۽ نصيحت ٻڌندو هيو، ته توبهه تائب ٿي عابد زاهد بنجي ويندو هيو. کين خدا پاڪ جي درگاهه ۾ تمام گهڻي مقبوليت حاصل هئن جيڪا به دعا گهرندا هئا، ته اها جلد اگهامندي هئي. وقت جا وڏا عالم عابد، زاهد ڪائن فيض حاصل ڪندا هئا. اوليائن ۾ کين جيڪوشرف ۽ مقبوليت ميسر ٿي، اهڙي ڪنهن کي به نه ملي. پاڻ ۱۱ ربيع الثاني بروز سومر سن ۵۶۱ هجري دوران بغداد ۾ وفات فرمايائون. سندن وفات وقت لکن جي تعداد ۾ ماڻهو گڏ ٿي ويا، ۽ ڏينهن جو دفنائڻ ڏکيو ٿي ويو. آخر ماڻهن جي گهٽائي ۽ رش سبب، کين رات جي وقت دفنايو ويو(۲)

سنڌ ۾ قادري سلسلو:

سنڌ ۾ قادري سلسلي جو غلبو ڪلهوڙن جي دور ۾ شروع ٿيو. هونئن ته ان سلسلي جو باني سيدنا شيخ عبد القادررحمةَ الله تعاليٰ عليه آهي(جيئن اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪوآهي) حضرت شيخ عبد القادررحمةَ الله تعاليٰ عليه جن جي خاندان مان ڪيترا وڏا بزرگ، جهاد ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ بغداد کان مختلف هنڌن تي پهتا، ان دوران سڳنڌ به ان نعمت کان محروم نه رهي، بلڪ ڪافي تعداد ۾ قادري سلسلي جا بزرگ مختلف ماڳن کان سير و سياحت ڪندي هتي آيا.

مسعود حسن شهاب جي روايت موجب، سنڌ ۾ قادري سلسلي جو پهريون بزرگ، حضرت شيخ علي رحمةَ الله تعاليٰ عليه آهي جيڪو حضرت پيران پير

(۱) سوانح پيران پير ص۳۹

(۲) نورعلیٰ نور اردو ص۷۷

www.maktabah.org

جوفرزند آهي. کجهه عرصو هالا شهر ۾ قيام کيائين(١)

تحفة الکرام جي روايت موجب، شيخ محمود المعروف شاهه سيستان قادري حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمة الله تعالیٰ عليه جو حقيقي پوٽو آهي جيکو نصرپور جي پر ۾ مدفون آهي(٢)

اهڙي طرح شيخ اڪرام جي روايت موجب، حضرت مخدوم محمد گيلاني حلبي، سيدنا شيخ عبدالقادررحمة الله تعالیٰ عليه جي اولاد مان ايران،خراسان کان ٽيندو سنڌ جي قديمي شهر اچ ۾ وارد ٿيو(٣)

شيخ عبدالحق محدث دهلوي، مخدوم محمد جيلاني لاءِ لکي ٿو ته، حسب نسب ۽ ظاهر باطن جي لحاظ سان، وڏي فضيلت وارو بزرگ هيو. روم، خراسان،ملتان کان ٽيندو، اچ ۾ سکونت اختيار کيائين. سندس علم ۽ فضيلت کي ڏسي وقت جو بادشاهه (سڪندر لوڌي) به معتقد هين، ۽ شاعر پڻ هيو. گهٽو ڪري شعر ۾ مناقب حضرت غوث الثقلين نظم کيائين. ان کان سواءِ غزل جو ديوان پڻ مرتب کيائين. قادري تخلص هيس (٤)

اهڙي طرح قادري سلسلي جا کيترائي نالي وارا بزرگ سنڌ ۾ پيدا ٿيا. جن قادري طريقي موجب سنڌ ۾ تبليغ جو سلسلو جاري رکيو.

ڏهين صدي هجري دوران قادري سلسلي جي بزرگن ۾ شيخ خضر سيوستاني جو نالو سر فهرست آهي. اهو صوفي بزرگ تارک، الله لوک انسان هيو. کيس کنهن جي به پرواهه کانه هوندي هئي. هميشه ذکر فکر ۾ مشغول رهي ماڻهن کان پري رهندو هيو. مولانا وفائي، سفينة الاولياءِ جي حوالي سان لکيو آهي ته "هڪ ڏينهن سيوهڻ جو حاڪم زيارت لاءِ شيخ خضر جي خدمت ۾ آيو. ڏٺائين ته شيخ صاحب سخت ڪاڙهي ۾ گرم پٽر تي مراقبو کيو وينو آهي، حاڪم سندس ويجهو وڃي اهڙي طرح بينو، جو پاڇو شيخ خضر تي پوڻ لڳو. شيخ صاحب معلوم ڪري مٿو مٿي ڪري پڇيس ته ڪير آهين؟ هن ويراني ۾ ڇو آيو آهين؟ ۽ تنهنجي اچڻ جو مقصد ڇا آهي؟ حاڪم

(١) خط پاڪ اچ ص٢٥٠

(٢) تحفة الکرام سنڌي ص ٣٠٠

(٣) رود ڪوثر اردو ص٦٤

(٤) اخبارالاخيار - فارسي ص٢٠٢

www.maktabah.org

جواب ڏنو تہ اوهان جي زيارت لاءِ آيو آهيان. منهنجو مطلب آهي تہ مون تي ڪو ڪر رکو تہ ان کي پورو ڪري سان سعادت حاصل ڪريان. شيخ فرمايو تہ مون کي ڪوبہ اهڙو ڪم نہ آهي، جيڪو اوهان سان لاڳاپو رکندو هجي. حاڪر دوبارو عاجزي سان ساڳيو عرض ڪيو. شيخ صاحب چيو تہ جيڪڏهن تون منظور ڪرين تہ ڪم چوان؟ حاڪر چيو تہ آءٌ منظور ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. شيخ خضر فرمايس تہ پهريون ڪم هي آهي، جو تون پنهنجو پاڇولو مون تان هٽاءِ، يعني پري ٿي بيهہ، ڇاڪاڻ تہ جيڪو ماڻهو الله تعاليٰ جي پاڇي ۾ گذاري رهيو آهي، تنهن کي ٻي ڪنهن بہ پاڇي جي گهرج نہ آهي. ٻيو تہ جٽان آيو آهين اوڏانهن هليو وڃ. تڏهن حاڪر اتان هٽي پري ٿي بيٺو، ۽ شيخ خضر تان پاڇو لهي ويو. پوءِ عرض ڪيائين تہ اوهان جڏهن الله تعاليٰ جي يادگيري ۾ مشغول ٿيو، تڏهن منهنجي لاءِ دعا گهرندا ڪريو. شيخ صاحب چيو تہ، الله تعاليٰ شال اهڙو وقت مون کي نصيب نہ ڪري، جو ان جي ياد وقت غير خدا بہ دل ۾ اچي، ۽ توکي ان وقت ياد ڪريان(١)

ساڳي ئي ان بزرگ لاءِ قانع نٽوي لکي ٿو تہ شيخ خضر، شيخ موسيٰ جي اولاد مان هيو، ڏهين صدي هجري ۾ سير سفر جي خيال سان نڪري ناگور جي شهر ۾ پهتو، جتي مخدوم جهانيان جي جاءِ نشين، شيخ بخاري، شيخ عبدالرزاق قادري ۽ شيخ يوسف سنڌي جو مريد ٿي ظاهري ۽ باطني سير ڪري، ساڳيو سنڌ موٽي آيو ۽ سال ٩١١ هجري ۾ ڪيس شيخ مبارڪ ڄائو(٢)

مٿين روايتن موجب شيخ خضر سنڌي قادري ڏهين صدي هجريءَ جي بزرگن مان هيو. توڙي جو گر نامي ۽ گوشہ نشيني اختيار ڪيائين، تہ بہ سندس فيض ۽ فضل جي بوءِ هدايت جي طالبن کي پري پري تائين معلوم ٿيڻ لڳي، ۽ ماڻهو ڪائونس فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا رهيا. اگرچہ خانقاهہ مقرر ڪري ڪونہ ويٺو، تڏهن بہ ڪافي ماڻهن کي الله پاڪ جو رستو ڏسيائين. سندس فيض يافتن مان ميان مير محمد سيوستاني مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي.

ميان مير سيوهڻ شهر ۾ سن٩٥٧ هجري دوران تولد ٿيو. سندس والده سڳوري جو نالو بيبي فاطمہ هيو، جيڪا قاضي قاضن جي نياڻي هئي. ١٢ سالن

(١) تذڪره مشاهير سنڌ جلد اول ص٦٢

(٢) "تحفةَ الڪرام" (سنڌي) ص٣٦٧

www.maktabah.org

جي جمار ۾ سمورا ديني علم پڑهي تڪميل ڪيائين. جيئن ته سندس پورو گهراڻو علم فضل ۽ فيض جو گهوارو هيو، ۽ سندن والده سڳوري به ڪشف و ڪرامات جي مالڪ هئي. ان ڪري پنهنجي امان سائڻ جي هٿ تي قادري طريقي ۾ بيعت ڪيائين، ۽ قادري سلسلي موجب ذڪر اذڪار جي شغلن ۾ مشغول رهي وڏي مرتبي کي پهچي ويو. اتان پنهنجي والده ماجده کان موڪل ورتي. شيخ خضر سيوستاني جي آستاني تي اچي سلامي ٽيو، ۽ ڪائنس قادري طريقي ۾ بيعت جي تجديد حاصل ڪري، سلوڪ جون رهيل منزلون طي ڪيائين. ۲۵ سالن جي ڪوهه جواني ۾ مرشد شيخ خضر جي حڪم موجب لاهور ۾ سڪونت اختيار ڪري عبادت ۽ رياضت ۾ لڳي ويو. سندس لاءِ مشهور آهي ته ڪيترين ئي راتين نند کان سواءِ گذاري ڇڏيندو هيو. ڪائڻ پيئڻ کان دل کڄي ويس. سندس ڪيترين ئي ڪرامتون مشهور آهن، جيڪا به دعا گهرندو هيو ته ان طرح ٿي پوندو هيو. سڄي زندگي شادي ڪانه ڪيائين. شاهجهان بادشاهه ڪائونس تمام گهڻو متاثر هو ۽ سندس ارادت ۾ ڪاملِ هيو. اهڙي طرح حضرت ميان مير محمد قادري رحمةَ الله تعالىٰ عليه پورا ست سال لاهور شهر ۾ ماڻهن کي فيض بخشيندو رهيو. سندس وفات سن ۱۰۴۴ هجري دوران لاهور ۾ ٿي(۱)

سيد حسن بادشاهه قادري بن سيد عبدالله قادري، حضرت محبوب سبحاني سيد عبدالقادر جيلانيءَ جي اولاد مان سن۱۰۲۳ هـ دوران ننڍي شهر ۾ تولد ٿيو. تعليم تربيت پنهنجي والد کان حاصل ڪيائين. سورنهن سالن جي عمر ۾ سيني علمن جي تڪميل ڪري، سترهين سال درس تدريس شروع ڪيائين. قادري سلسلي ۾ بيعت پنهنجي والد ماجد کان حاصل ڪيائين. سلوڪ جي رستي ۾ پير رکڻ کان پوءِ ڪيس عبادت ۽ رياضت جو شوق دل ۾ جاڳيو، ۽ سير سياحت جي ارادي سان هندستان، گجرات، ڪانياواڙ، شاهجهان آباد دهلي، لاهور اتان کان پشاور، ڪشمير ۽ ڪابل جو رخ رکيائون. سڄي سفر دوران قادري سلسلي موجب ماڻهن کي ارشاد و تلقين ڪندا رهيا. ڪابل کان غزني ۽ هرات تائين پهچي، هزارن ماڻهن کي پنهنجي سلسلي ۾ تلقين فرمايائون. ان کان بعد واپس لاهور ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. ان دوران حضرت ميان مير محمد سان پڻ سندن روح رهاڻيون ٿيون. لاهور ۾ ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ گجرات

(۱) تحفةَ الڪرام ص۳۵۴

www.maktabah.org

ويا، ۽ اتان کان پشاور آيا، جتي سندن وفات سن ۱۱۱۵ هجري ۾ ٿي(۱)

قادري سلسلي جو سڀ کان وڏو اثر سنڌ اندر اهو ٿيو، جو مهدويت ۽ اسماعيلي فکر کي ٻنجو اڇي ويو. انهن بزرگن پنهنجي تبليغ جي وسيلي ماڻهن جو هڪ اهڙو گروهه پيدا ڪري ورتو، جن مهدويت جي اثر کي زائل ڪرڻ لاءِ تمام گهٽو ڪم ڪيو. جيئن سهرودي طريقي جي بزرگن اسماعيلي تحريڪ کي بي اثر بنايو، تيئن قادري سلسلي جا اڳواڻ به پاڻ ملهائڻ کان پوئتي نه رهيا. سنڌ جي ڏاکڻين حصي ۾ قادري سلسلي جون درگاهون، ننڍو، بدين ۽ ان جي آس پاس وارن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ قائم ٿي چڪيون هيون. سنڌ جي اترين طرف، سکر، گهوٽڪي، کهڙا ۽ درازن جي آس پاس وارو علاقو قادري سلسلي جي بزرگن جي اثر هيٺ هيو. ان ڏس ۾ مخدوم عبدالرحمٰن شهيد کهڙائي رحمة الله تعاليٰ عليه، وقت جو وڏو عالم، عارف، طريقت ۽ شريعت جو صاحب تمام گهٽو مشهور هيو. سندس خاص دوستن مان گهوٽڪي جو مشهور پير سيد موسيٰ شاهه جيلاني، قادري سلسلي جو وڏو صاحب شريعت ۽ طريقت بزرگ هيو. ٻنهي جون هڪ ٻئي سان روح رهاڻيون ڪافي عرصي کان قائم هيون. ۽ مخدوم صاحب جي شهادت بعد حضرت سيد موسيٰ شاهه جيلاني پورا نو مهينا کهڙن ۾، صرف مخدوم عليه الرحمة جي اهل وعيال جي سار سنيال لاءِ ترسي پيو. مخدوم عبدالرحمٰن رحمة الله تعاليٰ عليه حق گو، بيباڪ، وڏو ڪامل ولي الله بزرگ هيو، ڪيس حق گوئي جي ڏوهه ۾ سن ۱۱۴۵ هجري دوران ڀهانو ٻنائي شهيد ڪيو ويو جو(۲)

مخدوم محمدي بن مخدوم عبدالرحمٰن شهيد، قادري طريقت جو وڏو ڪامل بزرگ ٿي گذريو آهي. اهو بزرگ سيد موسيٰ شاهه گهوٽڪي کان بيعت ٿيو. سندن لاءِ مشهور آهي ته ظاهري طرح مخدوم ابو المعالي نوشهرائي کان سواءِ، ٻي ڪنهن کان سبق ڪونه ورتائون، ۽ ابو المعالي وٽ به صرف ست ڏينهن، درس حاصل ڪرڻ جي نيت سان ويا، ۽ ڪين اڻ پڙهيل ڪتاب کولي ٻڌائيندا هئا.

مخدوم ابو المعالي صاحب اهو معلوم ڪري حيران رهجي ويا ۽ ڪين رخصت ڏيئي چڏيائون. حضرت مخدوم رحمة الله تعاليٰ عليه وڏي ڪشف و ڪرامت جو صاحب هو. چون ٿا ته مخدوم محمد اسماعيل رحمة الله تعاليٰ عليه پريالوءِ وارو سندن

(۱) تذڪره مشائخ قادريه اردو ص۱۷۶

(۲) "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد ٻيو ص۱۶۲

www.maktabah.org

هر عصر ۽ صحبتي هيو، ۽ مخدوم محمدي جي پويان هلندو هيو ۽ فرمائيندو هيو ته مخدوم محمدي جي پيشانيءَ ۾ اسر اعظم آهي، جنهن کي پڻي ڏيڻ جي طاقت اسان کي نه آهي. مخدوم محمدي رحمةَ الله تعاليٰ عليه سان حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمةَ الله تعاليٰ عليه ملاقات ۽ روح رهاٽيون ڪرڻ لاءِ گهي اچي مهمان ٿيو، ۽ پورو هفتو سندس خدمت ۾ ترسي پيو. اهڙي طرح اهو علم ۽ فيض جو اٽاهه سمنڊ، ماڻهن کي فيض و هدايت پهچائيندي سن ۱۱۷۱ هجري دوران ڦوهه جواني ۾ وفات ڪري ويو.

ان ساڳي ئي دور ۾ حضرتُ ميان محمد حافظ، عرف صوفي صاحب ڏنو به ڪمال وارو بزرگ ٿي گذريو. اهو بزرگ شروع ۾ ڪلهوڙن طرفان وڏي سرڪاري عهدي جو مالڪ هيو. جيئن ته هڪ ڏينهن سرڪاري ڪم سانگي ڪوٽڙي ڪان لانگهائو ٿيو ته رستي تي هڪ مجذوب عورت سان ملاقات ٿيس، ان عورت صوفي صاحب ڏني کي چيو ته اي صاحبڏنا! خدا تنهنجي ڪم ۾ آهي، ۽ وري تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ ۽ پوئتي موٽي وڃ، ۽ ان عورت کجهه بيت چئي ٻڌايس. ان بعد صوفي صاحبڏني، دنيا کان تعلق ٽوڙي گوشه نشيني اختيار ڪيائين. سندس گهڻو وقت عبادت الاهي ۽ نفس جي تزڪيي ۾ گذرندو هيو. ڪيس به فرزند ڇاوا. هڪ ميان صلاح الدين، جيڪو سچل جو والد صاحب هو، ٻيو ميان عبدالحق جيڪو ڪانئس پوءِ سجاده نشين ٿيو. حضرت صوفي صاحبڏني سان، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمةَ الله تعاليٰ عليه اچي روح رهاٽيون ڪيون هيون. سندس سال وفات ۱۱۹۲ هجري آهي، ۽ مذڪوره صوفي صاحب قادري سلسلي جو تمام وڏو بزرگ هيو(۱)

مخدوم محمدي جي وفات کان پوءِ، مخدوم احمدي ولد مخدوم عبدالرحمٰن شهيد جو نالو قادري طريقي جي وڏن مشائخن ۾ شمار ٿئي ٿو. مخدوم احمدي قادري طريقي ۾، پير سيد موسيٰ شاهه جيلاني گهوٽڪي واري جو فيض يافته هيو. شرع محمديءَ تي سختي سان ڪاربند رهندو هيو. سندس سال وفات ۱۲۰۳ هجري آهي.

فاروقي خاندان مان خواجه عبدالحق فاروقي رحمةَ الله تعاليٰ عليه قادري سلسلي جو وڏو ڪامل بزرگ ٿي گذريو آهي، هن ان سلسلي کي وڌائڻ لاءِ ارشاد و تلقين جو سلسلو جاري رکيو. خواجه صاحب، هفت زبان صوفي شاعر بزرگ سچل جو

(۱) سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام ص٦

www.maktabah.org

چاچو، مرشد ۽ سهرو پٽ هُيس. هميشه دنيا وارن کان پري رهندو هيو. خيرپوري مير سندس معتقد هئا. سندس وفات جو سال ۱۲۱۴هجري آهي. حضرت خواجه عبدالحق جي وصال کان پوءِ، سندس فرزند ميان قبول محمد گادي نشين ٿيو. جيڪو پٽ باڪمال بزرگ هيو ميان قبول محمد جي وفات جو سال ۱۲۴۵هجري آهي (۱)

حافظ عبدالله درازائي قادري طريقي جو صوفي بزرگ، عالم، عارف، قرآن شريف جو حافظ پٽ هيو. سندس علم ۽ فيض جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو جو حضرت سچل سائين جو استاد هيو، ۽ طريقت ۾ خواجه عبدالحق فاروقي کان قادري سلسلي ۾ بيعت ٿيل هيو. سندس وفات جو سال ۱۲۳۲ هجري آهي(۲)

اهڙي طرح هن ساٹيهه سنڌ اندر، قادري سلسلي جا بزرگ گهٽي انداز ۾ ٿي گذريا آهن، جن مان ٻارهين صدي جي آخر ڌارين، سنڌ جي اترين طرف کان، حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن، سن ۱۱۷۱ هجري دوران تولد ٿيا. پاڻ قادري ۽ نقشبندي طريقن جا مجمع البحرين صاحب ارشاد وتلقين ولي الله هئا. حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٹي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن، ۽ سندن خليفن قادري سلسلي کي سنڌ اندر عام ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. سندن تبليغ ۽ ارشاد سببان جيڪا قادري طريقي کي مقبوليت حاصل ٿي، سا ٻئي ڪنهن بزرگ هٹان ورلي نصيب ٿي هوندي. تمام ٿوري عرصي اندر قادري طريقو سنڌ ۾ نهيو، بلڪ سنڌ کان ٻاهر تائين پکڙجي ويو.

حضرت پير سائين جن کي الله پاڪ جي درگاهه ۾ اهڙي ۾ مقبوليت ۽ پذيرائي حاصل ٿي جو سندن فيض ۽ فضل مان ڪامل ۽ اڪمل خليفا نڪري نروار ٿيا، جن پنهنجي مربي مرشد جي فيض مان، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙ ڇ کان علاوه احمد آباد، جيسلمير، ڪوهستان، ڪابل، قندار ۽ ڪچ ڇ جي رڻ پٽ علاقن ۾ ماڻهن کي فيضياب ڪيو ۽ قادري سلسلي کي زور وڌايو.

علامه قاسمي صاحب الرحيم مشاهير نمبر ۾ لکيو آهي ته سيد محمد راشد باطني فيض پنهنجي والد صاحب سيد محمد بقا شاهه رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن کان پرايو، ۽ ٿوري ئي وقت ۾ سندن طريقي کي اها مقبوليت ۽ شهرت حاصل ٿي

(۱) سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام ص٦

(۲) تذڪره مشاهير سنڌ جلد ۳ ص۳۰۰

www.maktabah.org

جو سنڌ تہ چڏيو، پر راجپوتانہ رياستن ۾ بلوچستان جا لکين ماڻهو پڻ سندن طريقي ۾ داخل ٿي توحيد جو ورد اچارڻ لڳا. (۱)

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن، قادري سلسلي ۾ پنهنجي والد ماجد حضرت سيد محمد بقا شاهہ شهيد لکياري کان بيعت حاصل ڪئي. ان کان اڳ ۾ نقشبندي طريقي ۾ پڻ ڪائن ئي بيعت حاصل ڪئي هئائون، ليڪن خدا پاڪ کين قادري سلسلي جي ترويج ۽ اشاعت واسطي منتخب فرمايو هيو ۽ ان سلسلي موجب ارشاد و تلقين جو سلسلو جاري فرمايائون. پاڻ قادري طريقي موجب ذڪر اذڪار ۽ شغل مشغولين ۾ مصروف رهندا هئا، ۽ پنهنجي مريدن جي تربيت واسطي کين پنهنجي سامهون ويهاري، شغلن ۾ مشغول رکندا هئا تہ جيئن انهن جي تربيت پنهنجي نظر داري هيٺ ٿئي. اولياءَ الله تعاليٰ جو اهو پراڻو دستور رهيو آهي.

حضرت جن بہ اسلاف جي روايت ۽ صوفيانہ روش موجب، پنهنجي مريدن ۽ عقيدتمندن جي اصلاح واسطي مختلف شغل مشغوليون لازم قرار ڏيئي، پنهنجي سر پاڻ تربيت فرمائيندا هئا. ان کان سواءِ ڪي خاص خليفا جيڪي عرفان ۽ نور بصيرت سان ٽمٽار هئا، انهن کي بہ ان ڪم لاءِ نگران مقرر فرمائيندا هئا تہ جيئن جلد کان جلد مريدن ۽ فقيرن کي حقيقت جي آگاهي نصيب ٿئي، ۽ معرفت جي درياهہ ۾ موجزن ٿي محبت الاهيءَ سان سرشار ٿين. خدا پاڪ کين خلوص نيت، ۽ للهييت جي اهڙي مقام تي فائز ۽ مستحڪم فرمايو هيو، جو سندن عمل ۽ شغل ۾ رياءَ ۽ ڏيکاءَ جي بوءِ بہ ڪا نہ ڏسڻ ۾ ايندي هئي. پنهنجي قول ۽ فعل جي هم آهنگي جو اهڙو تہ مثال قائم ڪيائون جو سندن پوري زندگيءَ جي معمولات جي مٽان نظر وجهڻ سان ڪٽي بہ اهڙو نشان يا ڏس ملڻ مشڪل، بلڪ محال آهي. سندن پوري زندگي احڪام الاهيءَ جي بجا آوري ۽ شرع محمدي جي پاسداري ۽ سنت نبوي تي سختي سان ڪاربند رهڻ ۾ صرف ٿي ۽ پنهنجي مريدن خليفن جي پڻ ان ريت تربيت فرمايائون. اهوئي سبب آهي جو اڄ تائين صدين گذرڻ جي باوجود بہ سندن جماعت جي فردن ۾ اهو ساڳيو فيض جاري ۽ ساري آهي، ۽ سندن خانقاهہ عاليہ (پير جو ڳوٺ) تي اڄ بہ غير شرعي رسم رواج ڏسڻ ۾ ڪو نٿا اچن.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي رحمةَ الله تعاليٰ

(۱) "الرحيم مشاهير نمبر ص- ۲۳

www.maktabah.org

عليه جن جي پوري زندگي احڪام الاهي جي تابعداري ۽ مخلوق خداوندي جي ڀلائي ۾ صرف ٿي. سندن شغل ۽ مشغولين ۽ روزمره جي معمولات تي نظر وجهڻ مان معلوم ٿو ٿئي تہ سندن زندگي جو اڪثر حصو ان ڪم جي پورائي ۾ گذرندو هيو. سندن دور ۾ قادري طريقي کي جيڪو فروغ مليو، سو ان دور جي تاريخ تي چگي طرح چٽيل آهي. حضرت جن جي فيض ۽ اثر سببان قادري سلسلي جون وڏيون درگاهون قائم ٿيون. جهڙوڪ خليفو محمود ڪڙيو گهنور وارو (متوفي ۱۲۶۷هـ) خليفو نبي بخش لغاري، (متوفي ۱۲۸۵هـ) خليفو سيد محمد حسن شاهہ سوئي وارو (متوفي ۱۲۵۴) وڏا فيض جا صاحب ۽ علم و ڪمال وارا بزرگ ٿي گذريا آهن. سندن خليفا تہ وڏي مرتبي ۽ ڪشف و ڪرامت جا ڏاڍي هئا. ليڪن انهن خليفن جا خليفا ۽ مريد بہ، وڏي خانقاهن جا وارث بنجي ويا. سوئي واري بزرگ جي فيض مان پرچوندي جو نالو قابل ذڪر آهي. خليفي ڪڙئي واري جي فيض ۽ عرفان مان ٻاهڙمير ۽ بمبئي ۾، قادري سلسلي جون درگاهون قائم ٿيون، ۽ هندستان جي علاقي ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ تبليغ و ارشاد جو سلسلو جاري رکيائون.

اهڙي طرح قادري سلسلي جي بزرگن جو هن ساڻيهہ سنڌ سان، پراڻو سنڌ رهيو آهي. انهن بزرگن پنهنجي تذڪيہ نفس سان گڏوگڏ مخلوق خداوندي جي تمام گهڻي حصي کي گمراهي ۽ اونداهي مان ڪڍي سڌي راهہ ۽ روشني تي هلائڻ خاطر، اهڙا تہ انوکا مثال قائم ڪيا، جو اڄ ڪالهہ جي دور ۾ انهن بزرگن جون سيرتون مشعل راهہ جي حيثيت رکن ٿيون، جنهن جي وسيلي هن معاشري ۾ پائدار امن، ترقي، اتحاد قائم ٿي سگهي ٿو، ڇو تہ قومن لاءِ اتحاد تمام ضروري هوندو آهي، ۽ وري اتحاد ئي امن جي ضمانت مهيا ڪري ٿو.

مذڪوره بزرگن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي بزرگ، جيڪي قادري سلسلي سان لاڳاپيل هئا، تن جو ذڪر مختلف هنڌن تي اچي ٿو. مثلاً خليفي ابوالبرڪات ۽ سندس پوئنرن جي احوال سان گڏوگڏ، خليفي دائود بن شيخ زين العابدين لاءِ مشهور آهي تہ سندن وڏا هن سرزمين تي پهريان قادري خليفا آهن.

مير علي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو تہ "سندن صحيح خليفي هجڻ کان کو بہ انڪاري ناهي." خليفي صاحب جي تعريف ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ "هو بزرگي جي طريقي ۽ سهڻي شان سان وڏو صالح ۽ ڪامل متقي ٿي گذريو آهي." وصال کان پوءِ

www.maktabah.org

سندسن پٽ خليفو عبدالرشيد جاءنشين ٿيو. جيڪو پيءُ وانگر ڪمال بزرگي سان همعصرن ۾ عزت سان رهي، ڏاڍي نيڪي سان گذاري ويو. ان کان پوءِ خليفو زين العابدين جاءِ نشين ٿيو. جيڪوگوشه نشينيءَ ۾ گذاريندو رهيو. ماٺهن جي اچ وچ جام ٿيندي هئس. سواءِ ڪن ٿورن جي ٻين کان سوڪڙيون ۽ تحفا به ڪو نه وٺندو هيو. سندس وفات سن ۱۱۴۸ هجري ۾ ٿي. (۱)

ان کان سواءِ شاهه قادري بدين وارو، شيخ اسماعيل نورائي وارو، حافظ مير خليفو قادري، عبدالحميد قادري ٻوچڑائي بزرگ، شيخ اسحاق قادري، وغيره بزرگن جا نالا، سندن جي تاريخ ۾ اچن ٿا. جيڪي قادري طريقي جا اڳواڻ هئا ۽ ماٺهن کي ان سلسلي موجب وعظ و ارشاد سان مستفيض ڪندا رهيا.

چشتي سلسلي جو مختصر تعارف:

چشتي سلسلي جو باني حضرت ابواسحاق شامي آهي، جيڪو حضرت خواجه ممشاد علو دينوري رحمةُ الله تعاليٰ عليه جو مريد ۽ خليفو هيو. حضرت ابو اسحاق شامي رحمةُ الله تعاليٰ عليه کي چشتي سلسلي جو باني ان ڪري چيو ويندو آهي، جو جڏهن پاڻ خواجه ممشاد علو دينوري رحمةُ الله تعاليٰ عليه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، ته کائنس نالو پڇيائون ته اي درويش! تنهنجو نالو ڇا آهي؟ خواجه ابواسحاق کيس پنهنجو نالو ٻڌايو. تڏهن خواجه ممشاد علو دينوري فرمايوته اي درويش! اڄ کان پوءِ تون ابو اسحاق شامي چشتي جي نالي سان سڏيو ويندين، جو چشت علاقي جي ماٺهن کي تنهنجي ذريعي فيض ۽ هدايت نصيب ٿيندي، ۽ توهان جو خاندان هميشه چشتي چورائيندو. (۲)

حضرت خواجه ابواسحاق شامي چشتيءَ جو سن پيدائش معلوم نه ٿي سگهيو. باقي سندن زندگي جو مختصر احوال جيڪو معلوم ٿيو سو هينئين ريت آهي:

حضرت خواجه صاحب معرفت الاهي حاصل ڪرڻ خاطر تمام گهڻي

(۱) "تحفةُ الڪرام" (سنڌي) ص۵۷۱

(۲) مخزن چشت "اردو" ص ۱۶۱

www.maktabah.org

جدوجهد ۽ کوشش کندا رهيا. هميشہ پاڻ کي ماڻهن کان پوشيده رکندا هئا تہ جيئن ذکر فکر ۾ خلل نہ پوي، ۽ سندن بلند ترين مقام جي ماڻهن کي خبر نہ پوي. پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو حضرت ممشاد علو دينوري رحمةَ الله تعاليٰ عليه جي خدمت ۾ گذاريائون. ايستائين جو پنهنجي مرشد کان خرقہ خلافت حاصل ڪري، پنهنجي مرشد جي ارشاد موجب چشت (۱) ۾ رهڻ لڳا ۽ مخلوقات کي پنهنجي فيض سان مستفيض ڪندا رهيا، ۽ اتان کان ئي سندن چشتي سلسلو شروع ٿيو. پاڻ هميشہ فقيريءَ کي مال ۽ دولت تي ترجيح ڏنائون. هر هڪ ماڻهوءَ کي پاڻ کان بهتر تصور ڪندا هئا. سڀني سان محبت ۽ پيار سان پيش ايندا هئا.

سندن لاءِ مشهور آهي تہ، ڪير بہ وٽن هڪ دفعو ايندو هيو تہ اهو گناهن کان هميشہ لاءِ توبہ تائب ٿي ويندو هيو. دنيا وارن، اميرن کان هميشہ پري رهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، پر جيڪڏهن ڪو امير وٽن ايندو هيو تہ اهو سندن تصرف ۽ ڪرامت سان مال دولت سڀ ڪجهہ غريبن فقيرن ۾ ورهائي ڇڏيندو هيو، ۽ صاحب معرفت بنجي ويندو هيو. جڏهن سماع ٻڌڻ جو ارادو فرمائيندا هئا تہ ٽي ڏينهن اڳواٽ قوالن کي ان جي خبر ڏيندا هئا، ۽پنهنجي عقيدتمندن، دوستن ۽ تعلقدارن کي فرمائيندا هئا تہ تيار ٿيو جو اسان سماع جي محفل قائم ڪنداسون، ۽ ٽي ڏينهن روزا رکندا هئا ان بعد سماع جي محفل قائم ڪندا هئا.

حضرت ابواسحاق شامي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن هميشہ عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريندا هئا، ستن ڏينهن کان پوءِ ٽن ڪارڪن سان روزو کوليندا هئا، ۽ فرمائيندا هئا تہ جيڪا لذت مون کي بکئي رهڻ ۾ اچي ٿي، اهڙي لذت ڪنهن بہ شيءِ ۾ ڪا نہ ملندي آهي.

هندستان ۾ چشتي طريقو حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميريءَ ذريعي مشهور ٿيو، ۽ خواجہ صاحب اجمير شريف کي دين اسلام جي تبليغ جو مرڪز بنايو، سندن دور تاريخ اسلام جو سونهري دور ليکيو وڃي ٿو.

چشتي طريقو، بين طريقن وانگر حضرت علي ڪرم الله وجهہ، کان رسول اڪرم صلي الله تعاليٰ عليه وسلم تائين پهچي ٿو. چشتي طريقي ۾ ڪلمئہ

(۱) چشت هرات جي پر ۾ ٽن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ڳوٺ هيو.

www.maktabah.org

شهادت پڑهڻ وقت الا الله (اثبات) تي خاص زور ڏنو ويندو آهي، ۽ عام طور تي پوري بدن ۽ ڪنڌ کي لوڏيندا آهن. چشتي طريقي جي امتيازي خصوصيت سماع آهي. سماع دوران چشتي حضرات تي هڪ وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي، ۽ گهٽو ڪري رنگين ڪپڑا پائيندا آهن، چشتي طريقي جي بزرگن جو ان ڳالهه تي اجماع آهي ته سچي طالب لاءِ هڪ ذڪر ۽ هيو فڪر ڪافي آهن. ان کان سواءِ ان طريقي جو بنياد هن حديث مبارڪ تي ٻڌائيندا آهن ته "هڪ دفعي حضرت علي ڪرم الله وجهه الڪريم نبي پاڪ عليه الصلاة والسلام کان پڇيو ته، يا رسول الله صلي الله عليه وسلم خدا پاڪ جي رستن مان ويجهي رستي جو ڏس ڏيو. پاڻ ڪريم جن ارشاد فرمايو ته هميشه خدا پاڪ جو ذڪر ڪندو رهه. حضرت علي ڪرم الله وجهه' عرض ڪيو ته ڪهڙي ريت ذڪر ڪيان؟ پاڻ ارشاد فرمايائون ته پنهنجون اکيون بند ڪري مون کان ٻڌ، ان کان پوءِ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن تي دفعا لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جو ورد فرمايو، ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه ٻڌو، ۽ ان کان بعد حضرت علي رضي الله عنه اهڙي طرح ٽي ٽي دفعا ذڪر ڪيو ۽ پاڻ ان کي ٻڌائون. (۱)

سنڌ ۾ چشتي سلسلو:

سنڌ ۾ خواجه معين الدين چشتي اجميري رحمة الله تعالىٰ عليه پنهنجي مرشد شيخ عثمان هاروني سان سير و سياحت جي خيال، ۽ اولياءَ الله سان صحبت ۽ ملاقات خاطر آيو، ۽ ڪجهه وقت هتي ترسي پيو، جيتوڻيڪ سندس سلسلي جو سڌي طرح سنڌ تي اثر نه پيو. ليڪن ان جي باوجود سنڌ، اڻ سڌيءَ طرح چشتي سلسلي کان مستفيض ٿيندي رهي. توڙي جو ان سلسلي جون وڏيون خانقاهون هت قائم ٿي نه سگهيون، تڏهن به ان طريقي کي هتان وارن پسند ڪيو، ۽ فيضياب به ٿيندا رهيا.

ان سلسلي ۾ سيد نظام الدين بکري جو نالو آڳاٽو معلوم ٿو ٿئي. تحفة الڪرام جي روايت موجب پاڻ درويش صفت، چشتي طريقي جو پيشوا بزرگ ٿي گذريو آهي. ڪيس سماع سان گهٽو شوق هوندو هيو، سندس وفات جو سال ۸۲۷ هجري آهي. (۱)

(۱) سبع سنابل مترجم اردو ص ۲۸

(۲) تذڪره مشاهير سنڌ پاڳو ٿيون ص ۲۴۲

www.maktabah.org

ان کان سواءِ شاھ جميل ناگوريءَ چشتيءَ جو تعلق سنڌ سان رھيو، ۽ ھتان جي ماڻھن کي پنھنجي سلسلي ۾ فيضياب ڪندو رھيو. علامہ قاسمي صاحب جن جي بيان موجب، قاضي محمدعاقل سنڌي چشتي جو بہ تعلق سنڌ سان ھو. قاضي سڳورو وڏو درويش صفت بزرگ ٿي گذريو آھي. سندس پيدائش ڪوٽ منڻ ۾ ٿي، ۽ اتي ئي درسگاھ قائم ڪيائين. ان دوران شيخ نورمحمد چشتي مھاروني کان فيض حاصل ڪندو رھيو، ۽ گھڻو وقت عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريندو ھو. ڪائنس فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ونس بزرگ ۽ درويش ايندا ھئا. سندس وفات جو سال ۱۲۳۰ ھجري ٻڌايو ٿو وڃي. (۱)

سيد عبدالله بکري چشتي طريقي جو وڏو پير ٿي گذريو آھي. مغلن جي دور حڪومت دوران، بکر کان سير سياحت ڪندي بھار وڃي نڪتو. سيد شرف الدين احمد بھاري جي درگاھ تان روحاني ارشاد ٽيس تہ اتي ترسي پئو، ۽ ان موجب واپس بکر وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري، بھار ۾ ترسي پيو. ھوڏانھن ڪيس پيءُ ماءُ ڳولينڊا اچي بھار ۾ مليا، ۽ اتي ئي پنھنجي پٽ، سيد عبدالله بکري، جيڪو وڏي خانقاھ قائم ڪري چڪو ھو، ان سان گڏ رھي پيا.

خواجہ سيد محمد چشتي بکري لاءِ مشھور آھي تہ اصل قنڌار جي علائقي مستونگ ۾ رھندو ھيو. سندن مريدي ۽ اثر جو حلقو تمام وسيع ھيو، ان ڪري شاھجھان سان وفاداري سببان اتان لڏي، گجرات ۾ اچي شاھجھان سان ملاقات ڪيائين. شاھجھان ڪيس واپس قنڌار وڃڻ لاءِ چيو، مگر سيد صاحب جڏھن بکر پھتو تہ قنڌار واپس وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري بکر ۾ ترسي پيو، ۽ مير محمد معصوم بکري سان رشتو جوڙي مستقل سڪونت اختيار ڪيائين.

سيد صاحب نھايت درويش، فقير طبع، چشتي سلسلي جو بزرگ ھيو، ۽ بکر جي علائقي ۾ وفات ڪيائين. سيد محمد چشتي ٻارھين صدي ھجري جو بزرگ ھيو. (۲)

قاضي احمد علي سنڌي چشتي بن قاضي محمدعاقل سنڌي (جنھن جو بيان اڳ ۾ ٿي چڪو آھي) چشتي مشائخ جو ھڪ وڏو بزرگ ٿي گذريو آھي. سندس ولادت

(۱) الرحيم مشاھير نمبر ص۷۴

(۲) "تذڪرہ مشاھير سنڌ" جلد اول- ص ۵۷

www.maktabah.org

ڪوٽ منڊ ۾ ٿي. ابتدا ۾ تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪيائين، ۽ طريقت ۾ پنهنجي والد صاحب جي هٿ تي بيعت ڪيائين. ان کان سواءِ پنهنجي والد جي مرشد، شيخ نورمحمد چشتي کان فيض حاصل ڪيائين. والد جي وفات کان پوءِ سندس جاءِ نشين ٿيو ۽ قاضي محمد عاقل جي وفات کان هڪ سال پوءِ، رباني راهه اختيار ڪيائين. قاضي احمد علي سنڌي چشتي جي وفات جو سال ۱۲۳۱ هجري آهي. (۱)

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي اخبار الاخيار ۾ لکيو آهي ته، شيخ عارف چشتي جيڪو حضرت شيخ فريد الدين (گنج شڪر) جي مريدن مان هو، ان کي سيوهڻ ڏانهن خلق کي فيض پهچائڻ لاءِ مرشد موڪليو هيو. (۲)

شيخ صاحب رحمة الله تعالىٰ عليه جن جي بيان موجب چشتي سلسلي جي وڏي پير حضرت شيخ فريدالدين گنج شڪر جو سنڌ سان گهرو واسطو هيو. ان ڪري ئي هن پنهنجا خليفا تبليغ ۽ ارشاد لاءِ موڪليا. جيڪي هت آيا، ۽ ان طريقي موجب تبليغ ۽ ارشاد جو سلسلو جاري رکيائون، ۽ چشتي سلسلي کي سنڌ ۾ وڌائڻ خاطر ماڻهن کي تلقين ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيائون.

(۱) الرحيم مشاهير نمبر ص- ۲۵

(۲) اخبار الاخيار فارسي- ص ٦٩

www.maktabah.org

فصل چوٽون

ان دور ۾ روحاني ۽ مذهبي حالتون

برصغير هندوپاڪ ۾ سنڌ واحد ملڪ آهي، جيڪا صدين کان پنهنجي شاندار ماضي سببان سڄ جيان چمڪندي رهي ٿي. صرف پراڻي ۽ آڳاٽي دور جي ڪري نه، بلڪ منجهس اهڙا درويش ۽ بزرگ ٿي گذريا آهن، جن جي ڪري سنڌ جي تاريخ کي چار چند لڳي ويا، ۽ هينئر تائين سوين سالن گذرڻ جي باوجود، انهن تاريخ ساز شخصيتن جي مقبوليت ۽ پذيرائي ۾ ذري برابر فرق نه آيو آهي، ۽ انهن پلارن جي تعليم ۽ اثر جي روشنائين سان پوري سنڌ جرڪي پئي.

سنڌ جي عظمت جو وڏو سبب ۽ ان جي شهرت جو اصل باعث، اولياء الله ۽ صوفيا ڪرام هئا، جن هن ڌرتي تي تصوف جي تعليم سان گڏوگڏ بيشمار صاحب صدق وصفا پيدا ڪيا. ان کان سواءِ تمام گهڻي تعداد ۾ نامور بزرگ صوفي هتي پڻ ڇڪجي آيا، ۽ هتان کان ئي تربيت، فيض، علم و فضل حاصل ڪري، پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ اسلامي تعليم کي عام ڪيائون.

سنڌ ۾ پهرين هجري صدي جي آخر ۾ عربن جي اچڻ سبب اسلامي تعليم جو بنياد پيو، ۽ اسلامي نظرئي ۽ فڪر جي تبليغ و ارشاد واسطي سرزمين سنڌ کي مرڪز بنائي، ننڍي کنڊ ۾ معرفت الاهي ۽ توحيد خداوندي جي تصور کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اولياءَ الله تعاليٰ ۽ صوفياءِ ڪرام اهم ڪردار ادا ڪيو، ۽ ٿوري ئي وقت ۾ هي ساٿيه علم وعرفان جي آماجگاهه بنجي ويو. جنهن کان پوءِ ڏورانهن هنڌن کان علم ۽ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ٽولن جا ٽولا هتي ايندا رهيا، ۽ ڪي هتي رهجي، ويا جنهن جا خاندان اڄ سوڌا سنڌ ۾ سڪونت پذير آهن.

برصغير ۾ تصوف ۽ اسلام جي حقيقي روح ۽ انقلابي تعليم کي عام ڪرڻ، ۽ ٻيلائڻ ۾ سڀ کان زياده، سنڌ جي بزرگن جو ڪردار آهي. انهن درويشن اهڙي وقت ۾ ان فڪري انقلاب ۽ علمي تحريڪ کي زور ونڊايو، جڏهن هي خطو ٻاهرين حملي آورن جي اک ۾ هيو، ۽ هر ٻاهريون جڏهن به چاهيندو هو ته فوج جا ڪٽڪ ڪاهي، مخلوق خداوندي

www.maktabah.org

کي ناس ڪري هليو ويندو هيو. اهڙي دور ۾ صوفياءِ ڪرام ۽ اولياءَ الله تعاليٰ جون خدمتون وسارڻ جهڙيون نہ آهن، ۽ انهن جو فائدو هر رهواسي کي پهتو.

سنڌ جي بزرگن، عالمن صرف تزڪيۂ نفس ۽ عبادت ۽ رياضت ڪرڻ کي ئي ڪافي نہ سمجهيو، بلڪ ان سان گڏوگڏ مخلوق خداوندي جي مادي تقاضائن کي سامهون رکندي، هڪ طرف روحاني محاذ تي پوري سنڌ کي علمي ۽ عملي طرح سيراب ڪيو، تہ ٻئي طرف سنڌ کي معاشي طرح تباهي کان بچائڻ خاطر ظالمن سان ٽڪر کائڻ کان بہ کونہ ڪيڏايو، ۽ ان ڏس ۾ سنڌ جي سونهاري سيد حضرت پير سائين محمد راشد روضي ڈٹي جو مثال اسان جي اڳيان آهي. سندن دور ۾ شاهہ شجاع سنڌ تي ڪاهي آيو. پاڻ ٻين بزرگن سان گڏجي ڪيس سمجهائي ۽ قتل وغارت کان باز رهڻ جي تلقين ڪري واپس ڪيائون. جنهن ڪري سنڌ ۽ سنڌ وارا هڪ وڏي حادثي کان امان ۾ رهيا (۱)

ان کان سواءِ سندن خاندان جا ڪارناما، اڄ تائين اسلام ۽ ملت لاءِ وسارڻ جهڙا ناهن. بلڪ جيڪڏهن پاڪستان جي تاريخي پس منظر ۽ تفصيلي جائزي ۾ ڈٹو وجي، تہ واضح ٿي ويندو تہ هن خطي ۾ هڪ زبردست عظيم اسلامي مملڪت کي قائم ڪرڻ ۽ وجود ۾ آڻڻ لاءِ، حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي ۽ سندس خاندان جو نالو سرفهرست آهي (۲)

سنڌ جي تاريخ ۾ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڈٹي جو نالو منفرد حيثيت رکي ٿو. سندن دور مذهبي، سياسي ۽ اقتصادي طرح هڪ دلچسپ داستان آهي. تاريخي حيثيت سان ڈٹو وجي تہ ٻارهين صدي هجري وارو زمانو سنڌ لاءِ وڏي اهميت وارو دور رهيو آهي. يعني ان دور کي ٻن حيثيتن ۾ تقسيم ڪرڻ بعد، معلوم ٿيندو تہ هڪ طرف روحاني طرح، اهو زمانو مردم خيز دور هيو، جو هر هنڌ سون جي تعداد ۾ اهل الله، اهل علم، ڪامل اڪمل بزرگ ٿي پيدا ٿي رهيا هئا، تہ ٻئي طرف سياسي طور ساڳيو دور سنڌ ۽ سنڌ وارن لاءِ نهايت ئي آزمائش وارو زمانو نظر اچي ٿو. جيئن تہ سنڌ ۾ مختلف حڪومتن جي الٽ پلٽ، ۽ ڏارين جي مسلسل ڪاهن ڪري حڪمران ڪمزور، عوام پريشان، ۽ معيشت غير مستحڪم هئي. ان وقت جي سنڌ تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ ملڪ ۾ هڪ قسم جي بي آرامي ۽ بي چيني بہ پکڙيل هئي. ملڪ جي انتظام

(۱) ملفوظات شريف مترجم جلداول ص۱۱۱

(۲) تذڪره پيران پاڳارا. ص۵۹

www.maktabah.org

جو ڪو بہ بندوبست ڪو نہ هيو. مرڪز نہ هڻڻ ڪري سنڌ جا سيئي حصا جدا جدا پرڳڻن ۾ ورهايل هيا، جيڪي ڏارين جي اثر هيٺ ڏڻ پرو هيا (۱)

اهڙين حالتن ۾ سنڌ وارن جو سڪون ۽ آرام تباهه ۽ برباد ٿي وڃڻ ڪا عجيب ڳالهه ڪا نہ هئي، بلڪ رد عمل طور تي اهڙن سببن جو نمودار ٿيڻ هڪ فطري عمل هيو، جنهن جي ڪري عام انسانن جي زندگي ۽ مجموعي رهڻي ڪهڻي ۾ اهڙي ريت اثر پذير ٿي.

هتي اسان جو مقصد انهن قصن کي ورجائڻ نہ آهي، بلڪ ان دور جي اصلي ۽ سچي تصوير جي مختصر جهلڪ، پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪرڻ مقصود آهي، تہ جيئن ان دور جي اصلي حقيقت جي تصوير پڙهندڙن جي سامهون اچي سگهي. ان ڪري ضروري ڄاتو ويو تہ ان دورن جي، جدا جدا حيثيتن جو مختصر جائزو ڏنو وڃي.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعالىٰ عليه جن جي پيدائش ڪان اڳ پوءِ وارو دور، مذهبي ۽ روحاني طور تي اهم دور رهيو آهي، ۽ ان دور دوران سنڌ ۾ سون جي تعداد ۾ اهڙا عارف، عالم، بزرگ پيدا ٿيا، جن کي بين الاقوامي شهرت حاصل هئي، ۽ شايد ئي ڪو ڳوٺ يا واهڻ واندو هو جتي ڪو عالم ۽ عارف بالله نہ هجي.

مٿين ڳالهه جي تصديق ۾ مسلمان مؤرخن کان سواءِ غير مسلم مؤرخ بہ ان ڳالهه جو اعتراف ڪري چڪا آهن، جيئن ڊاڪٽر ڇبلاڻي هٺملڻن جي حوالي سان لکي ٿو تہ "ٺٽو علم ۽ روشني جو هڪ وڏو مرڪز هيو. ٺٽي جي شهر ۾ مذهبيات ۽ علم لغات، سياست جي علمن سيڪارڻ لاءِ چئن سون کان وڌيڪ ڪاليج آهن." (۲)

ڊاڪٽر ڇبلاڻي جي مٿين بيان موجب، سنڌ جي هڪ ٺٽي شهر جو جڏهن اهو حال هيو تہ، پوءِ ٻين شهرن ۽ ڳوٺن جي علمي روحاني حيثيت جو ڪاٿو ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ناهي. خاص ڪري ٻارهين ۽ تيرهين صديءَ ۾ تہ سنڌ سان مولا پاڪ جي ڪا خاص عنايت ۽ مهرباني معلوم ٿئي ٿي.

سنڌ جي هر هنڌ، سون جي تعداد ۾ اهڙا صاحب ڪمال بزرگ موجود هئا، جن جي هڪ نظر، ڪيميا اثر ذريعي مرده دليون زنده جاويد بنجي ويون. هزارن انسانن

(۱) قديم سنڌ ص۲

(۲) سنڌ جي اقتصادي تاريخ سنڌي ص۱۹۹

www.maktabah.org

جون زندگيون بدلجي ويون. هي ڈرتي املهه ماڻڪن برگزيده انسانن سان پرپور هئي. انهن پلارن هڪ طرف گمراهه پٽڪيل انسانن کي الله پاڪ جي معرفت جودرس ڈنو، ۽ ٻئي پاسي حق ۽ناحق، سچ ۽ ڪوڙ کي پرکڻ جو پڻ پيمانو سمجهايو. ظلم ۽ ڪروڌ خلاف پنهنجو آواز بلند ڪيو. مظلوم جي دادرسي، ۽ ظالم سان جنگ جوٽڻ کان به ڪونه ڪيبايائون. ان دور جي عالمن ۽ عارفن، بزرگن، درويشن، صوفين سچائيءَ جو ساٿ ڈنو، ۽ ان تي اهڙو ته سختيءَ سان قائم رهيا، جو جابر ظالم حڪمرانن تي جڻ سندن نظر ئي ڪانه پوندي هئي، ۽ ڪين سچ سان پيار ۽ ڪوڙ ۽ دوکي کان سخت نفرت هئي.

هتي صرف هڪ ٻه مثال پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ پيش ڪجن ٿا، ته جيئن هر عام خاص لاءِ پڻ نصيحت ٿئي ته ڪيئن نه، الله پاڪ جي ٻانهن بغير ڪنهن خوف ۽ ڊپ جي جابرن، ظالمن کي سچ ۽ حق جي تلوار سان زير ڪري خاموش ڪري ڇڏيو.

ملفوظات شريف روضي ڈٹي رحمةُ الله تعالىٰ عليه ۾ آهي ته" هڪ دفعو حضرت پير سائين جن پاڻ ڪنهن مسڪين جي دل معاف ڪرائڻ خاطر حيدرآباد جي ميرن وٽ تشريف وني ويا. ان وقت مير غلام علي ٽالپر سنڌ جو حاڪم هيو،ان ڪري هڪ مسڪين جي جان آزاد ڪرائڻ خاطر مير صاحب کي سفارش ڪيائون. مير صاحب گفتگو دوران اڻ سڌيءَ طرح مٿن اعتراض ڪيا. ليڪن پاڻ مير صاحب کي واضح نموني چٽو ڪري ٻڌايائون ته اسان هتان کان تيستائين ڪيڏانهن به نه ويندا سون، جيستائين هن مسڪين کي معاف ڪري آزاد نه ڪندؤ(۱)

ٻئي هنڌ ملفوظات ۾ آهي ته، مير سهراب خان ٽالپر والي خيرپور جي شڪار گاهه مان هڪ دفعو سندن صاحبزادو شڪار ڪري آيو، جنهن تي مير کي ڏاڍي منيان لڳي ۽ ڪاوڙ جهل نه ڏنس. تڏهن حضرت پير سائين جن ڏانهن پنهنجو ماڻهو موڪلي، اڻ سڌيءَ طرح پنهنجي زهر کي به ظاهر ڪيائين ۽ اٽلندو مٿن ٽورو ۽ مهرباني ڪرڻ خاطر، ڪين چوائي موڪليائين ته اي پير صاحب! توهان جو نينگر اسان جي ڪيڻيءَ مان شڪار ڪري آيو آهي، اسان کي صرف پنهنجي پاڙي جو خيال ٿئي ٿو، نه ته توهان کي سيڪت سيڪاري ڇڏيون. پاڻ ان قاصد کي جواب ۾ فرمايائون ته وڃي مير سهراب کي چؤ ته اسان توکان خائف ڪونه آهيون، ۽ نه وري تنهنجي پاڙي ۾ آهيون، بلڪ تون اسان

(۱) ملفوظات شريف، مترجم سنڌي جلد۱ ص۱۹۵

www.maktabah.org

جي پاڙي ۾ آهين(۱)

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن طبعًا فقير ۽ فياض هئا. ليڪن حسيني خون منجهن موجود هيو، ۽ سچ ۽ حق جو درس ڏيڻ کين ورثي ۾ مليو هيو. ان ڪري ڪڏهن به حاڪمِ وقت جي خوشامد نه ڪيائون، ۽ نه وري سچ ۽ حق جي رستي کان پوئتي پير پاتائون، بلڪ بي باڪيءَ ۽ بيخوفيءَ سان حاڪمن کي به صاف ٻڌائيندا هئا. سندن مڪتوبات شريف جي پهرين خط مبارڪ ۾ اهڙوئي اشارو آهي، جنهن مان صاف ظاهر آهي ته کين حاڪمن جي ڪنهن به قسم جي پرواهه ڪانه هئي. پاڻ ڪڏهن به ڪائن مرعوب ڪونه ٿيا، ۽ خليفةَ الله جي منصب جي پاسداري ڪندي هميشه حق ۽ سچ جو ساٿ ڏنائون. جيڪڏهن ڪو سائل يا مظلوم وٽن دانهن ڪٽي ايندو هيو، ته فوراً ان جي دادرسيءَ لاءِ حاڪمن جو دروازو کڙڪائيندا هئا، ته جيئن جلد کان جلد ان مسڪين ۽ مظلوم جي دادرسي ٿئي. ظاهري فقيري ۽ مسڪيني هوندي به سندن خانقاهه ۽ دربار تان هزارين ماڻهو، ننگر مان کاڌو کائيندا هئا. سندن زندگي مبارڪ پارس جيان هر هڪ لاءِ اڪسير هئي. جيڪو به سندن خدمت ۾ پيش پوندو هيو ته فيضياب ٿي ويندو هيو.

ان دور جي سنڌ بابت جناب شيدائي صاحب لکي ٿو ته "بزرگان دين جي تبليغي ڪوشش، ۽ روحاني فيض ڪري، هن صوبي جون غير مسلم هندو قومون به اسلام جي دائري ۾ شامل ٿي رهيون هيون."(۲)

ان متين قول مطابق حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽيءَ جن کي الله پاڪ اهڙو ته تصرف ۽ ڪمال عطا ڪيو هيو جو جيڪڏهن کو غير مسلم ۽ هندو کين ڏسندو هيو ته ڏسڻ شرط ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويندو هيو. ڳالهه ٿا ڪن ته، هڪ دفعو پاڻ کهڙن جي شهر ۾ تشريف فرما ٿيا، ۽ اهو ڏينهن جمعي جو هيو، جمعي جي نماز ادا ڪرڻ لاءِ مخدوم محمد عاقل رحمةَ الله تعاليٰ عليه جن سان گڏجي جامع مسجد ڏانهن روانا ٿيا. رستي ۾ هڪ مئل ڪڪڙ پيو هيو. جنهن کي مخدوم صاحب ٽڏو هنيو ته اهو ڪڪڙ الله پاڪ جي قدرت سان جيئرو ٿي پيو. آخر جنهن وقت مسجد شريف ۾ پهتا ته حضرت مخدوم محمد عاقل رحمةَ الله تعاليٰ عليه پير سائين جن کي سيد زادي هئڻ ڪري، جمعي

(۱) ملفوظات مترجم سنڌي جلد ۵ ص۱۹۹

(۲) تاريخ تمدن سنڌ ص۴۴۵

www.maktabah.org

نماز جي امامت ڪرائڻ لاءِ چيو. پاڻ فرمايائون ته مخدوم صاحب! توهان اسان کي جمع نماز پڙهائڻ جو حڪم ڪيو آهي، هاڻي اسان جي مرضي، جنهن کي اسان جمع جي نماز پڙهائڻ لاءِ چئون. ائين فرمائي هڪ مريد کي فرمايائون ته مسجد شريف کان ٻاهر جيڪو ماڻهو توکي نظر اچي، ان کي وٺي اچ، ته اهواچي جمتي جي نماز پڙهائي. فقير صاحب جيئن مسجد کان ٻاهر نڪتو، ته سامهون هڪ هندو چٽن جو ٽالهه مٿي تي رکيو پئي آيو. فقير صاحب مرشد جي حڪم موجب، ان هندوءَ کي حضرت جن جو اهو حڪم ٻڌايو. پوءِ اهو هندو هلڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ غسل ڪري، ڪپڑا بدلائي مسجد شريف ۾ داخل ٿيو. پاڻ تصرف سان ان غير مسلم کي مسلمان فرمائي اندر اجاري صاحب علم ۽ عرفان بنائي ڇڏيائون، ۽ ان نومسلم سندن ارشاد موجب خطبو ۽ نماز اهڙي ته سهڻي نموني سان پڙهائي جو سڀ حاضرين حيران رهجي ويا. آخر جڏهن نماز کان سڀ فارغ ٿي واپس وڃڻ لڳا، ته حضرت جن مخدوم صاحب کي مخاطب ٿي فرمايو ته اي مخدوم صاحب! مئل ڪڙ کي زنده ڪرڻ کا وڏي ڳالهه نه آهي، ليڪن مئل دل کي زنده ڪرڻ بيشڪ وڏي ڳالهه آهي(۱)

نگاه ولی میں یہ تاثیر دیکھی
بدلتي هزاروں کی تقدیر دیکھی

اهڙيءَ طرح الله پاڪ جي پيارن ڀانهن هر دور ۾ پاڻ موڪيو خاص ڪري ٻارهين صدي هجري کان وٺي تيرهين صدي تائين هن وادي مهراڻ جو ته رنگ ئي نرالو هو. هڪ قسم جي ساموندي لهر هئي جيڪا پنهنجا جوهر ڏيکاري ويئي.

ان دور ۾ سياسي حالتون:

سنڌ جي تاريخ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته، سنڌ جي تاريخ تمام پراڻي ۽ آڪاڻي آهي. هتي ڪيترين ئي قومون پيدا ٿيون، جن پنهنجي حرفت ۽ دانائي سان دنيا جي تختي تي پنهنجو سڪو جمائي ڇڏيو. فطرت هن سرزمين جو ماضي نهايت شاندار ڪيو آهي، ۽ هن جي زرخيزيءَ، ڪيترن ٻاهرين نسلن کي هتي ڇڪي آندو، جن مان ڪجهه خاندان هت مستقل طور رهجي ويا، ۽ ڪي وري سير سياحت ڪندي واپس هليا ويا. (۲)

(۱) صدري روايت از علامه مفتي عبد الرحيم سڪندري
(۲) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص ۵

www.maktabah.org

سنڌ جي عروج ۽ زوال واري تاريخي مطالعي مان اها ڳالهه چگي ريت ثابت ٿي آهي ته، ڪيس اهڙي ڏکئي ۽ مشڪل سفر مان پار پوڻ لاءِ تمام اونهين لاهين چاڑهين مان گذرڻو پيو. هتي صرف مختصر طور ٻارهين صدي هجري ۽ ٽورو ان کان اڳ پوءِ واري زماني جون سياسي چڪريون بيان ڪجن ٿيون، جيڪي اهم هٿ سان گڏوگڏ سبق آموز پڻ آهن. جن جي ڄاڻڻ بعد اسان کي ان وقت جي حاڪمن جي، ڏارين آڏو بيوسي، ۽ رعيت جي ڏيهي حاڪمن اڳيان بي قدري جو پتو پوي ٿو.

هن جاءِ تي سيني ڳالهين جو تمام مختصر طور بيان ڪرڻ جو پيو مقصد هي به آهي، ته اهڙي ڏکئي وقت ۾ سنڌ جي عالمن، عارفن ۽ بزرگن جو ملڪي مفادن ۽ رعيت جي پلائي ۾ سياسي ڪردار ڪهڙو رهيو؟ ڇا انهن نيڪ سيرت انسانن اهڙي دور ۾ صرف ذاتي زهد وعبادت کي ئي ڪافي سمجهيو، يا ملڪ ۽ قوم لاءِ به ڪجهه سوچيو ۽ ڪيو هو.

سرزمين سنڌ تي اهڙن املهه ماڻڪن جي ڪا به ڪمي نه رهي، ۽ صدين کان اهو سلسلو هلندو اچي، هوظاهري طرح پنهنجي حجرن ۾ پٽ تي ويٺل هئا ليڪن، سندن فرمان بادشاهن تي به هلندو هيو. اهڙن حق گو عالمن، عارفن، بزرگن مان راشدي خاندان جي سرواڻ، حضرت روضي ڏٹي جو نالو سنڌ جي عظيم روحاني ۽ سياسي رهبر جي حيثيت سان سامهون اچي ٿو. جو پاڻ ڏکئي وقت ۾، سنڌ ۽ سنڌين کي روحاني، سياسي طور تي رهنمائي ڪندي پاڻ پتوڙيندا نظر اچن ٿا.

ٻارهين صدي هجريءَ جي آخر وارو دور، سنڌ لاءِ نهايت اهم ۽ سبق آموز دور رهيو آهي. ان وقت سنڌ جا حاڪم ڪلهوڙا هئا، جيڪي اصل ۾ پيري مريديءَ جي سلسلي کي زور وٺائيندي سنڌ جا حڪمران بنجي ويا، ۽ آخر ۾ مغليه حڪومت جي ڪمزوريءَ مان فائدو وٺندي، سنڌ تي پنهنجو تسلط قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. (١)

ڪلهوڙا ڪنهن وڏي بهادر قبيلي جا سردار ڪونه هئا، سندن اقتدار ۾ اچڻ مذهب، شريعت ۽ اسلام جي نالي ۾ ٿيو، هو ظاهري بزرگي، تصنع ۽ حڪومتي رعب جي نمائش، عياش زندگي گذارڻ، سندن طبعيت جاجزا ٿي پيا هئا. پنهنجي طاقت، حڪومت ۽ مذهبي اثر قائم رکڻ واسطي هر طرح جي منصوبن، دغابازين، خونريزين،

(١) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص ٢٣

www.maktabah.org

بزرگن، درويشن کي تنگ ڪرڻ، ويندي قتل ڪرائڻ کان بہ دريغ نہ ٿي ڪيائون. سندن سارو توجھ عوام جي پلائي، ترقي ۽ ملڪ جي سڌاري ۽ واڌاري جي عيوض، پنھنجي حڪومت ۽ ملڪيت وڌائڻ ۽ بزرگي قائم رکڻ تي صرف ٿيڻ لڳو. (۱)

بارھين صدي هجري جي آخر ڌارين سن ۱۱۷۱ هجري مطابق ۱۷۵۷ع ۾ حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڏٽي رحمة الله تعالیٰ عليه تولد ٿيا. ان وقت سنڌ جوحاڪم ميان غلام شاھ ڪلھوڑو ھيو، جيڪو ان ئي سال سنڌ جو حاڪم مقرر ٿيو. ميان نورمحمد ڪلھوڑي سن ۱۱۶۷ھجري ۾ وفات ڪئي. (۲)

ميان جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ميان محمد مراد ياب خان تخت نشين ٿيو، ميان محمد مراد ياب خان پنھنجي حڪومت کي مضبوط ڏسڻ خاطر احمد شاھ دراني ۽ سان دوستيءَ جو ھٿ وڌايو، ۽ ڪيس خوش رکڻ خاطر تمام گھٽي انداز ۾ ڏن ڏيئي سربلند خان جولقب حاصل ڪيائين. ميان محمد مراد ياب خان ڌارئين حاڪم کان اھڙو لقب حاصل ڪري پاڻ پائڻ ۾ لڳي ويو، ۽ ملڪي انتظام ۽ رعيت جي سار سنڀال بدران عام رعيت کان سواءِ پنھنجي فوجي سردارن سان بہ ڪا نہ رھايائين. اڳتي هلي جنھن جو نتيجو اھو نڪتو جو ڪيس معزول ڪري سندس پاءُ ميان غلام شاھ کي گاديءَ تي ويھاريائون. (۳)

ميان غلام شاھ ڪلھوڑو تمام سياڻو ۽ قابل حاڪم ھيو، ليڪن پوءِ بہ ڪيس خانداني جڪيڙن کان نجات ڪا نہ ملي، ۽ دور حڪومت شروع ٿيڻ سان ئي ھڪ خوني ويڙھ ۾، ڪيترائي ماڻھو مارائي تخت تي مڪمل طرح قبضو ڪيائين. اھا لڙائي سندس ننڍي پاءُ عطر خان ۽ ان جي ساٿين درميان روھڙي جي پر ۾ لڳي. (۴)

غلام شاھ ڪلھوڑي جي تخت نشيني کان پوءِ، ڪلھوڑن جو دور شروع ٿيو، ۽ ان سان گڏوگڏ سمورو ملڪ آپيشاھيءَ جي ڏڪيڙ ۾ گرفتار ٿي ويو. ڪيترين خونخوار جنگين لڳيون، ٻاھران حملا ٿيا، سنڌ سياسي هيجان ۽ هنگامن ۾ مبتلا ٿي

(۱) "پيغام لطيف" ص ۳۴

(۲) ميان نورمحمد جي وفات جو سال جناب رحيم داد مولائي تاريخ تمدن سنڌ ۾ ۱۱۶۸ھجري لکيو آھي، جيڪو اصل ۾ ائين ناھي، ۽ ميان نورمحمد جي وفات جو سال ۱۱۶۷ هجري آھي. ڏسو تحفة الڪرام ص ۲۷۶، تاريخ سنڌ عهد ڪلھوڑا ص ۵۳۸ ۽ لب تاريخ سنڌ، ص ۱۵۲، سنڌ جون تاريخي ڪھاڻيون ص ۲۴۴

(۳) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص ۲۵

(۴) تاريخ سنڌ عهد ڪلھوڑا ج ۲ ص ۵۹۹

www.maktabah.org

ويئي. (۱)

کلهوڑا حاکر پنهنجي حڪومت، شخصي راج تي هلائيندا آيا. سندن حڪومت جا کاردار اکثر بلوچ هئا، جن جي مدد ۽ سهکار سان حڪومت هلائيندا رهيا. جيستائين بلوچ سردارساڻن مددگار هئا تہ سندن حڪومت بہ سلامت هئي، جڏهن انهن پنهنجي پراڻن وفادارن سان زيادتيون شروع ڪيون تہ سندن حڪومت ڪمزور ٿي ويئي، ۽ آخر انهن جي ئي هٿان مٽن زوال آيو. بلوچ، کلهوڑن جي فوج ۾ پرتي ٽيل هئا، ۽ هر خطوي کي چگي طرح منهن ڏيڻ لاءِ، صلاحيت منجهن موجود هئي، ليڪن کلهوڑن سنڌي بلوچن جو ڪو بہ قدر ڪو نہ ڪيو ۽ نتيجي ۾ ڪين سنڌ جي صاحبي کان بہ هٿ ڏوئڻا پيا (۲)

ميان غلام شاهہ ۱۱۸٦ هجري مطابق ۱۷۷۲ع ۾ فوت ٿيو، ۽ انهيءَ سال ميان سرفراز پنهنجي پيءُ جي جاءِ تي مسند نشين ٿيو. احمد شاهہ درانيءَ بہ ۱۱۸۷هجري مطابق ۱۷۷۳ع کابل ۾ قتل ٿي ويو، ۽ سندس پٽ تيمور شاهہ تخت تي ويٺو. ميان سرفراز خانداني روايت موجب، افغان حاکر جي خوشامد ڪري خدا يار خان جو لقب حاصل ڪيو ۽ پنهنجي وڏي وزير ميرر بهرام خان ۽ سندس پٽ ميرر صوبدار کي بناکنهن سبب جي مارائي ڇڏيائين. (۳)

محمد خان، غلام شاهہ جو ٻيو نمبر پٽ سن ۱۱۸۹هجري مطابق ۱۷۷۵ع گادي تي ويٺو. جيئن تہ اهو بہ پنهنجي پاءُ وانگر حڪومت ڪرڻ ۽ انتظامي معاملن ۾ بي خبر ۽ بي سمجهہ هيو، جنهن ڪري ان ئي سال کيس معزول ڪري، سندس چاچي ميان غلام نبي کي سن ۱۱۸۹ هجري مطابق ۱۷۷۵ع ۾ گاديءَ تي ويهاريو ويو. (۴)

ميان غلام نبي چالاڪ ۽ سياڻو حاکر هيو. ان ڪري اڳواٽ ئي اهڙو بندوبست ڪرڻ چاهيائين. ميرر بهرام جو پٽ ميرر بجار خان جيڪوعربستان ويل هيو، تنهن کي رستي ۾ ئي ختر ڪرائڻ جي ڪوشش ڪيائين. ميرر بجار جيئن ئي عربستان کان واپس آيو، ۽ کيس اها خبر پئي تہ ميان غلام نبي کيس مارائڻ چاهي ٿو، جنهن تي

(۱) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص ۲۴۴

(۲) حيدرآباد شهر ٽالپرن جي دور ۾ ص ۱۳

(۳) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص ۲٦

(۴) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص ۲٦

www.maktabah.org

منجهس نفرت ويتر وڌي. آخر ميان غلام نبي ۽ مير بجار جي وچ ۾ لڙائي لڳي، جنهن ۾ ميان غلام نبي مارجي ويو. (۱)

ميان غلام نبي جي مارجڻ بعد سندس ئي پاڻ ميان عبدالنبي کي مير بجار خان جي مرضي ۽ مشوري سان تخت تي ويهاريو ويو. ميان عبدالنبي حڪومت جي واڳن سنڀالڻ بعد سڀ کان پهريائين جيڪو پلوڪر ڪيو، سو اهو هيو جو پنهنجي عزيزن، ويجهن مائٽن کي قيد ڪرائي، ناحق قتل ڪرائي ڇڏيائين. انهن مقتولن ۾ ميان سرفراز، ميان محمد خان، ميان محمود ۽ عطر خان شامل هئا، جن کي ميان عبدالنبي پنهنجي حڪومت جو دعويدار، هاجيڪار تصور ڪندي پنهنجي رستي تان هٽائڻ خاطر اهو ڪارنامو سرانجام ڏيئي تسلي ۽ بيفڪريءَ سان حڪومت ڪرڻ لڳو.

ان دوران افغان حاڪم کي ڏڻ نه ڏيڻ سبب، محفوظ خان جي سپهه سالاري هيٺ وڏو لشڪر سنڌ تي ڪاهه ڪري آيو، ليڪن ان وقت ميان عبدالنبي، مير بجار جي طاقت ۽ مدد سان فتحياب ٿيو. تنهن هوندي به ميان عبدالنبي کي مير بجار سان جيڪا دشمني، ساڙ ۽ حسد هيو، ان ۾ ذري برابر ڪمي ڪا نه ٿي، بلڪ ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. آخر ان حد تائين ميان عبدالنبي پهچي ويو، جو جوڌپور جي راجا کان جلاد گهرائي پنهنجي سامهون مير بجار کي سن ۱۱۹۴ هجري مطابق ۱۷۸۰ع دوران قتل ڪرائي ڇڏيائين. (۲)

ميان عبدالنبي جڏهن حڪومت جون واڳون سنڀاليون ته انتظامي بندوبست مير بجار جي هٿ ۾ رهيو. مير صاحب جي مرضي هئي ته انتظام درست ڪري امن جي فضا قائم رکي وجي، ڇو ته گهٽي وقت جي خانه جنگي سبب اطمينان واري فضا قائم نه رهي هئي. ملڪ جا ڪيترائي علاقا تباهه ٿي چڪا هئا. هُن انهن برباد ٿيل علاقن کي نئين سر آباد ڪيو. (۳)

مير بجار خان جي قتل بعد ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ اهڙا ته ڏار پيا، جنهن جو ڪو به بندوبست ٿي نه سگهيو. ميان عبدالنبي پنهنجي حڪومت جي مضبوطيءَ لاءِ گهٽيون ئي سر ٽوڙ ڪوششون ڪيون. هيڏانهن هوڏانهن ڊڪيو ڊوڙيو، ليڪن ڪيس

(۱) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص ۲۶
(۲) سنڌ جو شاهنامو ص ۲۸
(۳) تاريخ سنڌ ص ۳۷۷

www.maktabah.org

ڪجھ بہ نہ وريو. مير بجار خان جي موت، ھڪ دفعو وري سنڌ جو امن ۽ اطمينان تباھ ڪيو، مير صاحب جي ڪوشش سان ملڪي اتحاد جي فضا قائم ٿي ھئي، ھڪ دفعو وري انھيءَ تي پاڻي ڦري ويو. مطلب تہ سنڌ جي انھيءَ سپوٽ کي ختم ڪيو ويو، جو ملڪي اتحاد، امن ۽ انصاف جو ٽنڊو ھو. افسوس انھي تي بہ آھي تہ اھڙي جوان مرد کي قتل ڪرائڻ کان پوءِ، سنڌ جي سر زمين جو ھڪ ٽڪر (عمرڪوٽ وارو حصو) جوڌپور جيٌ راجا جي حوالي ڪيو ويو، ۽ ڪجھ عرصي تائين انھيءَ سرزمين تي راجا جي حڪومت رھي. (۱)

ميان عبدالنبي مير بجار جي ناحق قتل ڪرائڻ بعد ھل وڃيال سميت راتورات قلات ڏانھن ڇڄي ويو. (۲)

ميان عبدالنبي جي ياڇ بعد، ٽالپرن پنھنجي وفاداري ۽ نمڪ حلاليءَ جو ثبوت ڏيندي، ڪلھوڙن مان ئي ميان صادق علي کي گادي تي ويھاري ملڪي انتظام ۾ سندس ٻانھن ٻلي ٻٽيا. (۳)

ليڪن حڪومتي انداز ۾ نا تجربيڪاري ڪري ۾ پاسي وارن نوابن ۽ راجائن کي سنڌ ھڙپ ڪرڻ جو خيال دل ۾ پيدا ٿيو، ۽ ان دوران جوڌپور جي راجا، ۽ قلات جي حاڪم مير نصير خان، مير زرڪ خان کي سپھ سالار بنائي سنڌ حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليو، ليڪن ٻنھي کي بري طرح شڪست نصيب ٿي. (۴)

ان دوران ميان عبدالنبي، قلات جي حاڪم کي درخواست ڪئي تہ جيڪڏھن دوبارو مون کي سنڌ جون واڳون ڏيارين وڃن تہ ڪيس ٿي لک روپيا نقد، ۽ ڪجھ علاقو حوالي ڪندو.

ميان عبدالنبي، جڏھن مير نصير خان طرفان مدد ڪرڻ، ۽ ڪيس حڪومت وڃائي ڏيڻ وارا خواب پورا ٿيندي نہ ڏٺا، تڏھن تيمور شاھ وٽ دانھين پھتو ۽ ڪائنس مدد طلب ڪيائين. افغان حاڪم جيڪي اڳ ۾ ئي قتل غارتگري ۽ ڦرلٽ تي ھريل ھئا، تن کي ميان جھڙو غدار ملي ويو. ان ڪري افغان لٽيرن بہ سنڌ تي چڙھائي ڪندي دير ئي ڪا نہ

(۱) تاريخ سنڌ ص ۳۸٦
(۲) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص ۲۷
(۳) سنڌ جو شاھنامو عرف ڪلھوڙن جي ھار ص ۴
(۴) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص ۲۷

www.maktabah.org

ڪئي، ۽ مدد خان جي سرڪردگي ۾ هڪ لشڪر تيار ٿيو. تيمور شاهه نصير خان کي حڪم ڪيو ته سنڌ تي ڪاهه دوران ميان عبدالنبي جو طرفدار بنجي لشڪر جي مدد ڪري. ان دوران مدد خان پٺاڻ ديري غازي خان کان ٽيندو سنڌ ۾ قهر الاهي بنجي ڪڙڪيو، ۽ عمرڪوٽ تائين سنڌ ڦري ناس ڪيائين. (۱)

حڪمرانيءَ ۽ مسند جي لالچ ميان عبدالنبي جي اکين تي پٽي چاڙهي ڇڏي. هن پنهنجي خواهشن جي پورائي لاءِ پراون کي ڇڏي، پنهنجن کي مارايو. انهن جي عزت ۽ مال کي جوکو رسايو، ۽ سنڌ جو امن ۽ سکون هڪ دفعو وري تباهه ٿي ويو. مدد خان جو لشڪر جتان لنگهيو، اتان آبادي ويران بڻجي ويئي. عوام ظلم جي گهاٽي ۾ پيڙجي ويو. هر طرف واويلا مچي ويئي، لڇون لٽجي ويون. شرافت جو دامن تارتار ٿي ويو (۲)

مطلب ته ان خود غرض لالچي انسان، اقتدار جي بکئي، سڄي سنڌ کي آڙاهه ۾ اڇلائي ڏنو ڪيو، ۽ مدد خان جي ڪاهه جي ڪري سڄي سنڌ لرزي ويئي. هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو موت جي گهاٽ چڙهي ويا. شهر لٽجي، ڳوٺ تباهه ٿي ويا. مدد خان به ميرن سان سنئن سڌو مقابلي ڪرڻ بدران بهاولپور جي نواب جي وچ ۾ پوڻ تي هڪ دفعو وري ميان عبدالنبي کي زور زبردستي سان سنڌ مٿان ٽاڪي قندار واپس هليو ويو. آخر ميان عبدالنبي هڪ ڏينهن وڃه وڻي سن ۱۱۹۷هجري مطابق ۱۷۸۲ع دوران مير فتح خان ۽ مير عبدالله خان کي مارائي ڇڏيو.

ميان عبدالنبي طرفان ميرن سان ٻيو دفعو ڏوکي ڪرڻ ڪري، ٽالپرن مير فتح علي خان جي سپهه سالاري هيٺ، مير سهراب خان، مير ٺاروخان، نواب ولي محمد خان، گڏجي فوج ساڻ ڪري حيدرآباد تي ڪاهه ڪري آيا. ميان، ٿوري مقابلي بعد هالاڻي طرف پڇي ويو. ميرن سندن پيڇو ڪيو، ۽ هالاڻي ۾ سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ ميرن کي سوپ حاصل ٿي، ۽ ڪلهوڙن جو همیشه لاءِ خاتمو ٿي ويو. (۳)

ميان عبدالنبي هالاڻيءَ مان شڪست کائي قلات پڇي ويو. اُتان تيمور شاهه وٽ دانهين پهتو، تيمور شاهه سنڌ بدران ڪيس ديرهه جات جون جاگيرون حوالي ڪيون.

(۱) سنڌ جي اقتصادي تاريخ ص ۲۷ ايضاً خيرپور جي ميرن جو ادب ۽ سياست ۾ حصو ص۲۳

(۲) تاريخ سنڌ ص ۳۹۳

(۳) سنڌ جو شاهنامو عرف ڪلهوڙن جي هار ص ۸

www.maktabah.org